Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهه اويار

0344 3919786

0300 3404488

پل تي ويٺل هڪ نوجوان

[ڪهاڻين جو مجموعو]

ڪيهر شوڪت

قيمت ڇهه روپيه

رابيل پبليڪيشنس
پوسٽ باڪس 61، لاڙڪاڻو
سنڌ

ڇپائيندڙ :- نظام عباسي

ڇپيندڙ :- مدينه پرنٽنگ پريس لاڙڪاڻو

ٽائيٽل ڪيليگرافي:- راز ناٿن شاهي

ڇاپو:- پهريون

تعداد:- هڪ هزار

ڇپجڻ جو مهينو:- آڪٽوبر ۱۹۷۹

ملڪ آگاٽي ڪي.

SOORIH SINDHI ADAB

ڪهاڻيون

- پوئيون تاريخون
- گهٽ
- ڏياون جي پيداوار
- سوٽ
- قابيل جو جنم
- ٻچڙو
- پل تي ويٺل هڪ نوجوان

SOORIH SINDHI ADAB

ڪهاڻين کان اڳ ـــــ

پيش لفظ يا ان جهڙو ڪجهه لکڻ-لکرائڻ جو ضرور نه سمجهندي به ڪهاڻين آڏو پاڻ طرفان ڪجهه لکڻ جي مجبوري ٿي، مونکان هي سڀ ڪجهه لکرائي رهي آهي!

ادب لاءِ ڪابه ڊاڪٽرائين ادب لاءِ نٿو سمجهان ڪهڙي به ازم ڪيڏي به چلاڪيءَ چونه هجي. ساهت لاءِ منهنجي خيال ۾ هاڃيڪار آهي. ادب هر ازم کان مڪت آهي. هجڻ کپي. ادب پنهنجو پاڻ ۾ مڪمل آهي ساهت تي پنهنجي ماپ، ماڻ طور طريقا آهن. لهجو انداز آهي. ساهت کي ڪنهن ٻيءَ ڌارا سان سلهاڙڻ مورکتا آهي. ۽ مورک ماڻهو ئي ادب تي پنهنجي پنهنجي دلچسپ ڊاڪٽرائين مڙهڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندا آهن.

ساهت سياست تي، سياست ساهت تي اثر انداز ضرور ٿئي ٿي. ان کان ڪي بيوقوف ئي انڪار ڪندا آهن. ڪن ٿا. پر ساهت تي رڳو سياست ئي نه پر ٻيون شيون به اثر ڇڏن ٿيون. جيئن ادب، پڻ ٻيون شيون تي به اثر وجهي ٿو. اها ڳالهه به سياست جي دهلارين ڪي مٿي ۾ ويهارڻ ڪيپ پر هتي ان ڳالهه (ساهت، سياست) جو ذڪر سون انڪري ڪيو آهي ته هر شئي جو ڪن ڳالهين تي ميلاپ هوندي، اختلاف پڻ آهي. ۽ اهو فرق ئي آهي جو سياست. ساهت جي مختلف ذالن جو وجود آهي. هڪ ادبي تخليق ۽ سياسي پمفليٽ جي وچ جو فرق، پڙهندڙن کي ضرور هئڻ گهرجي. پر هت مصيبت اها آهي ته اسانجا نقاد (!) سڳورا به ان معاملي ۾ ڪوڙا چٽ آهن. ۽ جت اهو حال هوندو ات ادب ڇا سرجندو هوندو؟ رزلٽ اسان جي اڳو آهي. مان سمجهان ٿو ٿورڙو سجاڳ پڙهندڙ به اهڙي ساهت کي ساهت چوڻ نه قبوليندو.

فرسٽريشن- انڪارڊيت- پيسمزم جا جيسيتائين سوال آهن ته اهي پڙهيل چئن طرفان ئي اڏاريل آهن. ڪلاڪار جو ڪجهه پنهنجي اندر، ٻاهر ڏسندو ان کي ئي اظهار ڏيندو. ڪلاڪار کي هوائي، ٺلهون، ڪوڙيون خوش فهمي ۾ وجهندڙ ڳالهيون ڪرڻيون ته ناهن جيڪي چند مفاد پرست شخص چاهيندا آهن؟

ادب اديب لاءِ ڪهڙي به يڪ-نظام ۾ اظهار جي

آزادي سخت ضروري آهي. اظهار تي بندش لاءِ ڪهڙي به وڏندڙ خوبصورت نعري ڪي مان فرار چوڻ ڪان رهي نه سگهندس.

ٻه هي جيڪي ڪجهه، مان توهان سامهون رکي رهيو آهيان. اهو منهنجو ذاتي انڀو آهي (زندگيءَ کي جيئڻ جهڙي نموني، سون ڏٺو، پڙهيو، پرروڙيو، سمجهيو ۽ سوچيو آهي.) پنهنجي لکڻين تي توهانجي ٽيڪا جي مان آجيان ڪندس.

ڪيهر شوڪت
٢٧ - آگسٽ ١٩٧٩
آڳاٽي (لاڙڪاڻو)

پويون تاريخون

ننڊ مان اٿي، گهڙي ڏسي ٿو. اوه! ٻارنهن! آئينو کڻي منهن ڏسي ٿو. ڏاڙهي وڌيل اٿس. ڪيسي ۾ هٿ هڻي ٿو. چار آنا نڪرن ٿا. منهن تي ڦڪي مرڪ پکڙجيس ٿي نرڙ ۾ گهنڊ پئجي وڃيس ٿو: شيو لاءِ پئسا ڪٿان آڻيان؟ پر شيو وڃي ڪڏ ۾ پوي. بک! ها بک به ته ڏاڍي لڳي آهي! ماني ڪاٿون کائجي؟ منجهي پوي ٿو. ڪجهه وقت کانپوءِ وقار ڏانهن نظرون کڄنس ٿيون. جو گهوڙا وڪڻي ستو پيو آهي. ۽ ڪوئي سندر سپنو

ڏسي مرڪي رهيو آهي: ٻاڇائي ياد آئي هوندس سوچي
ٿو. ۽ وري: نه ٻاڇائي نه پر ٻاڻ کي ڪنهن سٺي
نوڪريءَ جي ڪرميءَ تي ڏٺو هوندائين ۽ پوءِ وڏي
وقار کي ڏونداڙي ٿو.

اٿ ڙي حرامي، اڄا پوءِ ننڊان ڪرين!

اون-اون هون، ڇاهي! پڙوا آڇر ڏينهن به ننڊ ڪرڻ
نه ڏيندين ڇا؟

وقار وري چادر مٿان تاڻي ڇڏي ٿو.

اڙي ذليل، ٻڪ اڃي ٻاسا ورتا آهن. ڪجهه ڪاڻ
پيٽ جو به ته. ڪيون- يا اڄا ان ننڊ ٻاڪي جي پڇر
نه ڇڏيندين؟

چادر پٽي اڇلائيس ٿو. ڪاڻ پيٽ جي ڳالهه ٻڌي، وقار
جي ننڊ حرام ٿي رجي ٿي. ٽپ ڏئي اٿي ويهي ٿو. وهاڻي کي
گوڏن تي رکي، ان مٿان ٻانهون رکي، ٿي تي هٿ ڏئي،
سوچ ۾ گم ٿي وڃي ٿو.

ڇا ٿو سوچين؟ وقار کان پڇي ٿو.

هان!.... يار هاڻي ماني جو ڇا ٿيندو؟ وقار پڇيس ٿو.

جيڪو چوين. وقار کي چوي ٿو ۽ پوءِ پڇيس ٿو،
تو وٽ پيسا گهڻا آهن؟

وقار کيسي ۾ هٿ وجهي ٿو. ۽ پوءِ هٿ ٻاهر ڪڍي
ٽي پايون ڏيکاريس ٿو.

وٽ ابا، هيءَ ٿي قاروني خزانو.

ڪجهه وقت لاءِ ٻئي هڪٻي ڏانهن ڏسن ٿا.

وکڙيل وکريل وار منهن تي مايوسيءَ جا پاڇولا، اکين ۾ رت ۽ چپن تي ڪساري مرڪ.

سگريٽ آهي؟ ڪجھہ وقت کان پوءِ وقار پڇيس ٿو.

سگريٽ وري ڀڳايانءِ .....

وقار تي چڙي پوي ٿو. ۽ پوءِ چويس ٿو. هاڻي ڇا ڪجي؟ پنهنجا ته لاهہ نڪري ويندا!

پٽ، تڪڙ ۾ تيار ٿي وٺ، ته سليمان ڏانهن هلون. ان وٽ وري خزانا پوريا پيا هن نه؟

چڙي پويس ٿو.

اڙي بابا ڪجھہ نه ڪجھہ ته ضرور هوندس، جي ان وٽ پئسا نه به هوندا ته پرواهه نه ڪر، ملڪ مولا جو وڏو آهي، ٻيڪ ڪونه مربي، وقار چويس ٿو. ۽ پوءِ دري ڪونه ٿو کولين؟ تو واريءَ پيٽيءَ جو ساهہ نه نڪري وڃي.

چڙينس.

وقار تي خار اچيس ٿي.

وقت کي ڏسندو ڏي ڪونه آهين. چويس ٿو.

منهن ڌوئڻ کان اڳ تا

بالٽيءَ ۾ پاڻي نه ڏسي وقار چڙي پوي ٿو.

رڳو آهن ننڊون ڪرڻيون. پاڻي به ڪونهي. هڪ سڄائي سڀني افعال ٻچڙا! سڄي رات ويٺو کڻايون لکنديں! .... سويل سڀڻن هان ته ساجهر جو اٿي پاڻي

ته پرين هان، هاڻي اهو ٽين ڏينهن کان اڳ ۾ ايندوئي
ڪو نه!

مون ته ڪهاڻي ٻڌي لڳي، تو ڪهڙا ڦاڙها ٿي ماريا
سوچيل ته سڄو هئين!

وقار تي ڇوهه چڙهي ٿو.

سڄهو وري ڊوڙ هيس، ڪافي رات سوچي سوچي
گذاري هيم. وقار ٻڌائيس ٿو.

ٻوءِ وات ڇو پيو هڻين؟ وقار کي چڙ مان چوي ٿو.

هيئن ڪر. وقار صلاح ڏئيس ٿو. پاڻ واريءَ پپنيءَ
کان پاڻي وٺي اچ، هٿ منهن ته ڌوئون گهٽ ۾ گهٽ.

ٻاهر نڪري ٿو. در کڙڪائي ٿو. پپني آهي.
بيل ٻاهمس، وار ڇڙيل ۽ چڪ مڪ - ڪيس ڏسڻ سان
ڀهريائين مرڪي ٿي، ۽ ٻوءِ ڪجهه ناراضگي ڪجهه شڪايت.

اڃا تائين ننڊ پيو هئين!

هان.... ٻڌ، هن ۾ ٿورو پاڻي ته آڻي ڏي.

بالٽي پپني کي ڏئي ٿو. پپني اندر وڃي ٿي ۽ ٻوءِ
ڪجهه وقت ڪانپوءِ بالٽي ۾ پاڻي کڻي اچي ٿي.

اڄ ته وٺي هلندين نه؟ پپني پيار ۽ ناز مان ڇڙيس ٿي
ڪاڏي!؟

وساري ڇڏيئي. فلم تي وٺي هلڻ جو چيو هئي نه!؟

اڄ! نه اڄ نه، وري ڪنهن ٻئي دفعي هلبو. اڄ ڪجهه
ڪم اٿم. پپني کي چوي ٿو.

اهو پيو دفعو ڪڏهن ايندو!؟ پپني رسڻ ۽ ڪاوڙجڻ

جي مليل انداز سان پڇيس ٿي.
ڪڏهن ا....

جو ڪجهہ چوڻ چاهي ٿو، چئي نٿو سگهي، جهٽ هٽي پٺي کان ٻالٽي ڦري ٿو وٺي. ٻالٽي کسڻ ڪري پٺي جا ڪپڙا ڦينگڻ سبب خراب ٿي وڃن ٿا.

اوهہ! پٺيءَ جي ڪپڙن خراب ٿيڻ تي چوي ٿو. پٺي ڏک ۽ خار مان ڏسيس ٿي، تہ هو اندر هليو اچي ٿو. ٻالٽي رکي صابڻ دانيءَ ۾ ڏسي ٿو.

اڄ نہ اوطاقن ۾ طالب تنوارين. وقار پڇائيس ٿو.

ڪپڙن جو صابڻ تہ هوندو نہ؟ وقار ڪن پڇي ٿو.

نہ ڪپڙن جو بہ ڪونهي. جلد ڪري وٺ، عياشيءَ جون ڳالهيون ڪراچيءَ ۾ تہ هلنديون آهن، هن هي ڳوٺ ڪونهي، تڪڙ ڪر پيٽ ۾ ڪئا پيا ڊوڙن. وقار چويس ٿو.

هن سنهن ڏوڪي، ميرا سيرا ڪپڙا پائي، ڦڪا ڦڪا تواڻي تواڻي، وڪريل وڪريل ٻاهر نڪري گورا قبرستان جي اسٽاپ ڏانهن هلن ٿا.

او ڀائي چانهہ پي وڃجو. ٻاڪڙي وارو پنجابي چوين ٿو. ڏاڍي شاندار چانهہ ٺهي آهي.

چانهہ وري ساڍهين.

لڳيس ٿو: وقار بہ سندس دل واريءَ ڳالهہ کي لفظن ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

يار هن حراميءَ بہ ڪڪ ڪري ڇڏيو آهي. پگهار

ڇا اڄ پئسا نه مان ڏيان ٿو هن حراميءَ جي ڇانهه تي هليا وڃڻ ٿا. وقار کي چوي ٿو.

پوءِ ڇانهه پيئڻ کٽي ڇڏيون. وقار چويس ٿو.

ڇانهه ڇڏبي نه ڪم ڪيئن ٿيندو. ڇانهه کان سواءِ نه مٿو ٿو ڦاٽي. اڄ نه حراميءَ جي ڇانهه کي آزمايون ڇانهه به نه صبوح کانوني کاڻ پيتي اٿسي.

وقار سندس اکين ۾ گهوري ڦڪي کل کلي ٿو. ۽ پوءِ ٻئي بينچن تي ويهي، ڇانهه پيئڻ ٿا.

آهيس ڪو مزو. وقار کان پڇي ٿو.

بس ڪري ويهي پيءُ. اهو به شڪر ڪر نه هيڙن ڏينهن ۾ جهڙي تهڙي ٿي ڇانهه اوذر تي ملي نه وڃي ٿي. وقار سمجهائيس ٿو.

بس يار! .... وڌيڪ ڪجهه اکليس نٿو. ڇانهه ختم ڪري، هلندا هلندا، گورا قبرستان جي اسٽاپ تي اچن ٿا.

هاڻي اها يارنهن بي ماڳ جـــي .... خبر ناهي نه ڪڏهن ايندي. وقار کي چوي ٿو. منهنجي نه مرضي آهي نه پنڌ ئي هلون ـــ هان؟

پيارا بڪ لاهه ڪيڏي ڇڏيا آهن. مون کان اهو تنهنجو پنڌ ڪو نه پڄندڳي. وقار چويس ٿو. ڏهه پندرهن منٽ ڪٽي انتظار ٿا ڪيون.

جيڪا تنهنجي مرضي. چوي ٿو .

نه رڳو پاڻ ۾ ڪر نه ڳالهائن ٿا پر بمزاري مان

اسٽاپ تي بيٺل ڇوڪرين کي ٻه ڇڙ مان ڏسن ٿا. ۽ ڪجهه دير ڪانپوءِ ٻارنهن بي اچي ٿي.

پٽ موج ٿي وئي. واهه جو رش اٿس. مان پئي ڏنس ته متان آچر جي ڪري رش نه هجوس.

تون سدائين پراڻن خيالن ۾ غلطان هوندو آهين. اها ڪا نئين ڳالهه ڪانهي. آءُ جلدي ڪر.

بس ۾ چڙهن ٿا. ڪنڊيڪٽر ڪان بچڻ لاءِ هڪ ٻئي ڪان پري ٿي ويهن ٿا.

ٽڪيٽ وٺو ڀائي. ڪنڊيڪٽر چويس ٿو.

ٿي وئي.

ڪنڊيڪٽر سان ڪراچيءَ واري مخصوص چال هلي ٿو. ڪنڊيڪٽر هن کي ڇڏي اڳتي وڌي ٿو. بس اسٽاپ ڪندي، طارق روڊ تي چڙهي اچي ڪيفي لبرٽي وٽ بيهي ٿي. ٻئي لهن ٿا.

تو ڪان ٽڪيٽ جو پڇيائين؟ وقار هن وٽان ڪوبه جواب حاصل نه ڪرڻ جي صورت ۾ وري ٻه پاڻ چويس ٿو. مون ڪان ته ويچاري گهري ٻه ڪا نه.

ڇڱو هاڻي وک وڌاءِ. وقار کي چوي ٿو.

اقبال روڊ ڪان هلي، ڇيل ڪوٺي جو در ٽپي. پٽيوالن جي ڪوارٽرن تي اچن ٿا. ڪوارٽر جو در اندران بند آهي. وقار ڪڙو ڪڙڪائي ٿو. پوڙهو پٽيوالو اکيون مهٽي ٻاهر اچي ٿو.

اچو. پٽيوالو چوين ٿو.

ڪولي جهڙي ڪواٽر جي نالي واري گهر ۾ گهڙندا.

سليمان ڪونهي ڇا؟ چوڪيدار کان پڇي ٿو.

ڏهه پندرهن منٽ ٿيندس جو ماني کائي شيرشاهه ڏانهن هليو ويو آهي. هو ڏسو ماني جا ڪڻا ٻه پڙيءَ ۾ بچيا پيا آهن. پٽيوالو ٻڌائين ٿو.

ماني جا ڪڻا ڏسي ٻک ويتر تيز ٿي وڃين ٿي. وقار ڪجهه سوچي پٽيوالي کي پاڻي آڻڻ جو چوي ٿو پٽيوالو ٻاهر نڪري ٿو.

ترس من ڪا کائڻ جي شيءِ ملي پوي. وقار چويس ٿو.

وقار هيڏانهن هوڏانهن ڪجهه نه ڪجهه کائڻ جي لاءِ ڳولڻ لڳي ٿو. هو ڪجهه وقت وقار ٽٻڙن کي هيڏانهن هوڏانهن ڪندي ڏسي ٿو. ۽ پوءِ پاڻ نه جهلي پڙيءَ مان هڪڙو ڪڻو کڻي کائي وٺي ٿو ۽ پڙيءَ ۾ هٿ وجهڻ سان هن کي گهڻائي جو احساس ٿئي ٿو ته هو ڪڻي کي پڙيءَ ۾ ڇڏي هيڏانهن هوڏانهن ڏسي ٿو ايتري ۾ پٽيوالو پاڻي کڻي اچي ٿو.

سائين ڇا ٿا ڳوليو.

وقار ڀريائين ڇرڪي وڃي ٿو، ۽ پوءِ پاڻ سنڀالي پٽيوالي کان پاڻي وٺي، ڪوڙ هڻي ٿو. سليمان کي ڪتاب ڏنو هيم، اهو پئي ڳوليم. خير اچي ته چئجانس ته ڪتاب ڏئي وڃي. ڪم ۾ آهي.

ها سائين اچي ته چوندو مانس.

پٽيوالي کان موڪلائي ٻاهر نڪرن ٿا.

پڙوي کي رڳــو هجي پنڌو، هڪ هنڌ ٽڪاڻو ئي ڪونهيس.... وقار کي چوي ٿو.

ها بوجرو اٿس بوجرو. وقار به سليمان تـــي چوڻ چنبڙي ٿو.

ڇيئي ڪوٺي کان ٻاهر نڪتا آهن.

اقبال روڊ تان ڪاريون، جيپون ۽ اسڪوٽر اچي وڃي رهيا آهن.

”موٽر سائيڪل

ڪير هل تي ڪا مٽي

گهوڙا گهوڙا گهل“ هڪ ٽس محسن ڪڪڙائي جو هائيڪو.

وقار هن کي خوش ڪرڻ لاءِ موٽر سائيڪل تي ويٺل هڪ ڇوڪري ڏانهن اشارو ڪري ٿو، جا پنهنجي پياري جي چيلهه ۾ ٻاڪر وجهيون ويٺي آهي.

ٻڌ توکي جي موٽر سائيڪل هجي ته تون به پيني کي جيڪر ائين گهمائين نه؟

وقار هاڻي کيس ٻڌائي مزو وٺڻ چاهي ٿو.

ڇڏ يار، مٿو نه کاءُ. ڇڙ مان چويس ٿو.

ڪجهه وقت هو ڳالهه کان بي نياز ٿيو ويٺا آهن.

پيلا هاڻي ڇا ڪيون؟ وقار کان پڇي ٿو.

لالو کيٽ ڏانهن ٿا هلون. منظور نه به هوندو ته سندس هوٽل تي هلنداسين جتان ســـاني ڪائيندو آهي.

سيٽ سان مان پاڻهي ڳالهائيندس. وقار چويس ٿو.

اهڙيون بسون ملائيندا هين، مري وڃبو! ڪٿي نه ڪٿي ڦاسي نه پئون! وقار کي چوي ٿو.

ڪو نه ڦاسبو رکو دل ٻڌ. وقار چويس ٿو.

ماني به کائبي ۽ منظور کان ڪجهه پئسا به ادارا وٺبا. ٺيڪ آهي نه؟

جيئن چوين.

لهجي ۾ ٿڪاوٽ اٿس.

چڙ ۽ بيزاري ۾ خالد بن وليد روڊ جي چيل ڪوٺيءَ واري اسٽاپ تي بيٺا آهن. ڪافي دير ڪانپوءِ ڏهن نمبر بس نرسري کان ٿيندي اچي پهتي آهي. بس ۾ چڙهن ٿا. پاڻ بچائي گرو مندر تي لهن ٿا. ڳالهائيندا چڙندا، چيڙائيندا، هڪ ٻئي کي خوش ڪندا اسٽاپ تي اچن ٿا. بسون اچن ٿيون وڃن ٿيون. جنهن بس ۾ گهٽي رش ڏسن ٿا. ان ۾ چڙهي پون ٿا. بس هلڻ لڳي آهي. جهانگير روڊ ٿيئي، تين هٽي کان ٿيندي، پل ٽپندي. بس لالو کيت ۾ گهڙي ٿي. ڊاڪخاني تي ٻئي لهن ٿا. ۽ سنڌي هوٽل طرف هلن ٿا.

شل منظور هجي، چوي ٿو.

چيو مانءُ نه ته، نه به هجي ته به پرواهه ناهي. سيٽ مونکي سڃاڻيندو آهي. گهٽ ۾ گهٽ پيٽ ڀري ونداسين، وقار چوي ٿو.

گهٽين ۾ گهمن ٿا. منظور جي جاءِ تي اچن ٿا.

تالو لڳو پيو آهي. وقار ڏانهن ڏاڍي خار مان ڏسي ٿو.

هن حراميءَ جي خبر به اٿي، تڏهن به هيڏي گهلي آئين، ڪنهن به پاسي نه پيا هلي سگهون. هن ڪان نه سرفراز ڏانهن هلون ها نه اهو به چڱو. وقار ڪي چڙ مان چوي ٿو.

سيٺي جو ڪارو منهن آهي. چڱو هاڻي پاڻي ڪان نه نڪر، سيٺ ڏانهن هلون ٿا. وقار دلداري ڏيس ٿو.

وقار جو ڍلو هلڻ نٿو وڻيس.

ٽائيم ڏنو اٿي سادا پنج پيا ٿين- وڪ ڪي وڏا، اڏين مرضيلن جان نه هل. وقار ڪي چڙ مان چوي ٿو.

هلندي هلندي هوٽل تي پهتا آهن. هو هوٽل جي ٻاهران ڏاڍي انوکي انداز سان بيهي رهي ٿو. وقار اندر وڃي ٿو. ڪائونٽر تي وقار جي ڏٺل سيٺ بدران هڪ ڇوڪرات ويٺو آهي، جنهن سان وقار جي ڪا سڃاڻپ ڪانهي.

سيٺ ڪونهي ڇا؟ ڇوڪري ڪان پڇي ٿو.

ڪورنگي ويو آهي. توهان جـــو ڪم اٿس ڇا؟ ڇوڪر وقار ڪان پڇي ٿو.

منظور مري هتان ماني ڪائيندو آهي؟ سندس مهمان ٻاهر بيٺو آهي، ان کي ماني ڪارائڻي آهي.

ڇوڪرو وقار ڏانهن ۽ پوءِ ٻاهر هن ڏانهن شڪي نگاه اڇلي ٿو ۽ پوءِ چوي ٿو. نه، مون کي ڪا ٿي خبر نـــاهي ته منظور مري ڪير آهي، ۽ هتان ماني

کائيندو ٻه آهي يا نه، معاف ڪجو سائين.

وقار هارايل جواري جـــا قدم کڻندو هن ڏانهن اچي ٿو.

پٽ گوڙو نه لڳو. سيٽ جي جاءِ تي ٻيو ڇوڪرو ويٺو هو. حرامي نڪتائي ويو. وقار ٿڪل آواز ۾ ٻڌائيس ٿو.

ڪجهه وقت خالي نگاهن سان هڪٻئي کي ڏسندا رهن ٿا.

پوءِ هاڻي ڇا ڪيون! آهي ڪا راهه؟ آخر وقار ڳالهائي ٿو.

هاڻي صدر ٿا هلون، من ڪو دوست ملي وڃي. وقار کي چوي ٿو.

نڪو وقار بيدليو ٿي پيو آهي.

تو ٻه دل لاهي وڏي. وقار کي آٿت ڏيڻ چاهي ٿو.

چڱو هل. وقار چوي ٿو ۽ پوءِ ڪجهه ياد ڪندي وقار چويس ٿو. تو وٽ ڪجهه آهي. مان بک کان مران ٿو.

وقار کي ڪجهه وقت ڏسي ٿـــو. ۽ پوءِ چار آنا ڪڍي وقار کي ڏئي ٿو. وقار ڪساري مرڪ ســـان هن کان چار آنا وٺي ڀڳڙن واري کان ڀڳڙا وٺي ٿو. ۽ پوءِ ٻئي ڀڳڙن کي ٽڪڙو ٽڪڙو اندر ۾ لاهن ٿا. ڀڳڙن کي ختم ڪري ڪانپوءِ هڪڙي هوٽل ۾ گهڙي وڃن ٿا، ۽ پاڻي پي ٻاهر نڪرن ٿا. ڳالهائڻ کانسواءِ بس اسٽاپ تي اچن ٿـــا. بس هلڻ شروع ڪيو آهي.

ڪنڊيڪٽر ٽڪيٽن جو پڇندو وقار وٽ اچي پهتو آهي.

ٽڪيٽ وٺو پائي. ڪنڊيڪٽر وقار کي چوي ٿو.

ٿي وٺي. وقار چوي ٿو

ڪٿي ٿي آهي جناب؟ ڪنڊيڪٽر پڇيس ٿو- ڏيکار.

ڇو ڏيکاريانءِ. وقار چوي ٿو.

مان چوان ٿو جناب توهان ٽڪيٽ نه ورتي آهي.

ڪنڊيڪٽر به هاڻي چڙي پوي ٿو.

تنهنجو دماغ نه ٺيڪ آهي، هن توکان به ٽڪيٽون نه ورتيون، آخر ڪيس ڳالهائڻو پوي ٿو.

ته پوءِ ٽڪيٽون ڪٿي آهن. ڪنڊيڪٽر هاڻي هن کان پڇي ٿو.

هن توکان ٽڪيٽون وٺي ڏنيون. ۽ مون هيٺ اڇلائي ڇڏيون- اهي به ڪي رکڻ جهڙيون شيون آهن ڇا؟

جڏهن گهڻي ڇڪتاڻ ۽ بيعزتي کانپوءِ ڪنڊيڪٽر هليو وڃي ٿو. تڏهن ٻئي سڪ جو ساهه کڻن ٿا. ماڻهن جي نظرن جي تيرن هڪ ٻئي جي بيعزتي ڪرائڻ جي احساس کان ٻئي اکيون ٻوٽي ڇڏن ٿا. بس صدر ۾ گهڙي ٿي امپريس مارڪيٽ وٽ لهن ٿا.

پريڊي اسٽريٽ، ريگل، اوڊين، بوري بازار، ڪيپيٽل پيراڊائيز، ايلفي ۽ صدر دوا خاني تي هر هر چڪر ڏئن ٿا. پاڻ ۾ بنا ڳالهائڻ جي.

لاريون آهن، ڪاريون آهن، موٽرون آهن، ماڻهون آهن، ناريون آهن، سڀ ڪجهه آهي، جي ڪجهه ناهي

تہ سندن دوست- واقف ڪار. ٻي دليا چڪرن مٿان چڪر هڻندا ٿا رهن. ۽ ائين سڄ لهي وڃي ٿو. ڪراچي روشنين جي سمونڊ مان ترڻ ڪري لال ڪوار ٿي پوڻي.

اڄ هاڻي جائنا هٽ اجايا آهن. ڪو بہ نہ ملندو. وقار ڪي ٿڪل ۽ ڏنل آواز ۾ چئي ٿو.

صدر دوا خاني تان ١٥ ۾ چڙهن ٿا. بس گوراقبرستان تي پهچي ٿي تہ ماڻهن ڪي ڌڪا ۽ ڌيلها ڏيندا هيٺ لهن ٿا.

اڙي جائي ٻتي ۾ تيل ئي ڪو نہ هوندو، هاڻي تہ مري وياسين.

هاڻي تہ مري وياسين. وقار تي چڙي پوي ٿو. چار آنا هيا. انهن جو خانو خراب نہ ڪرين ها تہ اونده جي ذات کان تہ بچون ها. هاڻي هل تہ هلي ميڻن جو ڪاچ ٻجون- هي پيٺ.... سلور ڪواٽرن ۾ بہ ذلت آهي. ڪراچيءَ ۾ رهي بہ جهنگ جو احساس. پنهنجي هند ٻجلي ۽ هٽ وري چمنيون ۽ لالٽين- مان تہ ....

مولا اهڪڙو بنگلو، هڪڙي ڪار ۽ هڪ من موهڻي ڏئي ڇڏين تہ جيڪر لهي وڃي. وقار هن ڪي پنهنجي طرفان ٿڌو ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ خاطر سنڌي مسلم هائوسنگ سوسائٽي جي هڪڙي بنگلي ڏانهن اشارو ڪندي چوي ٿو.

ڇگو هاڻي ڀڄي نہ هڻ. اڳيئي ڏي مٿو ڦري ٿو قاٿي. وقار کي خار مان چوي ٿو.

وقار ڪجهه چوڻ چاهي ٿو، پر هن کان ڪجهه نٿو اڪلي. ۽ هاڻي هو ڀٽڪي مثل قدمن سان ڇنڱهون گهليندا. ڀاڻ سلور ڪواڊرن جي جهنم ڏانهن وڌائي رهيا آهن.

انڊلٽ ڊائيجيسٽ، آڪٽوبر ١٩٧٤ ۾ ڇپيل

گُهٽَ

سومر جي شام:

دوست جي جاءِ تي ليٽيل آهي. واچ ۽ سگريٽ اٿس. سگريٽ مان ڇلا ٺهي رهيا آهن. ۽ عجيب عجيب تصويرون پڻ. منهن تي مرڪ ۽ سرور اٿس ۽ رکي رکي ٻود ۾ اچي جهونگاري رهيو آهي. ”سونهن ڪا وڻي آ، ماهه ۽ سپائجي.

سونهن ڪا وڻي ....

سونهن ....!

لالائي کيس عجب مان گهوري رهيو آهي.

ڇو تو سان خير ته آهي!

هون ....!

خيالن مان ڇرڪيو آهي.

ڇو سوچن ۾ ٻڏي ويو آهين! اهو پڇ ته ڇا ٿيو آ، جو پيچ ۾ پئجي ويو آهين!

ڇا ڳالهه آهي؟ لالائي ڪائونٽس پڇيو آهي. وات مان سگريٽ جي دونهين کي ڪمري جي ٻولار ۾ نچڻ ٽپڻ لاءِ ڇڏي، پوءِ ڪنهن خيالن ۾ کوئجي ويو آهي. ۽ پوءِ:

يار ... .

ٻُڌ ته!

يار اڄ صبوح جو جيئن ئي آفيس پهتي ويس ته هڪ پدمڻي ڏٺم. اڇي سلوار ۽ اڇي قميص ۾ حور پئي لڳي، ڇوڪري هئي ڇا!

ڪجهه وقت خاموش ٿي ويو آهي. ۽ پوءِ:

يار نيڻ هئس ڇا! صفا سمونڊ هو! سمونڊ گهرو ته پڌرو وچ! ڇڪڻ جي اميد ئي ڪانه.

سندس منهنجو ڏاڍو پيار ٿي ويو آهي. سرور کان چهرو ٻهڪي رهيو اٿس.

خيال سان پڌي نه وڃين ان سمنڊ ۾.

ڇپن تي مرڪ ڦهلجي وئي اٿس.

کن پل لالائي سندس حالت ڏسندو رهي ٿو.

پوءِ ڇا خيال آهي؟

ڇا خيال آهي....؟ سڄڻي سانڍڻ جو پتو ڪجو ته پرين جو نالو ڇا آهي؟ ڪٿي رهي ٿي؟ ۽ ڪير آهي؟

سندس اکين ۾ عجيب چمڪ آهي. جوت آهي.
هو ڀريائين آهستي پوءِ ڏاڍيان ۽ موج ۾ ڳائڻ لڳو آهي.

سونهن ڪا وڏي آ ساهه ۾ سمائجي.
سونهن ڪا وڏي ....
سونهن ڪا ....
سونهن ....

اڱاري جو صبوح:

ڪنهن جي ڪنجهڻ تي اکيون سهڪي اٿيو آهي.
ماڻس بخار کان تڙپي رهي آهي.

ڇو امان خير ته آهي. پڇيس ٿو.

آهه ....

ماڻس سور کان تڙپي رهي آهي. ڪو وقت ڪهاڙي ڪنهندي سوچن ۾ گم ٿي وڃي ٿو. ۽ پوءِ:

هل ته دوا وٺي ڏيانءِ ٻلا.

نه ابا ان مهيني خيراتي اسپتال جي دوا مان مرض رهندو وڌي ٿو. مٿا ڊاڪٽر پاڻي ۾ رنگ ڀري ڏين ٿا.
اوهه! ....

او ابا امڙ.... او ....

ماڻس کي بيمار هئڻ ڪري مئل پيءُ ماءُ ياد اچي رهيا آهن.

خيراتي دوا نه ته پئسا ڪاڏهون ايندا؟ سڀ قرض ڏيندڙن کي ڏئي ڇڏيم. سوچي رهيو آهي.

آ....او....اوهه!....

ماڻس جو سور وڌي رهيو آهي.

چڱو تون تيار ٿي وٺ ته، ڪاٿون نه ڪاٿون پئسا هٿ ڪري اچان ٿو.

مجربو ٿي پيو آهي.

نه نه، ڇڏينس ابا.

ته پوءِ ڇاڪ ڪيئن ٺيندينءَ؟ بخار وڌندو ويندئي.

پاڻهي ٺيڪ ٿي ويندس، تون فڪر نه ڪر ابا.

پاڻهي وري ڪيئن ٺيڪ ٿيندينءَ. مرض وڌي ويندئي ته ڪنهن ڪي ڏچي ۾ وجهي ڇڏيندين.

ماءُ تي چڙندو ٻاهر نڪري آيو آهي. گهڻن دوستن ناڪامياب ٿي لالائي وٽ آيو آهي. در کڙڪائي ڪري لالائي ٻاهر نڪتو آهي.

اڙي تون، ڪيئن پيلو آهين.

پيارا هڪ ڪم ته ڪر، ڏاڏيءَ مشڪل ڪان پوءِ گيتون ڏئي ڇيو اٿائين.

ڇو، ڇا ڪيچ ڪئي.

لالائي سندس ڪلهي تي هٿ رکيو آهي.

ڪجهه پئسا گهرجن، امان کي ڏاڍو بخار ٿي پيو آهي. پڳهار ته-ي ڏئي ڇڏيندو سانءِ. يڪساهيءَ چئي ويو آهي

لالائي ڪافي دير تائين ڦڪيءَ مرڪ سان ڪياڙي کنهي رهيو آهي.

پاڻ وٽ ته ڪڙڪي آهي، جاني، پاڇائنهن ڪان

ٻچي ڏسان پيلا. آخر لالائي ڇيو آهي.

جيسين لالائي گهر ۾ آهي تيسين بيچيني ۾ مان هٿ مهٽيندو، هيڏانهن هوڏانهن اجايا سجايا چڪر ڪاٽيندو پاڻ کي صليب تي ٽنگيل محسوس ڪري رهيو هي.

ڪم ٿيو؟

لالائي جي ٻاهر نڪرڻ تي اتاولو ٿي. لالائي ڏانهن وڌي آيو آهي.

هن وٽ ته هي پئسا هيا. ڪم ٿي ويندو نه؟

لالائي سندس اکين ۾ اکيون کپايون آهن. لالائي جي هٿ مان جهٽ هڻي پئسا ڦريا اٿائين. ۽ واچ ۾ ٽائيم ڏسي لالائي کان موڪلائڻ ڪانسواءِ ٽڪو ٽڪو گهر ڀڳو آهي. ۽ ماءُ کي پئسا ڏئي اسپتال وڃڻ جو ڪيس تاڪيد ڪري ٻڪڻ جي انداز سان آفيس ڏانهن هوا تي وڌو آهي.

اربع جو ڏينهن:

سويل اٿيو آهي. ماءُ کان طبيعت جو پڇي پر ٽائيليٽ جاچي، برش صابڻ ۾ هڻي، گيج ٿاهي ڏاڙهي کي هڻي ريذر هلائي رهيو آهي. ٻليڊ سڌو آهي ان لاءِ هند هند مان رت وهي نڪتي اٿس.

اڙي ابا. اڙي ابا اهو ڇا ٿو ڪرين! ڏس ته ڪيترا ٽڪا اهي ويا اٿئي.

کٽ تي ستل ماءُ جي دل ۾ وڍ پئجي ويا آهن.

زينا او زينا .... ماءُ جي ڳالهه کي لنوائي پيڻ کي

سڏي رهيو آهي.

آئي اداه پيٽس رڙو ٽيڪ ڪندي سڏ جـا جواب ڏيندي اچي رهي آهي.

ماني تيار آهي؟

ايڏو ساجهر! ؟

پيٽس حيران ٿي ڪيس ڏسي رهي آهي.

جلد ڪر اڄ آفيس ۾ تمام گهڻو ڪم آهي.

بس تيار ڪري ٿي وڃان.

پيٽس ڪيس تسلي ڏني آهي.

سجو او سجو. پيٽس ننڍي ٻاءَ کي سڏي رهي آهي.

جيءُ .

سجو ٻوڙندو اچي رهيو آهي.

وڃ دڪان تان پنڌا ونئي آءُ، ادي کي آفيس وڃڻو آهي- سڏو دير نہ ڪجانءِ .

پيٽس سجاد کي پيار مان ڳراٽڙي پاتي آهي. سجو دڪان ڏانهن ويو آهي. زينا اٿو گهوهي رهي آهي- ۽ هو بيچينيءَ مان ڦري رهيو آهي. صاحب جا ڪلهوڪا چيل لفظ سترڪن جان سندس ذهن تي ڏڪ هڻي رهيا آهن- مسٽر هيترو سارو ڪم پيو آهي. ٽون ڪم ڏانهن ڪوئي ڌيان ڪو نہ ٿو ڏين. مان سياٽي تائين سڄو ڪم تيار ڏسڻ ٿو چاهيان. صاحب جا لفظ ياد ايندي بيچيني محسوس ڪري دريءَ مان پيٽ ڏانهن خار مان ڏسي ٿو ۽ پوءِ پاڻ کي روڪي نٿو.

اڇا تائين اڌو پٽي ڳوهين!

بس اجهو تــــي ماني تيار ڪري وڃان، تون رڳو ڪپڙا مٽائي وٺ.

ڀريائين ڀيڻ تي پوء صاحب تي ڇوهه چنڊڻ لڳو آهي. سيني ۾ دل ڪونهي، پٿر اٿن. پاڻ کي رڳو صحيح ڪندي پرو ونندو اٿن. اسان ايترو ڪيون، تڏهن به راضي ڪونه، ڇون 'حرام ڇو ڏا ڪائو' پاڻ کي ڏسو واهه جو حلالي پٽ آهن. سڄو ڏينهن هجين نندون ڪرڻيون ۽ رعب هلائڻو. هي ٺيڪ ناهي، هي ڇا ڪيو اٿو؟ نه هيئن ڪر نه هلندو، هون!....

صاحب تي جڪون ڏو ڪائي. ۽ پوء.

هي سڄو آيو يا ڪو نه.

اڇا ته ڪو نه موٽيو آهي. الائي ڪاڏي گم ٿي ويو! ڀيڻس ماني پچائيندي جواب ڏئي رهي آهيس.

بس رڳو هجيس رلڻو.

پاء تي خار اچيس ٿي.

اڙي ڀانا ڪو نه مليئي ڇا؟ سڄاد کي هٿين خالي ڏسي پڇي رهيو آهي.

نه ادا، دڪان بند هو.

ان حراميءَ ڪان ته اوڌر ڪٽي به ڦاٽا آهيون رڳو هجيس جوء سان سمهڻو.

ڇوڇڙي لڳي وئي آهيس، دڪاندار تي ڪاوڙجي پيو آهي. ڀيڻس ماني ڪٽي آئي آهي. ماني ڪائي رهيو

آهي. گرنهه گرنهه ٿي پاڻي پي رهيو آهي. ماڻس اکيون ٺمڪائيندي ڪيس ڏسي رهي آهي. ماني ڪائيندي هر هر واچ کي ڏسي رهيو آهي، ۽ پوءِ صاحب جي پوٽ ڪان ڪـــان ٻڇندو، ڏڪندو ڏڪندو، تڪڙو تڪڙو آفيس ڏانهن ڊوڙي رهيو آهي.

خميس جو ڏينهن:

ستو پيو آهي.

ادا .... او ادا.

زينا اٿاري رهي آهيس.

هان! .... هان ڇا هي؟

ننڊ منجهان ڇرڪي اوٻاسيون ڏئي پيٽ کي خار مان ڏسي رهيو آهي.

سڪ سان سمهڻ ئي ڪو نه ڏيندڏو! ڇا ڪتو اٿو؟

امان ٿي سڏئي.

امان ٿي سڏئي.

ڇڙندو ماءُ ڏانهن آيو آهي. ماڻس ڪٽ تي ليٽيل آهي. سجاد ڪٽ جي پانهين ٿي ويٺل آهي.

ڇو امان ٺيڪ ناهين ڇا.

ابا ٺيڪ آهيان. مڙئي ٿوري سستي آهي. ٺيڪ ٿي ويندس. ماڻس جو آواز جهيڻو لڳي رهيو آهي. هو ڇٺي رهي آهي.

ابا ڪلهه ماستر سجو کي ڪلاس مان ڪڍي ڇڏيو. ڇپائينس، جيسين يونيفارم ۾ نه ايندين تيسين ڪلاس

گم ڀڄڻ جي ڪوشش ئي نه ڪجانءِ.

هون!....

پاڻ کي بجلي جا شاڪ لڳندي محسوس ڪري ٿو. خالي نگاهن سان هيڏانهن هوڏانهن ڏسي رهيو آهي.

ابا پوءِ هاڻي ڇا ڪجي؟ منهنجي ته مرضي آهي، ڪيس پڙهڻ کان بس ڪرايون ته چڱو آهي.

ماڻس جي لهجي ۾ ڄڻ صدين جو مانديل سور آهي.

پڙهڻ کان بس. ڪاوڙجي پيو. نه نه ائين نه ٿيندو ائين نه ٿيندو. ماڻ. ٿي ڊاڪٽري پڙهي نه سگهيو آهيان مجوءَ کي ضرور پڙهائيبو ضرور.

جذبات ۾ اچي ويو آهي.

ابا پڻهين به تو لاءِ ائين چوندو هو.

ماڻس جي آواز ۾ سڏڪو آهي. پيڻس ۽ سجاد جي اکين ۾ پاڻي آهي.

پوءِ پيلا پئسو ڪٿان ايندو؟ ماڻس پڇيو آهي.

ڪجهه وقت سوچ ۾ گم ٿي ويو آهي.

ڏسان ٿو. من ڪنهن وٽان ملي وڃن. چئي رهيو آهي.

هٿ منهن ڌوئڻ کانسواءِ دوستن وٽ آيـــو آهي.

هر ڪنهن وٽ مجبوري آهي. هر ڪو ڪنگال آهي.

هر ڪو پئي کان وٺڻ جو سوچي رهيو آهي. بيدليو ٿي گهر موٽي آيو آهي. ۽ پوءِ ماني کائڻ کان سواءِ ئي سجاد کي وٺي اسڪول آيو آهي. ۽ ماستر کي ايندڙ مهيني جو واعدو ڪري آفيس ڏانهن ڊوڙي رهيو آهي.

جمع جو ڏينهن:

ننڊ مان اٿيو آهي. هٿ منهن ڌوتو اٿائين تہ ڀيڻس ماني آڻي رکي اٿس. ماني کائڻ ويٺو آهي تہ، در جو ڪڙو کڙڪڻ لڳو آهي.

ابا مٺو گهر جو مالڪ هوندو. ڪلهہ بہ تون ڪرڻ هئين تہ وات پئي هنيائين.

سائس اندازو هنيو آهي، ماني مان هٿ ڪڍي ٻاهر آيو آهي.

واهہ! اشراف واهہ! جڏهن اڄ تہ تون گهرم جڙين ڪونہ، هڪ ايترن مهينن جي مسواڙ رهيل مٿان وري لڪندا وتو. مون کي اوهان جي ڪا ضرورت ڪانهي اڄ ئي هتان نڪري وڃو. توهان جو ٺيڪو نہ ڪنيو اٿم. من جاءِ ۾ هڪڙو آفيسر رهڻ چاهي ٿو. بابا هاڻي تہ مان مجبور آهيان. سرڪار سان خبر ٿي منهن ڏيڻ مشڪل آهي........

گهڻي وٽ وڏائي ۽ آزي نيازي ڪانپوءِ ڳراٽڙيون، ٻانهون ٻڌي سيٺ کي مسين مسين ان تي راضي ڪيو اٿائين تہ هڪ ٻن ڏينهن اندر جي ڪيس پئسا نہ مليا تہ هڪڙو منٽ بہ سندس جاءِ ۾ نہ رهنداسين. سيٺ ڪيس گهٽ وڌ ڳالهائيندي هليو ويو آهي. ۽ هو بي عزتيءَ، غريبيءَ، ذلت ۽ بي شرميءَ جو بار کڻي اندر گهڙيو آهي. ۽ کٽ تي اونڌي منهن ليٽيو پيو آهي.

ابا آفيس نہ ويندين ڇا؟ ماني کڻي آڇانءِ؟ مائس

کجھہ وقت کانپوءِ کيس ڇڏي رهي آهي.

ماءُ کي ڪوئي جواب ڪونہ ڏنو اٿائين، انڪري پيٽس ڪٽ ٽي ماني رکي آهي.

ڪنهن ڇيڻي مانيءَ جو، ڪٽي وچ مـــان ڪونہ کائيندس.

پيءُ تي چڙي پيو آهي. ۽ پيٽس جي وچڙ کانپوءِ ڪافي وقت ليٽي اٿيو آهي. ۽ پوءِ پير گھليندو پاڻ تي، صاحب تي آفيس تي جڪون کائيندو آفيس ڏانهن وڃي رهيو آهي.

ڇنڇر جو ڏينهن:

ننڍ مان اٿيو آهي. ماني کاڌي اٿائين. ڪپڙا بدلايا اٿائين، پوءِ ڪتاب کڻي ليٽي پيو آهي.

ڇو ابا آفيس نہ ويندين ڇا؟

ماڻس کي حيرت وٺي وئي آهي.

نہ دوستن ڏانهن وڃو آهي.

ڇو خير تہ آهي ابا.

سوچيان ٿو تہ ڪجھہ ٽيوشنيون ملي وڃن تـــہ مصيبت مان جان ڇٽي پوي.

ڀلا ڪاٿي آسرو مليو ٿي.

ماڻس جي لهجي مان خوشي لڪي نہ سگھي آهي. سندس ڇپن تي ڪساري مرڪ پکڙجي وئـــي آهي. پوءِ ماءُ کي جواب ڏئي رهيو آهي.

نہ پـــر من ڪنهن کي سجھنديون هجن. ان لاءِ

اڄوڪو ڏينهن موڪل ڪئي اٿم ته مٽان ڪا خالي جاءِ نه پرجي وڃي.

ها ابا، ها جلدي وڃ، مٿي ڪلارڪ جي مان نه اوري نه پوري.

ماءُ ڪي جواب ڏيڻ ڪانسواءِ ڪتاب بند ڪري اٿي دوستن ڏانهن وڃي رهيو آهي.

آچر جو ڏينهن:

ڪالهوڪي هٿ هٿان ڪري ڏيکو سٺو ٿيو آهي. ماڻس هر هر بيچيني مان ڏسي رهي آهيس ۽ پوءِ پاڻ جهلي نه سگهي آهي ۽ پٽ ڏانهن وڌي آئي آهي.

ابا او ابا، اٿي ڏس ته سهي ڪيڏو نه ٽائيم ٿي ويو آهي.

ڇا هي؟ آچر جي ڏينهن به آرام ڪرڻ نه ڏيندڊو ڇا!؟

ننڊ مان اٿي ويٺو آهي.

ابا تو ڪي ٽيوشن وارن مان ماڻو آهي نه. ماڻس بي صبري سان چويس ٿي.

ٽيوشن وارن مان پوءِ نه پئي ملي سگهيس، جو هن مهل اٿاريئي! تون ڪهڙي قسم جي ماءُ آهين. جنهن کي....

ڏاڍي چڙ ڪري وڏيڪ ننڊ ۾ اڪليس.

ماڻس ڏاڍو شڪي ٿي رهي آهي. ۽ پوءِ پاڻ سنڀالي پنهنجي صفائي پيش ڪري رهي آهي.

ابا مٿو دڪاندار سودو به نه پيو ڏئي. سڄو تنهنجي ٽيوشن بابت پڇايس، تڏهن ڪسندي ڪسندي ڏنو ائين.

اٿيو آهي. منهن ڌوتو اٿائين، ڪليءَ تان ڪپڙا لاهي پاتا اٿائين. ڀيڻس ماني آڻي ڏني اٿس. سڄو پائيءَ جو گلاس ڀري ڏنو اٿس. ماني کائي ٻاهر نڪري رهيو آهي. ماڙس هڪ ڀيرو وري پاڻ کي روڪي نه سگهي آهي.

ابا ملي ويندئي نه؟

هـــا.

ماءُ کي رحم اچي رهيو اٿس.

او منهنجا رب. ٻچڙي جي سولي ڪجانءِ.

ويندي ويندي ماءُ جي دعا ٻڌي رهيو آهي. ڪساري مرڪ چپن تي اٿس.

۽ اڄ وري سومر جو ڏينهن آهي:

گهران نڪتو آهي. ٻن ڏينهن کان ٽيوشن جي ڪيڏ ڊوڙڻ ڪنهن به ناڪاميءَ ڪري ڏاڍو نڪل، ڏاڍو ٿڪل، ڏاڍو ويچارو. اصل ڇڄي پيو آهي. منهن مــان ڪنهن ڪٺ تي پيل مريض جان لڳي رهيو آهي.

ٽيوشن، گهر، دڪاندار، مسواڙي، قرض، اسڪولي يونيفارم، صاحب ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه سندس ذهن تي ڪنهن ٽرڪ جي ڦيٿي جان ڦري رهيو آهي، ۽ هو پاڻ کي ان ٽرڪ جي ڦيٿي هيٺان چيڀاٽجندو محسوس ڪري رهيو آهي. ۽ هلندي هلندي جيئن ئي سامهون اکيون کنيون اٿائين ته سندس وات مان 'اڙي!' نڪري ويو آهي. ۽ پاڻ تي نه رکيو حيرت پر رحم به اچي رهيو آهيس. ها سامهون ساڳي چوڪري اچي رهي آهي.

اڇي قميص، اڇي ۽ سلوار واري، بلڪل ساڳي ڇوڪري سونهن ڪا وٺي آ، ساه ۾ سمائجي، واري پدمڻي! جنهن تي سندس من موهجي پيو هو، چٽ چريو ٿي پيو هو. جنهن جي نيرن گهرين اکين ۾ نهاريندي پاڻ کي ٻڏندي محسوس ڪيو هيائين. جنهن کي ڏسندي ئي هڪدفعو اڳ 'سونهن ڪا وٺي آ' جو ورد ڪيو هيائين.

سهڻي، من موهڻي، ڊيل جان ٿلندي، هنجن کي شرمائيندي سرهاڻ پکڙيندي، هن جي حالت تي عجب ڪائيندي لنگهي رهي آهي. ۽ هو پنڊ پاهڻ جان هڪهنڌ ڄمي ويو آهي.

ڪلاڪار، پرچي جي جون ١٩٧٥ ۾ ڇپيل

ڏياون جي پئداوار

ذلت جي احساس کي شراب جي درياءَ ۾ ٻوڙڻ لاءِ، هو بار ۾ وڃڻ لڳي ٿو. اڄ مهيني جي پهرين آچر جي رات آهي. ان لاءِ گهڻو ڪري سڀئي باريون ڀريون پيون آهن. وڏيءَ مشڪل سان هن کي هڪڙيءَ بار ۾ هڪڙي ٽيبل جي ڀرسان ڪرسي تي جاءِ ملي وڃي ٿي. انهيءَ ٽيبل جي ٽن ڪرسين تي مزورن جو قبضو آهي. انهن مان هڪ پٺاڻ ۽ ٻه مڪراني آهن. پٺاڻ ۽ هڪڙو مڪراني نوجوان آهن. باقي هڪڙو ڪرڙوڏ لڳي رهيو آهي. هن جي ويهڻ سان ٻئي نوجوان منهن

ٻچڙو ڪري هن ڏانهن نفرت سان ڏسن ٿا ۽ پوءِ الائي
ڪنهن کي ڪچين گارين ڏيڻ ۾ چٽڪي وڃن ٿا.
لڳي ٿو ڄڻهي ٻي انت شراب پيتو آهي. باقي ڪرڙوڊ
جيڪو آهستي آهستي شراب پي رهيو آهي، بيخيالي
سان هن ڏانهن ڏسي ٿو ۽ پوءِ سگريٽ جو ڪش هڻي
وري ڪنهن گهري سوچ ۾ گم ٿي وڃي ٿو.

نوجوانن جي گارگند ڪرڙوڊ جي سنجيدگيءَ. بار
جي گوڙ ۽ بيري جي دير ڪرڻ هن ۾ چڙ ۽ بيزاري
ڀري چڙهي آهي. ۽ هو خار ۽ بيزاريءَ سان بيري جو
انتظار ڪرڻ لڳي ٿو. بيرا ٻين گراڪن ۾ رڌل آهن.
ان وري هن لاءِ هاڻي سڄيءَ بار کي جاچڻ کانسواءِ
ڪو چارو نه ٿو بچي ۽ هو بوريت کان بچڻ لاءِ بار ۾
نهارڻ لڳي ٿو. جيئن ته بار تمام گهٽ درجي وارن
بارن مان آهي. ان ڪري بار ۾ وينل سڀئي ماڻهو گهڻو
ڪري، پورهيت هيٺين وچولي طبقي جي روليءَ قسم جا
ماڻهو آهن. هي دنيا جي ظلمن، ستمن، ڏکن ۽ تڪليفن
کان جان ڇڏائڻ لاءِ پاڻ کي شراب جي دنيا ۾ گم
ڪرڻ آيا آهن. ڪي پي رهيا آهن، ڪي وڏا وڏا ٽهڪ
ڏئي رهيا آهن. ڪي روئي رهيا آهن، ڪي گاريون ڏئي
رهيا آهن. ته ڪي پائخاني ڏانهن اچي وڃي رهيا آهن.

ويچارا! هن جي دل ۾ ماڻهن جي لاءِ رحم ۽
قياس جو جذبو اڀري ٿو: ويچارا بدنصيب وساريل ماڻهو
هن جي نظر ڪائونٽر ڏانهن هلي وڃي ٿي- ڪائونٽر

تي ڏلهو ٻهٽ ويٺو آهي. هن جا ڪپڙا ڏاڍا گندا لڳي رهيا آهن. لڳي ٿو ته هن گهڻن ڏينهن کان وٺي ڪپڙن بدلائڻ جي ضرورت محسوس نه ڪئي آهي. هو ڪائونٽر تي ڏاڍي سڙي ۾ ويٺو آهي. ۽ ڪائونٽر جي پرسان رکيل اسٽولن تي ويٺل ماڻهن جــا خالي ٿيل گلاس ڀري رهيو آهي. ۽ هنن سان ڳالهائڻ سان گڏ ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ڳالهه تي کلي ٺهڪ ڏئي رهيو آهي، ۽ ڪائونٽر تي ٻانهون رکي ويٺل ماڻهو جامن تي جام خالي ڪري، وري پنهنجا گلاس ڀرائي شراب سان نڙيءَ کي آلو ڪري رهيا آهن: ڪيڏا نه واهيات لڳي رهيا آهن. هن کي اسٽولن تي ويٺل ماڻهن تي ڏاڍي خار اچي ٿي. اسٽولن تــي ويٺل ماڻهن تي ڏاڍي خار اچي ٿي: اسٽولن تي ٽنگجي ويهي شراب پيئڻ مان ڪيئن ٿو مزو اچين؟ مان ته جيڪر اتي هڪڙو منٽ به ويهي نه سگهان، شراب پيئڻ ته ٻي ڳالهه آهي. آخر هر هڪ شئي کي پنهنجي سونهن آهي ٻار به ماءُ جي گود ۾ وڌيڪ سهڻو لڳندو آهي. ڏاڍا پئسا آهن. پئسا هو آهن يا مان؟ - مڙئي ٻيئو. ٻرع ڪٿي به ويهي پي سگهجي ٿو. اڃا پيو تصوراتي دنيا ۾ گهمان. ها!

هو ڇڙ مان پنهنجي نظر ڪائونٽر تان ڪٽي، ٻين هنڌن تان گهمائيندو، بيزار ٿيندو ٽي.وي تي کپائي ٿو ٽي.وي تي ان وقت ملڪ جي هڪ وڏي فنڪاره

وڇوڙي جو راڳ ڳائي رهي آهي: سڀ بڪواس! هنکي ڇوڇڙي لڳي وڃي ٿي: رڳو ڪوڙ، ٺڳي، سچو فريب، ڪير ٿو ڪنهن جي لاءِ مري؟ ڪير ٿو ڪنهن جي جدائي ۾ ڳري؟ ڪير ٿو ڪنهن جي لاءِ ڏيا ٻاري؟ ڳوڙها ڳاڙي، ننڊون ڦٽائي، سڀ ڪوڙ، رڳو افساني ڪتابن ۽ واهيات فلمن جون هٿ ٺوڪيون ڳالهيون رڳو هجين اسان ٻارن ماڻهن کي اڃا وڌيڪ ذليل ڪرڻ. ڪٿي آهي پيار؟ ڇا هي پيار؟ رڳو خيالي پلاءُ، رڳو ڪوڙا خواب، رڳو دوکو، رڳو فساد. ڪيئن نه ٿي وڇڙيل يار جي ياد ۾ ڳوڙها ڳاڙي. هنجهون هاري، ڪوڙي، فريبي، مڪار، رن هن کي فنڪاره تي ڏاڍي خار اچي ٿي- هن جي دل چاهي ٿي ته ٽيبل تان ڪوئي گلاس کڻي ٽي وي جي اسڪرين تي ٺڪائي ڪڍي.

ٽي وي تان چڙ مان اکيون کڻي ٿو: هي حرامي اڃا نه آيو؟ بيرا هو خارمان بيري کي سڏي ٿو. بيرو اچڻ جو چئي وري به ڪافي دير ڪانپوءِ هن وٽ اچي ٿو. ۽ شراب، سوڍا ۽ مال جو آرڊر وٺي هليو وڃي ٿو. جيستائين بيرو موٽي، تيستائين هو وري پنهنجي ٽيبل وارن همراهن کي ڏسڻ لڳي. ٻه ٽي نوجوان هاٽي گارين جو در بند ڪري چڪا آهن ۽ ڪنهن ڳالهه تي کلي کلي ٻيرا ٿي رهيا آهن. باقي ڪرڙود مڪراني اڃا تائين سنجيدگيءَ سان شراب کي اندر ۾ اوتڻ سان گڏ سگريٽ مان ڪش هڻي رهيو آهي- ۽ رکي رکي سندس

چپن جي ڪنڊن تي هڪ تلخ مرڪ پکڙجي وڃي ٿي. بيرو هن ڏانهن گهربل شيون کڻي اچي ٿو ته هو هڪ تيز جام پيري گلاس مٿي کڻي ٿو. انهيءَ منحوس گهڙيءَ جي ناليءَ جنهن ۾ مون هن دنيا ۾ اکيون کوليون هيون. هو گلاس کي وات تي چاڙهي، سڄو گلاس ختم ڪري ڇڏي ٿو. ۽ پوءِ آهستي آهستي دال کي چٻاڙي وات جي ذائقي کي ٺيڪ ڪرڻ لڳي ٿو. ۽ پوءِ ويرم ۾ گذرڻ نه ڏيندي باقي بچيل شراب کي به سيني جي ڪڏ ۾ وجهي ڇڏي ٿو.

— سائين گوشت به کائو ني.

ڪرڙوڏ مڪراڻي گوشت جي پليٽ هن ڏانهن وڌائي ٿو. هن ڪن پل ڪاڻ هن ڏانهن حيرت سان ڏسي ٿو.

— نه مونکي شراب سان گڏ گوشت وڻي ئي ڪو نه هو ڪوڙ هڻي ٿو.

— وڻو ته سهي سائين. ڪرڙوڏ مڪراڻي ڏاڍي اصرار سان چيس ٿو.

— سائين، مون چيو نه، ته شراب سان گڏ گوشت کائڻ جي مون کي عادت ئي ڪانهي. هو نٽائڻ جي انداز ۾ چوي ٿو.

— اڙي وٽ ني کي پيا ٽورئي آهيون. پاڻ ۾ آهيون، پاڻ ۾ يارن سان ڪو حساب ڪجهو آهي وري. هاڻي نوجوان مڪراڻي به جو هن کي پنهنجي ٽيبل تي ويهندي ڏسي سڀ کان گهڻو ناراض ٿيو هو، سو به

ميدان ۾ لٿي آيو آهي. ٽوڪي ڪاٺو پوندو- ڪڇ ڙي، ڪڻ پلر، نه ته مان اڇلايانءِ ٿو هتان.

نوجوان مڪراڻي واقعي ڪرڙود ڪان پليٽ وٺي اڇلائڻ وارو آهي.

— بس زوراور آهيو، چيم ڀ، ته.....

هو گوشت جو ٽڪرو کڻي ڏاڍي مزي سان کائڻ لڳي ٿو.

— ٻيو به ڪجھ نه سائين. پٺاڻ هاڻي زور ڀريس ٿو.

بس هي لڳو ته لڪ آهي.

هو آڏيو ختم ڪري ڇڏي ٿو. پر اڃا به احساس جي ڏنگ کان اجو نه ٿو ٿي سگهي. جيئن جيئن شراب کي اندر ۾ اوتي گذريل واقعي جي تصور کان جند ڇڏائڻ چاهي ٿو، تيئن سندس ذهن آڏو گذريل واقعو اڃا وڌيڪ چٽو ۽ گهرو ٿيندو ٿو وڃي. هو وري ٻيري کي سڏي ٿو. ۽ ٻيو آرڊر ڏئي ٿو. ۽ ٻيءَ سڄي بار ۾ نظرون ڦيرائيندو وري ٽي.وي تي کپائي ٿو. ۽ ڪو وقت ٽي.وي تي ڌنڌلي عڪس کي ڏسندو ۽ ان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو رهي ٿو. ٽي.وي تي هن وقت ڪنهن نئين عوامي سڌاري جي پرچار هلي رهي آهي. ۽ ڪجهه ويڪائو دانشور سرڪار کان به وڌيڪ انهيءَ سڌاري جي ساراهه ۾ زمين ۽ آسمان کي ملائي هڪ ڪري رهيا آهن.

هو نفرت مان ٽي.وي تان اکيون ڦيري ٻيري ڏانهن

ڏسي ٿو. جو شيون ڪٿي آيو آهي. هو وري گلاس مٿان گلاس خالي ڪرڻ لڳي ٿو ۽ آرڊر مٿان آرڊر ڏئي شراب جي زهر کي اندر ۾ اوتي، احساس جي ڪان ڪان جند آجي ڪرڻ چاهي ٿو. پر سڀ اجايو! وڏيءَ ڪوشش جي باوجود به ائين ڪري نٿو سگهي! ذلت جو احساس پنهنجي زنجير ۾ اڃا به وڌيڪ جڪڙيس ٿو! ايسٽائين جو هاڻي هو هر هر شام ڪانڊيٺي بار ڏائين پهچڻ جي واقعن کي بار بار ذهن جي پردي تي فلم وانگر هلندي ڏسڻ لڳي ٿو.

هو امپريس مارڪيٽ وٽ بس مان لٿو آهي: بوري ۾ وڃان؟ نه ڪونه وڃان. اجايو پريشان ٿيڻو پوندو حسرتون ڪر کڻي اٿنديون ۽ بي موت ماري وينديون ورندو ڪجهه به نه. محروميءَ جو ڏنگ جان جلائي ڇڏيندو اجايو پاڻيءَ ولوڙڻ مان ڪهڙو فائدو؟ ٿيندو ڇا؟ رلي رلي، ٿڌا ساهه ڀري جذبن کي زهر پياري تباه ٿي گهر سوٽو پوندو. خوامخواه خراب ٿيندس. ڪا ڪنهن گهمندي به ڪا نه. اجايو سونهن زخمي ڪري وجهندي ۽ پوءِ دل جو درد وبائي پريشاني کڻي بيمار بڻجڻو پوندو. ۽ اڄ ڇنڇر جو ڏينهن به آهي ۽ وري مهيني جو پهريون هفتو پڻ. اڄ ڪري ڪنجي به هار سينگار ڪري وڏي ٺاٺ ٻاٺ سان آئي هوندي. اڄ بوريءَ ۽ ايلفيءَ ۾ هلڻ معنيٰ موت تي پاڻ کي ٽنگڻ ۾ ڪمائڻ. ذليل ۽ خوار ٿي نڪرڻو پوندو ۽ اها خبر ڏي ڪانه پوندي ته ڪاڏي

ٿو وڃان؟ ۽ وڃڻو ڪيڏانهن آهي! ان ڏينهن به ته ائين ٿيو هو نه، ٽڪجي ٽٽجي، پريشان ٿي جڏهن بس ۾ چڙهيو هوس، ۽ بس جڏهن گهڻو اڳتي نڪري چڪي هئي تڏهن خبر پئي هئي، ته سون ڪي ته لالو ڪيٽ وڃڻو آهي ۽ اچي نڪتو آهيان ٻرگ روڊ تي! ڪيڏو ذليل ٿيڻو ٿو پوي. رڳو ڏسڻ ۽ ڪلهن يا سٿرن تي هٿن گهمائڻ مان ڪهڙو فائدو؟ فائدا! ڪو فائدو به ٿيندو آهي؟ ڇئبو مان اڃا هن واهيات زندگيءَ کي سمجهي نه سگهيو آهيان! اڃا تائين تصوريت جي چڪر ۾ آهيان! اوهه! ڪيڏي نه واهيات زندگي آهي. معنيٰ کان سواءِ کوکلي زندگي. رڳو محروميون، رڳو ناڪاميون، رڳو تڙپڻ، رڳو اندر ئي اندر ۾ سڙڻ ۽ پچڻ. اهو سڀڪجهه سمجهندي به هٿ آيو آهيان. وات اي باسٺ آءِ ايم. رڳو ڏسڻ ڪلهن هٿڻ يا هٿن ڦيرائڻ مان ملي ڇا ٿو؟ رڳو ذليل ٿيڻ کانسواءِ، رڳو تباهه ٿيڻ کانسواءِ تباهي تباهي، تباهي ۽ تباهي. ماڻهو ڏينهون ڏينهن ٻڌندو ٿو وڃي. پرندو ٿو وڃي تباهي جي پاتال ڏانهن وڌندو ٿو وڃي! هاڻيءَ دنيا رهڻ جي قابل نه رهي آهي. ۽ هيڙن حالتن ۾ رهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. اصل برداشت کان ٻاهر جي هي نمونو نه هدايو ته نيٺ هڪ ڏينهن تباهي جو دوزخ ڪا ٻي شئي آهي؟ اوهه مان ڇا پيو سوچيان. ۽ اڃا هتي ويٺو آهيان. مونکي نه وڃڻ گهرجي. ها ڪي نه ٿو وڃان. وڃڻ مان فائدو به ڪهڙو. هڪ لوسي

ڪٿي جان نوسي نوسي ٽڪج ته به ڪا حرامزادي رحم
جي نظر ڪا نه ڪري. ۽ پيو جي ڪو دوست ملي
ويو ته اجايو پئسن جـــو زيان. خوشامنديون ڪري
چانهيون ۽ پئسا ڪڍي ويندا. هي دوست به وڏا حرامي
آهن، رڳو مڇين ڪيسا ٽڪڻا. ڪٿي به ويهه هليا ايندا
ڪوڙا، دوستي ته رڳو نالي ۾ آهي - رڳو پنهنجا
مفاد، حرامي، ڪي پاڻ کي خرچ ڪندي ڀرو ونين -
ٽيهڙ ٽپ چڙهي وڃن. ڪهڙي قسم جا آهن دوست؟ وري
دوست - ڪو ڪلو لفظ هن ڪي به رڳو ڪهڙيءَ ويو
آهي - شايد پنهنجو مفاد بچائڻ لاءِ. هن! نه ڪونه
ٿو وڃان - ڪهر ٿو مٿي وڃان - صبوح ڪانپوءِ گرنهه
به نه ڪاڏو، اٿم، ڪهر وڃي ماني به ٿو کاوان ۽ سڄي
هفتي جو ٿڪ به وڃي ٿو پچان - سومر تائين نيڪ ٿي
ويندس ۽ آفيس لاءِ به تيار ٿي ويندس- ها سومر سان
وري آفيس جو جهنم - آفيس جو ڪم به الائي ڪڏهن
ڪندو!؟ ڪڏهن جان به وهونه ۽ صاحبن جون گاريون
به کائون لعنت آهي هن زندگي تي - رڳو سورئي سور
رڳو پور ئي پور اسان جو ماڻرون به سورن لاءِ وڃن
ٿيون ڄمنديون ۽ اسان کي ڏينگهرن تي اڇلينديون پيدا
ٿيڻ جو مقصد به ڪهڙو؟ جمو ذليل ٿيون ۽ وڃي قبر
۾ ڪرو" هي آهي زندگيءَ جي بڪواس نه؟ منهنجي
وس ۾ هجي ته هي سڀ ڪجهه ختم ڪري ڇڏيان -
اوه! وري اچي هن حرامزاديءَ فلاسافيءَ جي چڪر ۾ ڦاٿس.

هاڻي هو گهر ڏانهن موٽي لڳو آهي - ۽ هو قدم کڻي وري اتي بيهي رهيو آهي. منجهيل ۽ پريشان: نه گهر ڪونه ڏو وڃان اتي وري ڪهڙو آرام آهي - هر ڪنهن کي ڪا نه ڪا بيماري - سڀ ڪنهن جي حوالي. بيماري به اچي اسان جو گهر لڌو آهي وچ ته هر ڪنهن جو چهرو منهن - هر ڪو هڪ ٻئي کان بيزار ڪنهن جو منهن ڪنهن کي ڪونه ٿو وڻي هر ڪو هڪ ٻئي مـــان ڪڪ - ڇو ڪوئي رشتوئي ڪونهي - اوه! هي سڀ ڪجهه ڇاهي!؟ پاڻ هر شئي لاءِ تڙپي تڙپي مر ۽ سڄي ڀڳهار ڏئي ڇڏين تڏهن به پيٽ ڪونه ڀرجين - ڀرءِ به گهرجن جي دوزخ جو پيٽ خالي - پوءِ به عيش ڪرڻ جو تهمتون پوءِ به خراب ۽ بي پرواهه ٿيڻ جا لقب - هنه! باهه ڏي گهر کي. هتي سڀني جو ديدار ته ڪري ونجي ٿو. اج يا سڀاڻي هوندن ئي مرڻو آهي. زندگيءَ تي ڪهڙو ڀروسو - روڊ پار ڪندي، ڪار، بس يا ٽرڪ چڙهيو وڃي ته کيل ختم! ٺيڪ آهي ٻيو ڪجهه حاصل نٿو ٿئي ته ديدار ته مهانگو ڪونهي! ٺيڪ آهي اهو لڳو ته لڪ آهي.

بوريءَ ۾ ڪهڙي آيو آهي.

بوريءَ ۾ سونهن جو درياءَ اٿلون ڪائي رهيو آهي. مختلف قسم جو حسن آهي. ڪي جوان آهن - ڪي اڇا هاڻي ساماڻون آهن - ڪي مڪڙيءَ مان، گل ٿيڻ واريون آهن ڪي

ڊگھيون آهن - ڪي ٻندريون آهن - ڪي سنهيون آهن ڪي ٿلهيون آهن - ڪي ڀوريون آهن - ڪي ڪاريون. ڪي ڳاڙهيون ڪي سانوريون. ڪن جا چهرا ميڪ اپ جي لعنت کان پاڪ آهن ته ڪي ميڪ اپ جا تهه هڻيون ٿيون هلن. مختلف قسم جا فيشن آهن- ڪي سلوار قميص ۾ آهن. ڪي ساڙهين ۾. ڪي بيل ڊائمس ۾ آهن ڪي ميڪسي ۾ ته ڪي وري پينٽون پايون ٿيون وتن. ڪي پنهنجن ٻارن سان آهن، ڪي پنهنجن مڙسن سان ته ڪي وري عاشق ڪنيون ٿيون وتن. هڪڙا هلندي هلندي ڪنهن جي ڇاتي سان پنهنجو سينو، ڏونٺ ٿا هڻي وڃن ته ڪيترا ڪن جي پولهه تي هٿ ڦيري ٿا وڃن. ۽ ڪجهه اگهاڙي وڏي هنن ڪي خاص عضون تي چهنڊڙي پائي ٿا وڃن ۽ ائين پنهنجي اڌورنديءَ ۽ ڪڌهن نه پورن نه ٿيندڙن جذبن کي تسڪين ڏئي ٿا وڃن- ۽ موٽ ۾ تيز نظرون. ڦٽ لعنت گاريون ٿا جهلن. گهورڙيا ٻارن کي شيون ڏيکاري ڪين لالچائي رهيا آهن ته وري ٻار مختلف شيون ڏسي انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ بر ٽيڙ رهيا آهن دڪاندار وڏي چالاڪيءَ سان پنهنجن خريدارن کي پنهنجن شين جي اهميت ٻڌائي، هنن کي پنهنجون شيون ڏئي رهيا آهن. ڪي خريدار دڪاندار جي ٻڌايل اگهن تي شيون خريد ڪري رهيا آهن. ته ڪي دڪاندارن جي جي اگهن کي گهٽ ڪرائڻ جي چڪر ۾ آهن. هو سونهن کي سڪڻ وانگر تڪيندي ڪلها هڻندي،

هڪڙي ٿهيل ڪپڙن جي دوڪان جي آڏو بيٺي رهيو آهي.

ڏاڍي شاندار قميص آهي پاڻي ڪيڏو نه ٺاهوڪو لڳندس. رنگ پيارو اٿس! وٺانس؟ ڏاڏاڻي ٿي ويندي. آفيس وارن تي روعب ويهي ويندو. لئي ٿي ويندي. خير لئي نه به ٿئي پر وٺڻي ته ضرور آهي. ڪپڙا ئي ڳري ويا اٿن. پراڻن ڪپڙن کي آخر ڪيستائين هلائبو. آفيس وارا توڙي دوست ڇا ڇا نه ٿا چون. خير قيمت ڪٿي گهٽي لکيل اٿس. پر ڪجهه گهٽ ڪرائي وٺندو مانس. وٺانس ٿو.... پر ڪيئن وٺان ٻيون شيون به ته کٽل آهن. انهن جي به ته ضرورت آهي. انهن کانسواءِ ڪم به نٿو هلي نه پهريائين اهي به ته.... خير اهي پوءِ وٺبيون، اڳ ۾ هيءَ ضرورت ته پوري ڪجي. شئي به ڏاڍي پياري آهي. ٺيڪ آهي وٺانس ٿو. وٺانس؟ خير تڪڙ ڪانهي. اڄ نه ته سڀاڻي وٺبي. پگهار ڪونه ٿي وڃي. جي کپي وڃي ته؟ پوءِ ڇاهي. جي کپي وئي ته هرو ڀرو سڀني شين جي کوٽ ڪانهي.

هو جيئن ئي مڙڻ لڳو آهي، ته ٻي خياليءَ ۾ سندس ڪلهو هڪڙي عورت جي ڪلهي سان لڳي ويو آهي. پڪي عورت آهي ميڪ اپ جا تهه چڙهيل اٿس. ۽ ساڙهي اهڙي انداز سان ٻڌل اٿس. جنهن مان سندس سمورو جسم گهڻو ڪري ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي عورت کيس گهٽ وڌ ڳالهائي؛ ذليل ڪري دڪان تي چڙهي

وٺي آهي. ۽ هو هڪ هنڌ ڄمي ويو آهي. ۽ ان عورت ڏانهن خار مان ڏسي رهيو آهي. جا هاڻي دڪاندار سان زور زور سان ڳالهائي رهي آهي. ۽ دڪاندار ڪپڙن ڏيکارڻ سان گڏ پنهنجي مقصد ڏانهن وڌي رهيو آهي.

ڪميڻي، ذليل، ڏاڍي شريف ٿي بڻجي. دڪاندار سان ڪيئن ٿي ڳالهائي، چڻ ڪو پراڻو يار هجيس ڇو ته هن ڪيڏيون نه اگهاڙيون اُس اتي عزت جو احساس ئي ڪونهيس. باقي منهنجي ڪاني لڳڻ ڪري مڙس هنس جي پڳ پئي ڊڄي، ڇو ته مون کي سمجهي ته هن ۾ غيرت جاڳيس. هاڻي ڪيئن نه پئي هن سان پنهنجون ڳالهيون ڪري. خريداري ته بهانو آهي. هن رنن جو اصل ۾ يار ڳولڻ ٿيون نڪرن. ٻر گهر عيش جي ڪري. هاڻي هن سان ڪنهن هوٽل جي ڪمري يا ڪنهن گهر ۾ پروگرام ٺاهيندي، پوءِ لسٽ وٺي. ڪپڙا پوري وڃي مڙس سان پاڪر پائي سمهي، سچي ٿيندي ذليل لچي ڪجي.

هو اتي بيهڻ مناسب نٿو سمجهي انڪري هاڻي هو اڳتي هلڻ لڳو آهي.

خوامخواهه آهيس. ماڻهو ڪيئن نه پئي ڪليا. سڀ حرامي آهن. رڳو شريف هجڻ جو پوز، باقي ڏرر ۾ ڪارا ڪانو. وارو ملين ۽ ڊپ نه هجين ته اتي ليڪا لتاڙي، ڪنهن نه ڪنهن کي ليٽائي رکن. ۽ پين تي وري کلن ٿا! باسٽرس پر وڏو حرامي ته مان آهيان. اڄايو اڄڻ جو ضرور ئي ڪهڙو هو. ڪيڏا پيرا ذليل ۽ خوار

SOORIH SINDHI ADAB

ٽيو آهيان ته به مڙان ٿو. ڦريو گهريو، نه چاهيندي به هيڏي هليو اچان ساڳيا لاٽون ساڳيا چڪر، ساڳيو ڪٽيوارو پيچ. ڪيترا ڀيرا پاڻ کي جهليو اٿم. تڏهن به عورت جو موهه ڇڏي سگهيو آهيان! آخر عورت ۾ آهي ڇا؟ ڇا اهو پورائو ماڻهو پاڻ نٿو ڪري سگهي؟ پر تڏهن به مڙان ٿو. بس لاشعوري طور ذليل ٿيڻ لاءِ هيڏي ڀڄو اچان. آفيس کان سڌو گهر وڃي نٿي سگهيس؟ پر گهر وڃان جان ته مون بدران هتي ذليل ٿيڻ ڪير اچي ها؟ سڀ پنهنجي ڪرم جو ڦل آهي. پيو ٿو ڀڙڳيان رڳي پنهنجي بدمستي. رڳو پنهنجي حرامپائي آهي!

هو بوريءَ کان ٻاهر نڪرڻ لڳو آهي. هاڻي هو حسين جسمن ڏانهن نهارڻ کانسواءِ ڏي تڪڙو تڪڙو ٻاهر نڪرڻ لڳو آهي. بوري کان نڪري اچي ڪراس وٽ بيٺو آهي. سامهون ڪيپيٽل تي نظر ٿي پويس. اتي انگريزي فلم جو پوسٽر آهي اڌ اگهاڙي عورت سان هڪڙو مرد ڊهڪيل آهي. هن خار مان اتان نظر هٽائي روڊ ڏانهن ڏنو آهي، ماڻهو ڪارن لنگهڻ جي انتظار ۾ روڊ جي ٻنهي پاسن کان اچي گڏ ٿيا آهن. ۽ رستي جي وچ ۾ هڪڙو ٽريفڪ جو سپاهي بيٺو آهي ۽ ڪارن کي گذاري رهيو آهي.

سوٽر ڪيڏو نه موجن ۾ آهن. روز ڪيئن عيش ڪندا نه وتن، هيڏيون پياريون ڇوڪريون، گاڏيون، وڏا بنگلا، بئنڪ بيلنس، واپار، ڪارخانا. جا شئي چاهن سا خريد ڪري سگهن. دنيا جي حسين کان حسين

SOORIH SINDHI ADAB

عورت بہ ھنن آڏو پنھنجو سڀ ڪجھہ حوالي ڪري ڇڏي۔ موجون پيا ماڻن۔ ھن وقت عيش عشرت ۾، ڏسين تہ نشي ۾ ذات ڪيڏيءَ نہ مکيءَ ۾ پيا ڪارون بوڙائن۔ اُنن کو پڇڻ وارو؟ ھي رنـــون ڪي سڀ پنھنجون ٿورڙي اُنن. ھوندن ڪرائي تـــي۔ سڄيءَ رات ماس پٺي صبوح جو ڪنھن ھڏيءَ جان اڇلي ڇڏيندن بس عورت جي مجبوريءَ جو فائدو پيا وٺن۔ ھنن کي زندہ رھڻ آھي ۽ ھنن کي عيش ڪرڻو آھي۔ دنيا رڳو سوديبازيءَ تي پئي ھلي۔ ۽ ھي مرد بہ ڪيڏا نہ واھيات، بدصورت ۽ بيچارينديڙ آھن ۽ ھـي وينگسون کھڙيون نہ ڏاھوڪيون۔ ھڪ ھڪ مھاسندري پٺي لڳي ۽ ھو ارنائيس ديو جھڙا پيا ٿيا. بس سڀ پئسي جو ڪيل آھي، نہ تہ ھنن حرامن کي ڪو ڪنگھي بہ ڪونہ ھي عورتون اھـا ڳالھہ نہ محسوس ڪنديون ھونديون ڇا؟ ھنن وٽ سندر سپنا نہ ھوندا؟ پر ھتي سندر سپنن کي ڪير ٿو ڪنگھي۔ ٿورڙي تي پائيءَ بوڙيءَ جان ڦسي پون۔ ڇڻ ھيائي ڪونہ۔ ھنن کي ھنن مان ڪراھت نہ ايندي ھوندي؟ اصل اٿئي بہ، بس پئسو آھي۔ نہ تہ ھنن کي بہ پيءُ پاڙر ھوندا، پيءُ پاڙر! لعنت آھي پئسي تي. پئسر ڏي تہ بي غيرت بنايو وجھي، سچ چئو اُنن تہ پئسي درن کي بہ ...."

سپاھي ڪارن کي ھٿ، ڏسـي روڪيو آھي۔ ھاڻي ماڻھو تڪا تڪا ھڪ ٻئي کي ٿيلھا ڏئي پنھنجي پنھنجي

پاسي ڏانهن وڃي رهيا آهن. ڪيترا نوجوان موقعي جو فائدو وٺي نوجوان ڇوڪرين جي پولهن، اگهاڙين پانهن ۽ ٽنگن تي هٿ گسائيندا، ڪراس ٽپڻ لڳا آهن. ۽ ڇوڪريون پــاڻ بچائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي اڳتي وڌي رهيون آهن. ۽ هو به ساڻهن کي ٺيلها ڏيندو. ڇوڪرين سان ڇيڙ ڇاڙ ڪندو ڪراس ٽپي اڇي ڪتابن مٿان بيٺو آهي. ۽ ڪتاب ڏسي انهن تــي دل ئي دل ۾ رايا ڏڏي رهيو آهي.

هون ته هن سنڌ جي گورڪيءَ جي ڪهاڻي ڇپي آهي. بس هرڪو نوڙيءَ سان نانگ ٺي پيو آهي. بليءَ کي خواب ۾ ڇڇڙا. اسان ڇڻ گورڪيءَ کي پڙهيو ئي ڪونهي. لکان نٿو ته بس. پر رڳو هيءُ هڪ ته ناهي اسان جي سنڌي ادب ۾ ته ان قسم جي ڪتي وياڻي پئي آهي. هڪڙا هيمنگوي پيا سڏجن. هڪڙا سارتر پيا سڏجن هڪڙا ڪاميو ته هڪڙا ڪافڪا، بيڪٽ. رڳو اٿن سنڌين تي پتڪا ٻڌڻا. اسان وارا ايڊيٽر ۽ نقاد به وڏا حرامي آهن. شل نه ڪنهن بوتل چڪي چڪاين. ڪنهن عورت جو رڳو پوندو ڏيارين، ته ان کي ڪٿي آسمان تي پهچائيندا. دنيا جي وڏن وڏن اديبن کي انهن آڏو جيوتامڙ ڪري ثابت ڪندا. باقي جمڪو سنگل نه ڏيندن ته انهن تي پيا گند اڇليندا ۽ انهن جي لکڻين کي ادب ئي نه سڃيندا. مون واري دوست سان به ته ائين ڪيو اٿن نه! هو غريب پنهنجي گهر وارن جو

پيٽ ڀالي يا ھنن کي سوٽ بوٽ ڪان ويندي ڏرائون به وٺي ڏني. لالچي ڪتاه اوھ! ڪافي ٽائيم ٿي ويو آھي. مان ڪاڻونس ڪتاب به ته ڇٽي ڇماھيءَ وٺندو آھيان نه، پر ڏسڻ لاءِ ھر وقت حاضر. تڏھن ته ڪاوڙ ۾ نھاري ٿو. ٺيڪ آھي اڄ ھٽانس ٿو منھن وارو ڀادر ھي رسالو کڻي وڃانس ٿو. رات ڏسي مزي سان گذري ويندي. ھن حراميءَ تي روعب به ويھجي ويندو ته ھرو ڀرو ڏسڻ ۾ وقت ڪاٽڻ وارن مان. سان نه آھيان ڀيه وٺانس؟ نه ڪونه ٿو وٺانس ڀلي ته ڪاوڙجي يا مون کي ڪڍي ڇا ڀيه سمجھي. ھن جي سمجھڻ سان ٿمن ٿي پوندس ڇا؟ اڄايو پئسا ڇو خرچ ڪيان. ڪنھن نه ڪنھن دوست کان ڪڍي وٺندس. مڙئي پڙھڻ مان ڪم سو ڪڍي پڙھيو. ھا مون کي خبر آھي منھنجا دوست ان ڪرڻ تي مون کي سنڌي ٻولي جو دشمن ۽ ان کان وڌيڪ لقب ڏيندا آھن. پر ڀاڻ وري ڪھڙا اشراف جا پٽ آھن؟ نام نھاد ترقي پسند ۽ اندر سڄو رجعت پرستي سان ڀريل پر اوھه ڏنم ات.

ھو گھڻيءَ دير تائين ڪتابن ڏسڻ کان پوءِ ڪتابن واري جي ڪاوڙ کي نظر انداز ڪري ۽ شوڪيس کي جاچيندو. مختلف شين جي سڌ ڪندو ۽ انھيءَ سڌ کي اندر ۾ ئي ماريندو سوچڻ جي درياءَ کي وھندو ڏسي ۽ ان مان چاھيندي به ڪو ٻڪ ڀري نه سگھڻ ڪري اداس، ڏکوئي ۽ پريشان ٿيو. سڄيءَ ايلفي ۾

چڪرن مٿان چڪر هڻي رهيو آهي. ۽ هاڻي محبوب
ڪلاٿ مارڪيٽ جون ڏاڪڻيون لهڻ لڳو آهي ته ٻاهر
ٽي وڏو آهي.

اوهه! هي شيخ لڳي ٿو دبئي جو آهي. ٻيا ان طرف
جي ڪنهن ٻيءَ اسٽيٽ جو ۽ هي چار پنج حر مرادون
هون ته هنن کي شاپنگ ڪرائڻ سان ونئي وڃي رهيو
آهي. سنڌڻ شباب جي موت جو قتل! بس هنن حرامين
اسان جي ملڪ کي ڪٽي چڪلو بڻايو آهي. منهنجو
وس پڄي ته اهڙا سوچڙا هڻانس، جو وري هيڏانهن منهن
نه ڪري. پر هنن حرامين جو ڪهڙو ڏوهه. اسان
جڏهن مٿان پنهنجون رنون هنن کي سوڪلي رهيا آهيون
ته هنن جو ڪهڙو ڏوهه؟ هنن کي ته تيل جو پئسو
کپائڻو آهي پوءِ ڪٿي به کپي. ۽ جڏهن اسان
پنهنجي ملڪ کي منڊي بڻائي ڇڏيو آهي. ته هنن تي
ڪهڙو الزام- هنن حرامزادين کي خود خيال ڪرڻ
گهرجي ته پنهنجي ملڪ جو ناس پٽيو پوئي رهيون هن.
اوهه! وي ڪهڙي وطن پرستي جاڳي اٿم- ملڪ جو
خيال آهي يا هن شيخ سان جيلسي- ته ڪ ٿي وڃي
ايمن سارن چوڪرين- او ايٽ ديم ٿ هيل.

پٺاڻي تي گهنڊ پيل اٿس غصي ڪري هو ڏيڍو
تکڙو تکڙو هلڻ لڳو آهي. ايلهي ريسٽورنٽ جي
ڏر جاڻي پٽي اڏڻين.
نه ڪو به ڪوهي ڪو هڪڙو ني حرامي هجي

ها ته گهٽ ۾ گهٽ چانهه ته ٽڪري پوي ها. ها باقي مان ويهان ته هڪ منٽ ۾ اچي ٽڪاءُ ڪندا. هيلو ڊيئر، هائو لائيف از گوئنگ، آر يو انجوائنگ. او ڊيئر هڪڙي چانهه. حرامي پاڳي پيلا اٿن. نه ته اڄ مان به منهن تي دانگي گهمايان نه ها.

ڪنهن به دوست کي ايلفي ريسٽورنٽ ۾ نه ڏسي ٻاهر اچي بيٺو آهي. فٽرائيٽ ۽ مونٽانا ۾ ڇوڪرين کي گهڙندو ۽ ٻاهر ايندو ڏسي رهيو آهي. سندس اکيون ڪجهه ڪاريون بيٺيون آهن. ۽ هو ڏاڍو اداس ۽ پريشان لڳي رهيو آهي. ۽ حسرت مان هر شيءِ کي ڏسي رهيو آهي ۽ وري سونهن جي اٿاهه ساگر ۾ گم ٿي رهيو آهي.

واقعي الفي ڪراچيءَ جي دل آهي. ڪيڏو نه مزو لڳو پيو ٺيڪ آهي. طارق روڊ تي به هاڻي رونق ٿيڻ لڳي آهي. پر ايلفي جي ڳالهه ئي اور آهي. ڪهڙا نه چنڊ جهڙا چهرا ماکيءَ کان مٺڙا ماڻهو آهن! سڀ بڪواس. چنڊ جهڙا چهرا! رڳو ڏسڻ ڪاڻ سون پارا ٽڪي ٽڪي مريو وڃن ۽ موجون ويٺا پيا وٺن. سڀ ڪجهه سرمائيدارن لاءِ. ڇوريون به لفٽ ڪونه ٿيون ڏين ڪير ٿو ڪنهن جي پيار جي خلوص ۽ بي لوثائي کي ڏسي. هتي دلن کي ڏسڻ وارو ڪو به ڪونهي. اهو سڄو آئيڊلزم آهي. پيار کي ڇوڪريون ڪانگهارو به ڪونه هٽن. ڇوڪرين جون اکيون ته انهن سان ٿي سڏيون ڪيسن ڏانهن ٿيون هليون وڃن. ڪيسو گرم آهي

۽ سڄي دنيا جون ڇوڪريون توهان جون محبوبائون بڻجڻ لاءِ آتيون آهن. ۽ جي ڪيسو خالي آهي ته ڪا پر ۾ ڀيهي به نه ڏينديون. هائي هنن کي ڪارائجي يا گهر وارن ۽ پنهنجي گهرجن جي دوزخ جو پيٽ ڀرجي. بس هيڙيءَ زندگيءَ کان ته ڪنهن نازنين جي ڪار هيٺان پئي ڪي اچلجي ته اهو چڱو. گهٽ ۾ گهٽ هميشه جي عذاب کان ته زندگي بچي وينديءَ. آنند مليو وينده.

هنجا خيال ٽٽي پيا آهن. سامهون ڪرسچن ڇوڪريون آفيسن مان ڪم تان موٽي گهرن ڏانهن اچي رهيو آهن.

سانوري حسن کي به پنهنجي سونهن پنهنجي ادا آهي ڪيئن نه ٽنگڙن ٻانهون اگهاڙيون ڪيون تيون هلن ۽ هن کي ته انگي به ڪانهي. واهه جو ڇاتين جو رقص آهي. نوجوان ڇوڪرين کي انگي ته خبر ناهي ڇو ٿي وٺي- پوڙهين جي ته ڪٺي مجبوري آهي. اجايو ٿيون انگيون پائي پنهنجن ڇاتين کي ٻاتو ڪن. مون کي ته انهن انگين تي ٻاهر وڻندي آهي. واهه! رکو ۽ تيون ٿي ته جسم به واهه جو اٿس. هونئن جسم سڀني جو ٿري نات ٿري آهي. جيڪر! .... ها آهن هلندڙ. آفيسرن کي راضي ڪرڻ لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهه حوالي ڪنديون هونديون. هرنئن ئي ڪرسچن آهن به ته مظلوم تڏهن ته رکندا اٿن. جي ٿـورو به خراب هلن ته ڪرسچن هئڻ ئي ناتي مذهب جي آڙ وٺي نوڪريءَ تان ڪڍي ڇڏن. ڪيڏا نه حرامي آهن. ماڻهو مذهب

مان واهه. جو فائدو ٿا وٺن بس ان چڪر کي پنهنجي 'سچل سرمست' واهه جـــو سڃاتو هو! اوهه! ڀاشڙ! ڊيم اٽ- پوءِ لڳان ڪيڏ- سن ڪا لفٽ ڏني وڃ موں ۾ ڪهڙي گهٽتائي آهي. لفٽ ڏنائون ته لٿي ٿي وينديءَ. سانوريءَ سوڻهن جي منهن جو مرڪيون ته پري ڏسان جسم پڪل ٽپڪي جهڙو اٿن.

هو هنن کي گهوري گهوري ڏسڻ سان گڏ معنيٰ خيز انداز سان مرڪي نهارڻ لڳو آهي- ۽ ڇوڪريون هن کي اهڙي نموني گهوريندو ۽ مرڪندو ڏسي، ڪائي، اڳتي وڌي ويون آهن. هو بي عزتي محسوس ڪري ڪيڏ لڳڻ جو خيال لاهي اتي ئي بيٺو آهي.

هي به وڏيون حرامزاديون آهن. ڇڙڪري ڪهڙيءَ به قوم جي ڪهڙي به مذهب جي ڇو نه هجي، آهي اهائي ڇڙڪري آهي اهائي بچ! ڪيسي کي جاچيندڙ بچ! يا آل دي گرلس آر بچز.

ماڻهون يورپي جوڙو اچي رهيو آهي. ڇوڪريءَ کي مني اسڪرٽ پاتل آهي ۽ ڇوڪرو هن جي چيلهه ۾ هٿ وجهي ڏاڍي مزي سان اچي رهيو آهي. هن کان ٿڌو ساهه نڪري ويو آهي.

بس زندگيءَ جو مزو هي ماڻهو وٺي ڄاڻن. زندگي جيڪڏهن آهي، ته هنن جي! هـــر ڏيکاو ڪان پري. کليل ڪتاب. جتان وڻيو اتان پڙهي وٺو. هتي ته رڳو بناوت آهي، رڳو خون رڳو ڦيو ڪريسي. ٻـــاهران

اڇي ٻڳ اندران اگهڙيون. ڏورو ڪجهه ٿئين ته موشل هجڻ جو نقاب اڇي پٽ پيو ين. ننگا ڏي بيهندا اندر ڏي اندر ماڻهو پيڻ کان به نه مڙندا. ٻاهر شرافت جا پتلا ٿيو گهمندا. ۽ مون ٻاري رڳو اک کڻي ڏٺن ته جڻ پنهنجي زال سان ڪنهن خراب حالت ۾ ڏسي ورتئون. جڻ ڪو مها پاپ ٿي ويو. سچي ڪوڪلي ڪوڙي زندگي سو ڪالبد لبرل سوسائٽي. رڳو پاڻ تائين محدود ذليل ڪوڙا ڏنگ، واهيات، رڳي پڻ پيا ڪائن ۽ موجون ماڻن. هنه!.... هوءَ پوڙهي ڏس ته ڪئن نه ميڪ اپ سان ٺٺجي پئي نوجوان ڇوڪرن سان گهمي رهي آهي. ڪيڏي نه بي حيا آهي. هاڻي مان ٺٺو سمجهي سگهان ته هي ڪير هوندس. پٽ ڏورڳي هوندس. انهن سان ائين ڏورڳي هٿ هٿ ۾ ڏئي هلندي هوندس!...... هاڻي مڙس ڪي ختم ڪري جوان رت پيئڻ شروع ڪيو اٿائين. سو به هڪ وقت هو! جوردي‌سان! هنن ڪي چاهن پئسا ڏيندي هوندن پئسا. ها پئسا به ۽ .... ها پوءِ انهن پئسن سان جوانڙيون به ڦاسائيندا هوندا. پئسي سان ڇا نٿو ملي!.... مونکي جيڪر اهڙي پوڙهي ملي وڃي! ها ملي وڃي ته ڪيس به عرش گهمايان پاڻ به موجون ماڻيان. ڏهه ڏهه ڇوڪريون هڪ ئي وقت رکي ڇڏيان شيخن جان! ها ڏهه ڏهه! .... اوه! آخر ڪيستائين غسل خاني يـــا ڪاڪوس ۾ پنهنجي طاقت وڃائيندو رهندس. ڪيڏو نه انساني نسل جو خون ڏيو ڪيان!

اسان ٿو ڪيان! ويچارو انساني نسل! هون! انساني نسل
وڃي ڪڌ ۾ پوي. مون ٽڪا ٻڌا آهن ته هو اڳي
عيش ڪندا! ها پر مان به ڳرندو ۽ لهندو ٿو وڃان
رت ويندي رهندي تــه ڪمزور نه ٿيو ته ڇا ٿيو!
بيمار نه رهيو ته پيو ڇا ٿيندو. آخر اها راند ڪيستائين
هلندي رهندي.... پر شادي به ته نٿو ڪري سگهان نه
هنن حالتن ۾! هاڻي ڏي ٻڪ ٻيا مرون ته پوءِ ڇا ڪيو!؟
پرائي ڇوڪري گهر اڻيندي ته ان کي ڪيئن هلائيندو
آخر ان به ته ڪجهه لهڻو يا مالڪ هنکي ٻڪ مرڻ
لاءِ منهنجي حوالي ڪندا. ۽ اڄ جي ڇوڪريءَ کي
رڳو کائڻ لاءِ ڪجهه نٿو کپي، زندگيءَ جون ٻيون
به ته ضرورتون آهن اوهه! ڪڏي وڃجي، هـا رڳي
تباهي ئي تباهي آهي! هر شئي ڦٽي رهي آهي. هر شئي
مسخ ٿي وئي آهي. اوهه! ڪيڏو نه مٿي ۾ سور پئجي
ويو آهي. مٿو ڦاٽي پيو. هي مٿي جـو سور به جند
ڪي نه ٿو ڇڏي. هر وقت پيو اچي. ڪوڏو پاڏرين
ڪاڻي کائي عادي بڻجي ويو آهيان. ٿباهه ٿي ويو آهيان.
ڇانهه پيئڻ گهرجي ۽ هڪڙي گوري. نه ته ٺيڪ
رهنديون. ائين سور حرامي ويندو ڪو نه. صبوح کان
پوءِ ماني ڪانه کاڌي اٿم. ماني به ڪٿي کاوان- نه
ماني وڃي گهر کائبي، اجايو پئسا نه وڃائڻ گهرجن.
۽ چـانهه به ايلفي ۾ نه- ڪنهن هلڪي هوٽل ۾
وڃي ٿو پيئان.

هڪڙي ٿرڊ ڪلاس هوٽل ۾ گهوڙي آيو آهي. اندر ڏاڍو گوڙ لڳو پيو آهي. ٿرڊ ڪلاس هوٽلن جو مانوس گوڙ. ماڻهو وڏي واڪي ڳالهائي رهيا آهن. موسم خوشگوار هئڻ باوجود اندر ڏاڍي گرمي لڳي پئي آهي. ساهه گهٽجڻ ۽ مونجهه هوندي به هڪڙي بچيل ڪرسيءَ تي چانهه ۽ گورين جو آرڊر ڏنو اٿائين. پاڻي سان گوريون وٺي چانهه پيئڻ لڳو آهي.

:چانهه آهي يا گهوڙي جو مُٽ! ٽيهه پئسا به پاڻي ۾!. اجايو خرچ! خبر ئي نٿي پوي ته حرامي چانهه ۾ ڪنڌ، ڪير ۽ چانهه به وجهن ٿا يا ڪو پيو ڪجهه! چانهه جو ذائقو ئي ڪونهيس: نڙي سڙي رهي آهي. ڪنجوسي به ذليل ڪيو ڇڏي. ٺيڪ آهي پئسا وڌيڪ خرچ ٿين ها ته چانهه ته ملي ها. هيءَ ته الائي ڇا آهي؟ هنن بدمعاشن کي رڳو آهي پئسو حاصل ڪرڻو، هنن کي پئسا کپن، پوءِ اڳلي کي ڀلي زهر ملي! سڀ ڪو وڏي ماڻهوءَ ٿيڻ لاءِ ٻين کي ذليل ڪري رهيو آهي ۽ اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. ڪنهن کي ڪنهن جو خيال ڪونهي. سڀڪو سياري جي ٻاهه پاڻ ڏي سورڻ جي چڪر ۾ آهي. رڳو خود غرضي. رڳي ڦرمار رڳو ڏاڙا!

هن چانهه جي خراب هئڻ باوجود به سڄي چانهه ختم ڪئي آهي. ۽ هوٽل جي گندي ۽ واهيات ماحول ۾ ڪافي دير تائين ويهي رهيو آهي. ۽ حسرتن، نااميدن

ماڻهوسين خيالن ۽ سوچن جي قيد مان نڪرڻ ڪانهي، هو ٻاهر نڪتو آهي. بوريت ۽ ايلفيءَ جي سونهن به هاڻي ختم ٿي رهي آهي. پوءِ به هو اڄايو چڪرن مٿان چڪر ڏئي رهيو آهي. ۽ هاڻي ته بوري بند ٿي چڪي آهي ايلفيءَ جي سونهن به سمهي پئي آهي. ايلفي ڪنهن ٻي وهم جان لڳي رهي آهي ۽ ڪڏهن ڪائي ڪار گذري رهي آهي. تنهن ڪري هاڻي هو روڊ جي وچ ڌان هلي رهيو آهي. ٻئي هٿ پينٽ جي کيسن ۾ وجهي سگريٽ مان ڪش هڻندو هلي رهيو آهي.

هاڻي ايلفي جي سونهن لٿي. ايلفيءَ جي سموري سونهن پنهنجن ٻنگلن، وڏن هوٽلن ۽ ڪلبن ڏانهن ڪاٺي ويا هوندا ۽ اتي جوانڙين سان شراب پي، هنن جي چيلهن ۾ ٻانڪر وجهي سينو سيني سان ملائي رقص ڪندا هوندا. جسمن جي جسمن سان راند هوندي. رڳ رڳ ۾ نشو هوندن. ڪي ڪيبري ڏسندا هوندا. ڪي وري پرڏيهي ڇوڪرين جي ننگن جسمن جو ديدار ڪندا هوندا ۽ رنگا رنگي روشنين جو ٻرڻ ۽ وسامڻ ۽ ٻند ٿيڻ. ۽ ٻند ٿيڻ سان ڇم ڇٽ ۽ ...... ها عيش ۽ عيش جي راند. عيش ۽ عشرت جي گرم ۽ رنگين بازار ها ڪراچي جي راتين جو ڪو جواب ڪونهي. هن جي چپن تي مرڪ ڦهلجي وئي آهي.

۽ ان ڏينهن ڇنو حرامي ڪيبري ڏيکارڻ هليو ته ڪيڏو نه مزو آيو آهي. خير پگهار کٽي سڄي ڇٽ تي

وڃي هئي. مائٽن ۾ ذليل ۽ خود به خراب ٿيو هوس پر ٿيو ڇا؟ جنت جو سير!. ڪپڙن ڪانسواءِ به جسمن کي سونهن آهي ۽ خوب آهي. اهو ڀيريون پيرو احساس ٿيو هو. واهه جو مزو هيو ۽ هوءَ نازنين منهنجي حصي ۾ آئيل دلربا ڇا ته سونهن هيس! ڇا ته سرهاڻ هيس! ڇا ته سرير هيس! ها ڀيريون پيرو خبر پئي ته جسم جي جسم کي پڪار ڇو ٿيندي آهي. سرير سرير کي ڇا چوندو آهي. ۽ اهو ڪوهه ندا ڪهڙو آهي.....پر ٻاهر نڪرڻ ڪانپوءِ جڏهن هن منهنجي بنگلي تي هلڻ لاءِ پڇيو هو تڏهن ڇا حالت ٿي هئي. ڪيڏو هيٺ ڪري پيو هوس. ڪيترو ذليل ٿيو هوس ۽ پوءِ منهنجي سڄائي کي ڇاڻي جڏهن هڪ وڏيري جي پٽ، بدماش جي ڪار ۾ سونهن ڪلندي هلي وئي هئي، تڏهن ڪيڏو نه هيٺ ڪري پيو هوس. ۽ ذلت جي احساس کي مٽائڻ لاءِ ڪيئن ڇني کي ٽوڪو،ڇيو هيم ۽ ڪيس ست سريون پڙايون هيم. ۽ سنڌس سموريون خرابيون ڳڻايون هيم! هان ته هن ڪيڙيءَ سونکي به ڪنهن سنڌي وڏيري جو پٽ سمجهيو هيو. وڏيرن جي پٽن جا حال مون جهڙا هوندا آهن! خبر ناهي هتان جي ماڻهن کي ڇا ٿي ويو آهي؟

اسان سڀ سنڌي هنن کي وڏيرن جا پٽ ٿا نظر اچون! وڏيرا سائين خوش آهيو، وڏيرا سائين وزير کي اسان جو ڪم ته ڇئو!— ڪان پرمٽ ته وٺي ڏيو،

وڏيرا وڏيرا ـــ ڪيڏي نه لٽي آهي حرامن جي گوٺن ۾ نه بادشاهي اٿن ۾ هٿ ٻـــ عيش. مڇن ڪي تيل هنيون ايلفيءَ طارق روڊ تان ڪارن ۾ چوريون ڪيون پيا موجون ڪن. حرامن جو سدائين پنج ئي آڱريون گيهه ۾. جهڙي حڪومت اچي انهن جا حامي هي ۽ ڪڏهن مسلم ليگ ۾ ها اڄ پيپلز پـــارٽي ۾- سدائين چڙهندڙن سجن کي سلام ڪندڙ، مفاد پرست.

سادر... .... اوهه! مان به ڇا پيو سوچيان. ان چوريءَ جي ڪري ڪٿان ڪان وڃي ڪٿان نڪتو آهيان. پر چوري واقعي جل پـــري هئي. ۽ سنهنجي جيون جون اهي گهڙيون به گهڙيون هيون. جڏهن هـــوءَ منهنجي ٻانهن ۾ هئي. ها اهو هڪ حسين خواب جو ٽٽي پيو هو.

هن جي چهري تي هڪ عجيب سرڪ آهي. جنهن ۾ نه خوشي آهي نـــه ڏک- خوشيءَ ۽ ڏک کان وانجهيل سرڪ! ڪوڪلي سرڪ. هو هاڻي گهر ڏانهن موٽي رهيو آهي. سندس پويان ڪار لنگهي اچي ٽورو اگهيان بيٺي آهي. هڪ پوڙهي ڪرسچن عورت ڪار مان لٿي آهي. ۽ ڊرائيور کي هٿ سان سلام ڪري بوريءَ ۾ گهڙي رهي آهي.

پڙوي تي ڏسجي. ڪنهن آفيسر، سيٺ يا وڏيري کي مال پهچائي آئي هوندي هيڙن عورتن کـــي پڇسو گهرجي. پوءِ اهو ڪٿي ڪهڙي نموني به ملي هوي. جواني ۾ پاڻ هلي هوندي ۽ هاڻي ڏيئرن کي هلائيندي

هوندي نه ڏيندر ته هاڻي اچي پاڻ جهڙيون ٿيون هوندس ڏهڻيون يا پوڻيون هلائيندي هوندي يا ڪي پيون به ٿي سگهن ٿيون. هن عمر ۾ هيڻن لاءِ اهوئي جيڻ جو آخري سهارو ٿيندو آهي. جواني ۾ پاڻ ضرور چالو مال هوندي هلڻي نئي پڌائي ٿي. ته گهاگ عورت آهي. هن عمر ۾ به، پولهه کي ڪيئن نه موڙا ڏيئي لوڏي هلي ٿي. ٿي پوڙهي وئي آهي پوءِ به ٽنگون، ٻانهون ۽ سينو اگهاڙو ڪيون ٿي هلي ۽ اسڪرٽ پايون ٿي وتي. لڳانس ٿو ڪي ضرور اهميت ڏيندي. آخر به ته جوان آهيان. جواني ياد ڏياري ڇڏيندو مانس. هيڙيون پوڙهيون ته سدائين اهڙيون ڳالهيون تاڙينديون. مون پارو جوان ته خدا ڏيارين. مم جان گوڏا ڇني، رت پي پوءِ ڇڏيندس خير پوڙهي آهي ته ڇا ٿي پيو؟ تجربيڪار عورت آهي ڇوڪرين کان وڌيڪ پيار ڪندي. هوئن به اهي وات ڳڙهيون ڇوريون ڇا ڄاڻن ته پيار ڪيئن ڪبو آهي لڳانس ٿو ڪي ها لڳانس ٿو پويان.

هو انهيءَ پوڙهيءَ جي ڪي لڳو آهي. پوڙهي ڪرسچن هاڻي بوري اندر هلڻ شروع ڪيو آهي. ۽ هنگي پنهنجي پٺيان ايندو ڏسي تڪڙي هلڻ لڳي آهي. ۽ تيز هلڻ سان گڏ بار بار ڪنڌ ورائي پوئتي نهاري رهي آهي ۽ تيز هلڻ ڪري ڪجهه اڀ ساهي ٿي پئي آهي. پر پوڙهيءَ پنهنجي رفتار کي اڃان به وڌائي ڇڏيو آهي. هاڻي هو پوڙهي جي بلڪل ويجهو پهچي چڪو آهي.

۽ پوڙهي ٻڍي کان هاڻي پڇڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر هو ناڪام ويئي آهي جو هن ٻوڙي پڪ هنيو آهي. پوڙهي هن جي پاڻهن ۾ ٻڍي کان ڏڪڻ لڳي آهي. ۽ هو ٻه ٻوڙ ۽ جذبن جي مشتعل هئڻ ڪري سهڪي رهيو آهي. ۽ آخر هن وڏي مشڪل سان پوڙهيءَ کي پنهنجي ڳالهه جو مفهوم سمجهايو آهي پوڙهي ڪرسچن هاڻي پاڻ سنڀالي، هن کان پاڻ کي ڇڏائي، هن کي نه صرف پوليس جون ٺمڪيون ڏنيون آهن پر انسان گند ڪيس بي انتها گاريون ڏئي، ٺڪيون ۽ ٻجا هڻي، ذليل ڪري هلي وئي آهي. ۽ هو ڪو وقت هڪ هنڌ جهڙو بيٺو آهي، هاڻ هو پاڻ کي بار ڏاڍهن گهڻ لڳو آهي. پاڻ کي لڳل گند ۽ ڪچري کي صاف ڪرڻ وڃي رهيو آهي. پاڻ کي ذلت جي احساس کان آجو ڪرڻ لاءِ شراب جي گود ڏانهن وڃي رهيو آهي.

ها شراب ئي هن کي اڄ جي سانحي- اڄوڪيءَ ڏيجهي کان جند آزاد ڪندو. مڪتي ڏيندو. ها اها هڪڙي شئي آهي. هن دنيا ۾، هن کي بچائڻ واري نرواڻ ڏيڻ واري مڪتي بخشڻ واري، ها مڪتي بخشڻ واري.

لعنت هجي لعنت. هيءَ ڏياري ئي مڪتي! هي مليو آهي نرواڻ؟

هن کي شراب تي سخت چڙ اچي وڃي ٿي. جنهن هن کان اهو ذلت جو احساس ته گهٽايو ڪونهي رهندو وڌائي ڇڏيو آهيس. هو خار مان شراب ڀريل گلاس کي

هٽ سان ڏک هئي ٿو. ڏک لڳڻ سان گلاس وچـــي نوجوان مکراني کي لڳي ٿو. ۽ ڏک لڳڻ سان گڏ هن جا سمورا ڪپڙا شراب سان پرجي وڃن ٿا. تہ هو ڪاوڙجي اٿي ٿو.

اڙي تون ڙي وري مون کي گاريون ٿو ڏين گلاس ٿو هڻين. نمڪ حرام. حرامي بيهہ تہ توکي ڏسان ٿو ڙي. پڙواہ

نوجوان مکراني هن کي ساڙڻ لڳي ٿو. هو پهريائين حيرت ۽ خاموشيءَ سان مار کائڻ لڳي ٿو. ۽ پوءِ پاڻ بہ جواب ۾ هن کي ٺونشا هڻڻ لڳي ٿو. پنهنجي ساٿي کي ڏک لڳندي ڏسي پٺاڻ مـــزور بہ هاڻي هن کي مارڻ لڳي ٿو.

ڪرڙود مکراني هن کي ڇڏائڻ لڳي ٿو ۽ پنهنجن ساٿين کي روڪڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي ٿو باقي پيا ماڻهو خاموشيءَ ۽ سڙي سان هن کي مار کائيندو ڏسڻ لڳن ٿا. ويڙهہ ڪري بار ۾ ڪافي شراب هارجي پوي ٿو ۽ ٽانوءَ پڃي پون ٿا. سيٺ سخت چڙي پوي ٿو ۽ خار مان هيٺ لهي اچي ٿو سڀني ماڻهون هنڪي ٿي ڏوهي ثابت ڪن ٿا. ان ڪري سيٺ سندس ڪيسي مان اهي سمورا پگهار وارا پئسا ڪڍي وٺي ٿو. جي هنجي ڪيسي ۾ پهل آهن ۽ هن اچا گهر وارن کي نہ ڏنا آهن اهو ڇٽي تہ هن کي پگهار اچا ڪانہ ملي آهي.

هن جو منهن سجيل آهي. جسم مـــان رت وهي

اڪتو اٿس. قميص جا ٽي ر ڳيو بٽڻ ٽٽي چڪا اٿس، پر قميص ته گهٽ ۾ گهٽ هنڌن کان ڦاٽي پئي اٿس. ۽ هاڻي هو پاڻ کي بار مان ڪڍي گهر ڏانهن گهلڻ شروع ڪري ٿو.

('نئين دنيا' جولاءِ، آگسٽ ١٩٧٦ جي پرچي ۾ ڇپيل)

موت

کٽ تي ليٽڻ، ليٽي ڪتاب پڙهڻ، ٿورو پڙهي وري اٿي ڪمري ۾ هلڻ، هلي اچي دري مان ليٽو پائڻ. دري مان ليٽو پائي پاڻ کي اچي کٽ تي سٽڻ. وري ڪتاب ۾ اکيون وجهڻ ۽ اهو اڻ کٽ سلسلو!

هو بور ٿي پيو. نه رڳو بور پر هاڻي هن جي اندر ۾ بک جو راڪاس به ڪر موڙي آهستي آهستي جاڳڻ لڳو هو. ۽ انهيءَ ڳالهه هن کي بيچين ڪرڻ شروع ڪيو هو.

هن ڪتاب ٽان نظرون هٽائي واچ ڪي ڏٺو ته هو ڪتاب کي ڪٽ تي اڇلي، ٽپ ڏئي اٿيو. ۽ هلي هڪ دفعو وري دريءَ مان ليئو پائي هيٺ ڏٺائين. ۽ پوءِ انهيءَ حالت ۾ ڪافي دير تائين هيٺ ڏسندو رهيو. پر هن کي اميد جو ڪوبه ترورو نظر نه آيو. مايوس ٿي خار مان دريءَ کي بند ٿي ڪيائين ته هن جي نظر شازي تي پئي. جا پنهنجي گئلريءَ ۾ بيٺي ڪيس گهوري رهي هئي. شازيءَ مان هن جون نظرون مليون ته شازي مرڪي ڏنو. شازيءَ جي مرڪڻ تي، هن کي به مرڪڻ جي ضرورت محسوس ٿي ته هو زور سان مرڪ کي ڇپڻ تي ڪهلي آيو.

شازيءَ جا وار وکريل هيا، ۽ هن کي اڃا تائين نائيٽ ڊريس پاتل هئي. لڳي رهيو هو تـــه هوءَ اڃا هاڻي بستري کي ڇڏي آئي هئي. ڪجهه وقت هـــو شازيءَ سان نظرن جي پل ذريعي ملندو رهيو. ۽ پوءِ الائي ڇو هن کي اڄ پهريون ڀيرو اها ڳالهه ڪانه وڻي نه رکو وڻي ڪو نه، پر خسيس پڻ لڳي.

هن دريءَ مان هٽ ڪيي شازيءَ ٽان نظرون هٽائي وري اچي پاڻ کي ڪٽ جي حوالي ڪو.

نه اڄ ڪو به حرامي هيڏانهن منهن ڏي ڪو نه ڪندو. گدڙ ۾ به ڪم پيو هو ته وڃي جبل تي نڪتو هو نه! هونئن ڏس ته روز ڀڳا بيٺا آهن، پيو نه ته ڇانهه ڏوکڻ جي بهاني سان اچي، دوست هجڻ جو ثبوت

ڏيندا. پر اڄ سندن ڪوئي پتوئي ڪونه ٿو پوي. لڳي ٿو، هتن کي به منهنجي ڪيسي خالي هجڻ جي خبر پئجي وئي آهي. هنه! سڀ مطلبي آهن. سڀ خود غرض حرامي ڪنهن جاءِ جا.

هو ڪٽ تي پاسا ورائڻ لڳي.

ڇا ڪيان؟

هو اٿيو ۽ ڪٽ تي پير پسو لڙڪائي، ٺونٺين کي گوڏن تي رکي، منهن کي هٿن ۾ جهلي ويٺو ۽ پوءِ ڪافي دير انهيءَ حالت ۾ ويهي ڪڪ ٿيو ته اتان اٿي اچي ٽيبل تي نڪتو ۽ ٽيبل تي پيل گلاس کڻي، گگهيءَ ڏانهن وڌي آيو. ڪجهه دير گگهيءَ وٽ ويهي پوءِ گلاس ۾ پاڻي ڀري وات تائين آندائين. ۽ پوءِ پاڻي پيئڻ جو خيال لاهي خار مان پاڻي هاري گلاس کي گگهيءَ تي رکي ڇڏيائين.

ائين سگهڻ آندن تي ڪيترو پاڻي پيئبو؟. بک تي پاڻي ته وٺي ٿي ڪونه ٿو. رهندو ٿي پيٽ ۾ سور.

هو ٽيبل جي ڀرسان رکيل ڪرسيءَ تي اچي ويٺو ٽيبل تي رکيل ڪتابن مان هڪڙو ڪتاب کڻي، ان کي اٿلائي پٿلائي، وري ان کي ٽيبل تي سٽي. ٻيو ڪتاب کڻي ان کي اٿلائڻ پٿلائڻ لڳو. ۽ جڏهن هن کي ڪتاب مان مزو ڪونه آيو ته هن وري تازيءَ اخبار کي کولي ان جي مختلف شين کي پڙهڻ لڳو. ۽ هن کي جڏهن اخبار به سڪون ڏئي نه سگهي، ته هن ان کي به خار

مان ٽيبل تي سٽيو ۽ مٽي کي هٿن ۾ جهلي ويهي رهيو.

آخر هي چڪر ڪيسين هلندو هر مهيني ساڳي ويڙهه هونئن ته پارٽنرن يا دوستن کان ڏي قرض کڻي پيٽ جو دوزخ ڀرجي، پر اڄ نه پارٽنر ڏي آهن، نه وري ڪو دوست ڏي ٿو اچي! ڀاڙي لاءِ به پئسو ڪونهي ته ڪنهن وٽ پهچي، وڃي ڪو پيٽ لاءِ بلو ڪريان. ڇا ٿيندو؟ هن لاءِ ڳوٺ ڇڏي هت ڪراچيءَ ۾ آيو آهيان!؟ هت ته قدم قدم تي ذليل ۽ خوار ٿيڻو ٿو پوي!

هن کي سگريٽ جي ڀاڄ محسوس ٿيڻ لڳي ته هن بيخياليءَ ۾ ور ۾ هٿ هنيو ۽ جڏهن هو اتان ناڪام ٿيو ته هو ڏاڍو پريشان ۽ بي آرام ٿي ويو.

هڪ بڪ تباهه ڪرڻ شروع ڪيو آهي پيو سگريٽ ڪرنهي! هاڻي ته مٿو ٿو ڦري. ڪاڏي وڃان؟ اوهه! ڇانهه به ته اچان تاڏين نه پهتي اٿم نه؟ سري ويس. ڇا ٿيندو آخر؟

هو ڪرسي تان اٿيو ۽ هاڻي ڪهر ۾ هيڏانهن هوڏانهن هلڻ لڳو. بي چينيءَ مان هٿ مهٽڻ لڳو. ۽ هلندي هلندي، هن جون نظرون جاري ۾ پيل اخبارن تي پيون، ته هن جي چهري تي سرهاڻ اچي وئي. ڄڻ ڪو لڪل خزانو هٿ لڳو هجيس. هن کي هاڻي پاڻ خار اچڻ لڳي.

اوهه! سون ته انهيءَ ٻاري ۾ سوچيو ئي ڪونه مان

به ڪيڏو بي وقوف آهيان. هيٺرن سارن اخبارن هوندي، منهنجي هٿڏانهن ڌيان ئي ڪونه ويو! ٺيڪ آهي ڪافي پئسا ملي پوندا. ڪجهه ڏينهن ته گاڏي گهلي ويندي. اڳتي ڏنو ويندو لا لا لڙ لا لا لا لا ....

چڙ ڪو لڪل خزانو هٿ لڳي ويو هجيس. هن جهونگاريندي جهونگاريندي اچي ٽيبل تان آئينو کنيو ۽ وارن کي ٺيڪ ڪرڻ لڳو. ۽ وارن کي سنواريندي اوچتو ئي اوچتو هن جي اها خوشي مکڻ ماڙي جان رجي ويئي. هاڻي هن جو نه صرف جهونگهارڻ بند ٿي ويو. پر سندس چهري تي موهن جي دڙي جان اداسي ڇانئجي ويئي. هو بيحد غمگين ٿي ويو.

پر اخبارون وڪڻندي ڪنهن ڏسي ورتو ته پوءِ؟ نه سون ڪان اهو ڪم ڪو نه پڄندو! پاڙيوارا ڇا چوندا؟ سڄو پرم اچي پٽ تي پوندو شازيءَ به ته مسين مسين لفٽ ڏيڻ شروع ڪئي آهي. پوءِ ته ڪنگهندي به ڪا نه. ٺهيل ڪم به ڊهي ويندو! ها ائين ڪرڻ سان هيءَ پوزيشن ڪا نه بچي سگهندي! نه مان اخبارن ڪين نه وڪڻي سگهندس. اصل نه. 'پيلي ٻڪ پرم جي شال نه وڃي شان'.

هو ڪرسي ڇڏي اچي کٽ تي ٽنگو. ۽ ڪنهن از غيبي امداد جو انتظار ڪرڻ لڳو. ٻڪ جو راڪاس هو ئي مڪمل طور جاڳي چڪو هو ۽ رکي رکي هن جي آنڊن ۾ پنهنجا خوني چنبا ٿي هنيائين. هو پريشان

ڏي ويو. ۽ هڪ ڪان هيڏانهن هوڏانهن پاسا بدلائڻ لڳو.

۽ ائين ڪافي وقت لنگهي ويو. پر هن کي ڪا به غيبي امداد ملي نه سگهي. ۽ نه هن جي ڪنهن دوست ئي منهن ڪيو.

: نه اهي حرامي ايندا ئي ڪونه. اخبارن مان ئي ڪم ڪڍڻو پوندو!

هن کي هاڻي ان جو شدت سان احساس ٿيڻ لڳو ته اهوئي آخري رستو آهي. جنهن کي هو چاهي يا نه پر اختيار ڪرڻو پوندو. اهوئي سبب هو ته هن جو ذهن هڪ ڀيرو وري اخبارن وڪڻڻ ڏانهن مائل ٿيڻ لڳو

: ها ان ڪانسواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونهي. اهائي آخري راهه آهي. پر اهو ڪم ڪيئن ڪجي جو نانگ به مري ۽ لٺ به بچي.

هاڻي هو نانگ کي مارڻ ۽ لٺ کي بچائڻ مختلف طريقن تي سوچڻ لڳو.

: ها هڪ طريقو آهي. جنهن سان اهو نانگ به مري سگهي ٿو ته اها لٺ به بچي سگهي ٿي. اخبارن وارو جيئن ئي گاڏو ڪاهي هيڏانهن نڪري، ته مان سڌو ٿيو ڪيانس. گهر اندر ئي حساب چڪتو ڪري ونديس. هڪ جو مسئلو به حل ٿي ويندو ته پنهنجي عزت به رهجي ايندي. باقي پاڻ هيٺ لهي ڪونه ويندس. شاڙيءَ جهڙا پرين بار بار ڪونه ملندا آهن. شاڙي ڇا؟ انهيءَ ڪانيوءَ سڄي پاڙيوارين ڇوڪرين جهڙي سونڪي سجاڻن ٿيون

سڀ کنگهنديون ٻه ڪڻ.... ها مونکي شازيءَ سان ائين ڪرڻ نه گهرجي ها! ڇا سوچيندي هوندي؟ مان ٻه ڪيڏو نادان نه آهيان!

هاڻي هن کي پنهنجو پاڻ تي شازي سان ڪيل زيادتيءَ تي چڙ اچڻ لڳي ۽ هو پاڻ کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو. پوءِ هو گيلريءَ ۾ ويٺو. شازي وارن جي گيلري ۾ هاڻي شازي وارن جي ماءُ ويٺل هئي. شازي جي ماءُ کي خطرناڪ ميڪ اپ ڪيل هئي. ۽ ڪوبه اڻ واقف ان وقت اهو محسوس ڪري نٿي سگهيو ته انهي ميڪ اپ جي پٺيان ڪو مڪروهه ۽ پوڙهو چهرو هوندو شازي جي ماءُ نازن ۽ نخرن سان گڏ ڪنهن سان سرڪي رهي هئي. هن کي پڪ اچي وئي ته هوءَ پڪ ئي پڪ سنڌستان واري گهر ۾ رهندڙ ڪروڙپتي آفيسر سان ڳالهي رهي آهي. جيڪو پنهنجي پياريءَ زال جي مرڻ کان پوءِ تمام جلد شازي جي ۾ ماءُ دلچسپي وٺڻ لڳو هو هن اتان نظرون هٽائي ٻين گيلرن ۽ درين ڏانهن ڏٺو. ڪي خالي هيون. ڪن ۾ ننڍڙا ٻارڙا ته ڪن ۾ ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا، عورتون ۽ مرد ويٺا هيا.

هاڻي هو اخبارن واري کي ڏسڻ لاءِ هيٺ جهڪيو پر رستي ۾ اخبارن واري جو ڪو نالي نشان ڪو نه هيو. هو اتي گيلريءَ ۾ ئي انتظار ڪرڻ لڳو. پر ڪافي دير تائين اخبارن وارو ڪرنه آيو ته هن گيلري ڇڏي وري اچي، ڪرسيءَ کي سنڀاليو.

: ڏاڍي دير ڪئي اٿائون. هوئن ته هر هر پيا رڙندا ۽ رلندا وتندا آهن. ڪٿي اٿين ته ناهي، ته هتان گهمي ڦري هليا ويا آهن. جي اٿين آهي ته پوءِ ته مري ويس اوهه! هو سنجهي پيو.

: بهرحال ڪونه نه ڪو ته ضرور ايندو. سو دل لاهڻ نه کپي. اڇا ايتري دير ته ڪانهي.

هن کي اخبارن پڙهڻ جي ڳالهه ياد آئي ته هو ٽپ ڏئي ڪرسي تان اٿيو ۽ اخبارن کي ڪنهن شئي سان پڙهڻ لاءِ، گهر ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳو. آخر ڪار ڏاڍي مٿا ڪٽ ڪانپوءِ جڏهن هن کي ڪا شئي نظر نه آئي. ته پنهنجي سمهڻ واريءَ سلوار مان ڇڳل اگهٽ ڪڍي ورتائين. ۽ جاري مان اخبارون ڪڍي انهن کي هٿن ۾ ڪٿي تورڻ لڳو، هن کي لڳو، ته اهي اخبارون بلڪل ٿوريون آهن. انڪري هو ٽيبل تائين آيو. ۽ اتان اها تازي اخبار به ڪٿي اچي اخبارن جي بنڊل ۾ شامل ڪيائين. پوءِ وري هٿن ۾ ڪٿي ان جي تور ڪيائين.

: ها هاڻي ڪم ٿي ويندو!

هن کي الائي ڪيئن لڳو ته ان هڪڙي اخبار جي ڪري وزن ۾ تمام گهڻي واڌ اچي وئي هئي. هر اخبار کي اتي ڇڏي، دريءَ تائين قدم کنيا ۽ پوءِ ليٽو پائي ناڪام ٿي اچي ڪرسيءَ تي ويٺو ۽ اتي ٿوري جهٽ ويهي وري دريءَ ڏانهن آيو. دريءَ وٽ ٿورو ترسي،

ناڪاميءَ جو منهن ڏسي وري ڪرسي ڏانهن رڙهيو.

ڪرسيءَ ڪان دري.

دري ڪان ڪرسي.

ڪرسي ڪان ....

دريءَ ....

۽ هن کي ان سلسلي بحال ڪري وڌو. بک سان گڏ هاڻي هو پاڻ کي ڏاڍو ٿڪل به محسوس لڳو. هن کي لڳو ڄڻ هو هزارين ڪلو ميٽر لتاڙي آيو هجي هن کي محسوس ٿي رهيو هو ته هن جي جان مان ڄڻ ڪو آهستي آهستي ست ڪڍندو هجي. هن کي هڪ دفعو وري آئيني جي ضرورت محسوس ٿي. هو آئيني تائين آيو. هن کي اٿيو ڪڻندي به ڄڻ تڪليف محسوس ٿي. هن آئيني ۾ پنهنجو پريشان حال ڏٺو. لهي ويل منهن. ڏرا ڏنل اکيون، بک هن کي پوائنٽو ڪري وڌو هو.

:ڇا ته حال بڻجي ويا آهن.

هن کي پاڻ تي رحم اچي ويو.

:اوهه! ڇا ڪيان؟ اهڙ ڪاڏي وڃان!؟ هاڻي ته پيٽ ۾ ڪوئن ڊوڙڻ شروع ڪيو آهي.

بک کيس اڌ سڌو ڪري وڌو هو. هاڻي انهيءَ راڪاس پنهنجا خوني ڏند هڻي اندر ۾ وجهي هن رت پيئڻ شروع ڪئي هئي.

هو هڪ دفعو وري اٿيو ته، هن جي مٿي کي ڦيري

اچي وئي. ۽ پوءِ هو هاٿي پاڻ مٿيالي ڳورن قدمن سان ٿڙندو ٿاٻڙندو، در تائين آيو، ته هن جو منهن خوشي کان ٽانگر جان ٽڙي پيو.

گاڏيءَ وارو ٿورو پريشان بيٺو هو. ۽ اخبارون، دٻا شيشا ۽ شيشيون وٺــي رهيو هو. جيڪي هن کي ڇوڪريون ڇوڪرا، عورتون مرد ۽ ٻار ڏئي رهيا هيا.

هن پنهنجي اندر ۾ هاٿي هڪ شڪتيءَ کي ايندي محسوس ڪيو. ڄڻ ڪو ٽانڪ استعمال ڪيو هجائين، جنهن ڪري وڃايل طاقت وري ملي وئي هجيس. هن شازيءَ جن جي گهر ڏانهن ڏٺو، دريءَ تڙڙي گئلريءَ ۾ ڪو به نه هيو. هن دريءَ مـــان گڏي وازي کي اشارا ڪيا ۽ آهستي آهستي سڏ به ڪرڻ لڳس. پـر گاڏي واري نه هن جا اشارا ڏٺا نه ئي سڏ ٻڌا. گاڏي وارو اخبارن، دٻن ۽ بوتلن وٺڻ ۾ رڌل رهيو.

وڏو حرامي آهي سنهي ٿلهي ته ٻڌي ئي ڪونه ٿو!

هاٿي هو دري ڇڏي گئلري ۾ آيو. پر گئلريءَ ۾ بيهي گاڏي واري کي اشارا يا سڏ ڪرڻ، هن کي مناسب نه لڳا. هن کي ڊپ ٿي لڳو ته شازي نه ڏسي وٺي. ان ڪري هو گاڏي واري جو انتظار ڪرڻ لڳو. پر گاڏي واري نه رڳو هن ڏانهن ڪو ڌيان ڪو نه ڏنو، پر هاٿي اها گهٽي به ڇڏڻ لڳو هو.

گاڏي واري کي آهستي ويندو ڏسي، هن کي الائي ڇا ٿي ويو. جو هن بدحواسيءَ ۾ وٺي اخبارن

ڏانھن ڊوڙ پاتي. ۽ اخبارن جي بنڊل کي ڪڇ ۾ ڪٺي ٽڪڙو ٽڪڙو ڏاڪڻ تان هيٺ لهڻ لڳو.

۽ جيئن ئي هو آخري ڏاڪي تي پهتو ته هن جي نظر وچي شازي تي پئي، جيڪا نه رڳو پاڻ ٺهي ٺڪي، ميڪسي پائي، اڇي گٺري ۾ ويٺي هئي، پر پاڻ سان گڏ ساهيڙيون به وٺيون ويٺي هئي.

هن جي پيرن ۾ زنجير پئجي ويا. هو وڏا ساهه کڻڻ لڳو. ۽ سندس جسم پگهر ۾ شل ٿي ويو.

: هنن حرامزادين کي به اڄ ئي هتي ملڻو آهي!

هن کي شازيءَ ۽ سندس ساهيڙين تي بي انتها غصو اچي ويو. هن جون اکيون ڳوڙهن سان ڀرجي آيون. هن پنهنجي نڙيءَ ۾ ڪا شئي اٽڪندي محسوس ڪئي ۽ هو انهن ئي قدمن سان سهڪندي سهڪندي مٿي چڙهڻ لڳو.

۽ ڪجهه ڏاڪا چڙهي هن کي الائي ڇا ٿي ويو، جو هو ڊوڙڻ جي انداز ۾، ٽڪڙو ٽڪڙو، ٿڙندو ٿاٻڙندو ڏاڪڻ تان هيٺ لهڻ لڳو.

هن کي هاڻي ان حالت ۾ نه رڳو شازي هئي پر سندس سڀني ساهيڙين به ڏسي ورتو هو. پر هو انهيءَ انداز سان ڪڏ هيٺ ڪري، ٽڪڙو ٽڪڙو گاڏي واري ڏانهن وڃي رهيو هو. جڻ هن، نه ئي شازيءَ ۽ سندس ساهيڙن کي ڏٺو هو ۽ نه وري هنن جا ٽهڪ ٻڌل ٽهڪ ئي ٻڌا هئا.

۽ ڪاڏي واري کي اخبارون ڏئي، پئسا وٺي، هن ٽڪڙو ٽڪڙو پاڻ کي هوٽل ڏانهن گهليو. هوٽل هنجي گهر کان ايترو پري نه هو. انڪري هوٽل تائين پهچڻ ۾ هن کي ڪا دير نه لڳي.

۽ هن وقت هو هوٽل ۾ ويٺو هو. ۽ سندس دلپسند ماني رکيل هئي. پر هن کي لڳو ته ماني کائڻ ۾ هن کي ڪنهن به قسم جو مزو نه اچي رهيو هو. ۽ ڪافي وقت گذرڻ کانپوءِ به هو ٽن چئن گرهن کان مٿي نه کائي سگهيو هو. ڪاڏي کي ختم ڪرڻ لاءِ هن هڪڙو گرهه تيار ڪري وات ۾ وڌو. ۽ ان کي چٻاڙي اندر لاهڻ چاهيائين پر ڪافي دير کانپوءِ به هن کي لڳو ته اهو گرهه اڃان تائين سمورو سندس نڙي مان نه لٿو آهي. ته هن ڏاڍي بيزاري ۽ چڙ مان ان کي اندر ٽڪيو. هاڻي نه رڳو هنجي باقي رهيل ماني کائڻ تي دل نه ٿي، پر هن کي ان مانيءَ کان نفرت ٿيڻ لڳي. ته هو وڌيڪ وقت هوٽل ۾ ويهي وڃائڻ جي ضرورت محسوس نه ڪري. ماني کي اتي ئي ڦٽي ڪري پئسن ڏيڻ لاءِ ڪائونٽر ڏانهن وڌڻ لڳو

(نئون نياپو، فبروري ۱۹۷۷ جي پرچي ۾
'ڀڄندڙ ديوارن' جي نالي سان ڇپيل)

ٻڇڙو

هو ڪرسيءَ تي ويٺل هو، ڪيس بلب وسائي به ڪافي وقت ٿي چڪو هو. ڪمرو هاڻي ڀيانڪ ۽ پراسرار ڊاريڪيءَ جي قبضي ۾ هو ۽ هن جو ذهن هاڻي هڪ ئي نقطي جي چوگرد ڦري رهيو هو - ۽ اهو نقطو هيو، ثريا ڪي انهيءَ بي وفائي جي هڪ وڏي سزا- اهڙي جنهن سان ايڏي وڏي ڏوهه جي تلافي ٿي سگهن-

— نه نه .... خدا جي واسطي مونکي اهڙي سزا نه ڏي - اهڙي سزا .... خدا جي ....

نڪري وڃ ڪتي، مان چوان ٿو منهنجي اکين آڏو نڪري وڃ- هاڻي مون سان تنهنجو ڪوئي واسطو نه رهيو آهي- نڪري ....

نه نه، مان تنهنجي پيرن ۾ مرڻ چاهيان ٿي، مان .... مون کي هن گهر مان موت ئي ڪڍي سگهي ٿو مان نه وينديس، مان ....

ڪيئن نه نڪرندينءَ حرامزادي تنهنجي پيءُ جو گهر آهي جو نه نڪرندينءَ نڪري وڃ — مان چوانءَ ٿو هلي وڃ ذليل رن .... ڪتي .... بدماش لچي هلي وڃ هن گهر مان.

هن پهريائين ٿڏا کي لتون هڻي ڪيرايو ۽ پوءِ ٺوڪرن سان ئي هن کي ڌڪي ٻاهر ڪڍيو

او الا! مان ڪاڏي وينديس؟. ننڍڙن ٻچڙن کي ڇڏي ڪيڏانهن وينديس؟. منهنجي ۽ منهنجي ٻچڙن کي ڇڏي ڪيڏانهن وينديس؟.

منهنجي ۽ منهنجي ٻچڙن جي زندگيءَ کي ائين تباهه نه ڪر — ٻچڙن جي صدقي مون تي قياس ڪر، تون........

نڪري وڃ ٻچڙن جي سڪي نڪري وڃ — وڃي پنهنجي يارن سان اهي تال ڪر، مان تنهنجي ناپاڪ وجود کي هڪ منٽ لاءِ به هن گهر ۾ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نه آهيان — هلي وڃ-

هن زوردار لتون هڻي ٿڏا جي هٿن کي چائنٽ تان هٽائي در بند ڪري ڇڏيو- — هاڻي ڏسندس ته

يارن وٽ ڪيئن ٿي سڪ ماٺين!

ثريا کي اهڙي سزا ڏيڻ تي هن جي ڇپن تي فاتحانه مرڪ نچي اٿي - هن تصور ۾ ثريا کي در در ٺوڪرون کائيندي ڏٺو. ذلتن جي گندگيءَ ۾ ڪرندي ڏٺو - هن جا حال بڇڙا ٿي ويا هئا ۽ ڪپڙا لٽرون ليڙون ٿي ويا هئس. هن جي جواني جا گل ڇڻي چڪا هئا ۽ هوءَ هڪ هڪ جي اڳيان هٿ ڊگهيري سوال ڪري رهي هئي -

او سائين الله جي نالي ....

او بابو خداءِ ....

ثريا جي اهڙن حالن تي هن کان هڪ ٽهڪ نڪري ويو ۽ هو خيالن جي دنيا مان نڪري آيو - هاڻي هو ان طلاق ڏيڻ کان پوءِ ثريا سان جيڪي ٿيڻ وارو هو. ان تي تصور ڪري من ئي من ۾ مزو وٺڻ لڳو. ڪيتري دير تائين اها طلاق هن جي گهاءَ تي ملم رکندي رهي. پر اوچتو ئي اوچتو هن جي اها خوشي ڪافور ٿي وئي، جو هن جي سوچ جي ڌارا ان طرف وهڻ لڳي ته خود طلاق هن سان انصاف ڪري نٿي سگهي. ازالو ڪري نٿي سگهي. انهيءَ گهاءَ تي مرهم رکڻ نه ڏهيو ويتر ان تي لوڻ ٿي ٻرڪي. ڇير ٿي ڏئي. هن چاڻي ورتو ته ثريا جو بي پناهه حسن ثريا کي تباهه ڪري نه سگهندو. ڪوڙهي فقيراڻي بنائي نه سگهندو. اٿلندو هن کي زندگيءَ جي جنتن ڏانهن

ونئي ويندو. هوءَ جنهن کي به چاهي پنهنجي سونهن جي ڄار ۾ ڦاسائي غلام بنائي سگهندي. ڪوبه هن جي سونهن جي دام ۾ ڦاسڻ کان انڪار ڪري نه سگهندو هوءَ ان سونهن جي هٿيار سان نه رڳو سارو جوڀن ئي عيش سان گذاري سگهندي. پر ان جوڀن جي بهار کان پوءِ به هوءَ پنهنجي لاءِ ايترو سارو بچائي سگهندي جو اڳين وارن ۾ به مڃي ماني کائي سگهي، هن کي ثريا جي منصوبن ۽ سليقي منديءَ جي مڪمل ڄاڻ هئي ۽ ائين ٿيڻ هن کان ڪڏهن به برداشت ٿي نه سگهندو. هو ان جو تصور به ڪرڻ نٿو چاهي. هاڻي طلاق هن تي نهڪ ڏيڻ لڳي. هن تي چٺرون ڪرڻ لڳي. هن سوچيو ته، ثريا کي طلاق ڏئي هن ڪسي عيش واري زندگي گذارڻ نه ڏيندو. پر هو هن کي اهڙي سزا ڏيندو جنهن کي ثريا جا پويان به ياد ڪري لرزي ويندا، ڪنبي ويندا، ڏيهه کي ڏس ڏيندا.

هن هڪ دفعو يقين ڪرڻ لاءِ وري ثريا کي ياڪر پائي ڏٺو. ثريا کي واقعي ننڊ ڪٺي وئي هئي.

ذانگڻ توکي ننڊ ۾ ننڊ نه ڏنم ته ۽ منهنجو نالو ڪٺي ڪتي تي رکجانءِ.

هو پنهنجي منهن پٽڪيو ۽ پوءِ آهستي آهستي پلنگ تان هيٺ لٿو. بلب ٻاريائين گهور ننڊ ۾ سُتل ثريا ڏانهن ڏنائين ۽ پوءِ ساري گهر ۾ چڪر هڻيائين پين سان گڏ سندس ڀٽي ننڍڙا ٻار به پيٽس ۽ ماڻس سان

موت جهڙيءَ گهڙيءَ ننڊ جي قبضي ۾ هئا. هو ڪمري ۾ گهڙيو در بند ڪيائين ۽ پوءِ اڳتي وڌي بلب وسائي پنهنجو وهاڻو ثريا جي وات تي رکي، وهاڻي جي مٿان ليٽي پيو. ڇاتي ۽ سموري جسم جي پوري طاقت سان وهاڻي کي زور ڏنائين. ثريا جو وهاڻي ۽ ڇاتيءَ جي زور سان ساهه منجهڻ لڳو ۽ هوءَ پاڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. هن اچا ۾ پنهنجي سموري طاقت گڏ ڪري ورتي. ثريا جي لڇڻ پڇڻ ۽ ڦٿڪڻ ۾ هاڻي تمام گهٽي واڌ اچي وئي هئي. موت جي جديد جنگان ۾ آخر ڪار ثريا قاتل ڪرڙيءَ جان لڇي ڦٿڪي هڪ آخري وڏي ڪوشش ڪئي ۽ پوءِ سندس جسم سنجي هميشه لاءِ ٿڌو ٿي ويو. هو ٿڌا ٿڌا ساهه کڻڻ لڳو هٿ سان نرڙ تان پگهر اگهي هن ثريا ڏانهن نهايت ئي نفرت سان نهاري ثريا جي منهن ۾ ٿڪ هڻي ڪڍي ۽ پوءِ ڪٽ تان اٿيو.

خيالن جي ٽڪڻ سان ئي هن جي منهن تي فتحانه مرڪ نچڻ لڳي. هن کي لڳو ته اهائي صحيح سزا آهي، ان سان ئي اهڙو لڳل داغ ڌوپي سگهي ٿو. ان سان ئي سڀن تي گهايل دانگيءَ جي ڪارنمه ڪان آجو ٿي سگهجي ٿو. اهوئي ان مرض جو صحيح علاج آهي. ٻي ڪا به ڦڪي فرق نه ڪندي. هاڻي هو ان موت ۽ موت کان پوءِ پيش ايندڙ ڳالهين لاءِ پاڻ کي تيار ڪرڻ لڳو.

ماڻي لارڊ مان بلڪل بي قصور آهيان، مان هڪ انهيءَ عورت کي ڪيئن نه قتل ڪري سگهان، جنهن مان مونکي شاديءَ کان پوءِ ڏسي نه پر شاديءَ کان اڳ ۾ ئي محبت هئي. ماءِ لارڊ اسان جي لئو سڌريج هئي. مقتوله جي زنده رهڻ تائين اسان جو پيار قائم هو ۽ اها رڳو منهنجي مائٽن جي ڏي نه پر سڄي پاڙي وارن جي راءِ آهي. ماءِ لارڊ اسان ڪڏهن ڪي چائيندڙ اسان جي مثالي پيار جون هر هنڌ پچارون ڪندا هئا. اهو توهان معلوم ڪري سگهو ٿا ماڻي لارڊ مان پنهنجي اهڙي شريڪ حيات کي ڪيئن ٿو ماري سگهان جنهن ......

۽ پوءِ اهڙن بچاءَ جي طريقن ۾ ثريا کي جدا جدا نموني جي اذيتن ڏئي مارڻ جي طريقن تي تصور ۽ خيال پچائيندو رهيو. هو ڪڏهن ثريا کي گهڻا ڏئي ماري رهيو هو. ڪڏهن هن کي تکي ڪاتيءَ سان کهي رهيو ته ڪڏهن هن کي گوليون هڻي ماري ٿي وڌائين ۽ وري ڪڏهن پوليس ته ڪڏهن مائٽن ۽ دوستن سان ته ڪڏهن ڪورٽ ۾ پنهنجي بچاءَ ۾ بيان ٿي ڏنائين. انهن ثريا جي موت ۽ ان کان پوءِ جي حالتن تي سوچيندي هن کي ڪافي دير ٿي وئي. ان ڳالهه کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ هاڻي هو ثريا جو انتظار ڪرڻ لڳو. پر ثريا هئي جنهن اچا تائين اچڻ جو نالو ئي نه پئي ورتو. ۽ ان ڳالهه هاڻي هن کي

پريشان ڪرڻ شروع ڪيو هو. هو بسي چيني ۽ مان
ڪرسيءَ تان اٿيو ۽ ڪجهه وقت ورانڊي ۾ بيقراريءَ
مان هيڏانهن هوڏانهن ڦرڻ لڳو ۽ پوءِ هو در ڪولي
گهٽيءَ ۾ آيو ۽ اتي ڪافي دير تائين بيٺو رهيو.
رستو هاڻي سنسان ٿي ويو هو ڪڏهن ڪڏهن ڪا
ٽيڪسي يا رڪشا ٿي آئي ته هن کي ثريا جي اچڻ
جو گمان ٿي ٿيو. آخر تنگ ٿي هو وري گهر ۾ موٽي
آيو. پلنگ تي ليٽڻ کان پوءِ به هن کي آرام نه آيو.
هاڻي هن جي ذهن ۾ هڪ ٻئي نڪتي ڏانهن سوچڻ
شروع ڪيو هو. هن کي محسوس ٿيڻ لڳو ته ثريا
نه رڳو اڄ موٽي ڪونه ايندي پر هوءَ هميشه لاءِ وري
سندس گهر جي چانئٺ ڪونه ٽپندي ۽ ان ڳالهه هن
جي جسم ۾ ڏڪڻي پيدا ڪري ڇڏي. هن جي اکين
۾ ڏڀ لهي آيو ڳلن جي فل اسپيڊ به هن جي جسم
جي ڏڪڻ کي روڪي نه سگهي. هن سوچيو ثريا جي
ڇڏي وڃڻ کان پوءِ هو پاڳل ٿي پوندو. هن جو گهر
برباد ٿي ويندو. هن جا ٻار رلي ويندا. هن جي ماڻهن
جي زندگي تباهه ٿي ويندي. هن سوچيو هو انهن تي
نه ڏيندو، ثريا کي ان پوڙهي مڪروهه باس سان وڃڻ
نه ڏيندو. هن سوچيو ثريا کان سواءِ هن جي حيثيت
به ڇاهي! خسيس ڪلارڪ جنهن جي پگهار هن جي
وجود لاءِ به پوري نه آهي اها ثريا آهي، جنهن جي
آمدنيءَ ڪري گهر جو گاڏو گهلجي ٿو. نه ته مانس،

ننڍڙا ٻار، ٻائر، جوان ٻيڙين ۽ پٽس جو ڪاڏو پيتو، لڱو ڪپڙو، دوا درمل ۽ پڙهائي ڪٿان پوري ٿيندي!؟ ڪهڙ انهي ۽ دوزخ جي پيٽ ڀريندو!؟.

نه مان ثريا کي وڃڻ نه ڏيندس — وڃڻ نه ڏيندس هن محسوس ڪيو ته ثريا هن لاءِ هن جي گهر لاءِ هڪ اهم هستي آهي. هڪ بيحد ضروري شئي آهي هڪ لازمي حصو آهي، جنهن کانسواءِ هر شئي اڻ پوري آهي. نا مڪمل آهي. اڌوري آهي، رهجي ويندي — هاڻي هن کي پنهنجو پاڻ تي چڙ اچڻ لڳي ته هو ڪهڙو نه بيوقوف هي. هڪ اهڙي هستي کي سزا ڏيڻ ٿو چاهي، جنهن کان سواءِ هو هڪ پل به جي ڪين ٿو سگهي. جنهن جي مدد کان سواءِ هن جي زندگي تباهه ٿي سگهي ٿي. ثريا کان اڳ هن جي زندگي ڪهڙي هئي!؟. هن جي گهر ۾ ڇا هو؟. گهر هو يا گند ۽ ڪچري جو ڍير!. ٻون شيون ته ٺهيو پر ضرورت جي هڪ به شئي هن وٽ هئي؟. ٻيءَ طرفان ورثي ۾ مليل ٿيپڙن کان سواءِ هن هڪ به شئي ورتي هئي؟. سڀ ثريا جي طفيلي —— ها سڀ ثريا جي صدقي ٿي. ثريا گهر ۾ لڪشمي بڻجي آئي. هن کي محسوس ٿيو ته اڄ جڏهن هر ڪنهن جي وات تي هن جي گهر جي تعريف آهي - نه رڳو ثريا جي ڪري ٿي وي صوفا، سون، بئنڪ بيلنس ۽ ٻيو سڀ ڪجهه ڇا پهريان هو؟. ۽ اهو پيار اهڙو والهانه پيار

ڪا ٻي عورت ڏٺي سگهندي؟ هن جي چپن جي ڪنڊن تي هڪ عجيب مرڪ ڦڪڙجڻ لڳي.

— ڀي ڳالهه ٻڌي اٿئي؟.

— نه.

— بس بابا قيامت آئي.

— اڙي ڳالهه ڇا آهي!؟.

— بابا بي غيرتي جي به ڪا حد ٿيندي آهي — ڏس ته ڪهڙو زمانو آيو آهي. زال وتي يارن سان هلندي ۽ مڙس وتي ٿانءَ ۾ پريو — توبهه ٿي منهنجا رب! نڪ هجيس ته ٻڏي مري!!.

— اڙي ڪنهن جي باري ۾ ٿيو بڪين؟.

— هيءَ — بڪان پيو. ميان حقيقت پيو ٻڌايان — ٻاڻ وارو حليم آهي نه ان جي زال ٻين سان ڪالو منهن پئي ڪري.

— نه نه!!؟.

— اي مان جوٺس ڪي اڪين سان ٻن جي ڪچ ۾ ڏٺو آهي. ڪوڙ ٿو روئي ته هٿان.

....

....

— مسٽر حليم توکي اڪيرن ڪونهن يا اهڙو بي غيرت ٿي پيو آهين؟.

— ڇا ٿو چوڻ چاهين؟.

— ڇا ٿو چوڻ چاهيان؟ — تون منهنجي ڳچيءَ سان ڦيرائين هٿ نه ڪيد. ميان پنهنجي رن کي سنڀال

هٿن سان ٿي نڪتي وڃي ....

— تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين.

— ڪوڙ ٿو ڳالهايان ها ها .... واهه ....

— ثبوت؟ — ثبوت ڪوڙ - ثبوت سان توکي تنهنجي اکيون سان ڏيکاريندس. ميان، هڪ تون ئي اندو آهين باقي ساري دنيا ٿي ڄاڻي تنهنجي جوءِ جا پرڪار.

— ڏوکي ان جو ڏبوت آهي؟.

ڪافي ڏينهن جي ٿڪ لعنت، سوچ ويچار ۾ پيڙا کان پوءِ دوست سان ڪلب ۾ گهڙي آيو آهي. بال روم آهي ڊانس پئي هلي. جوڙا شراب جي نشي ۾ ٽڪ. هڪ پئي جي جسم سان گڏيل جسم — ۽ ثريا پوڙهي باس سان سينو سيني ۾ ملائي نچي رهي آهي. باس جي ٻانهن مضبوطيءَ سان هن جي چيلهه ۾ جڪڙيل آهي ۽ ثريا جو انگ انگ ان پوڙهي جي لڳ لڳ سان جڪڙيل آهي. هو پاڻ کي ڪنهن گندي ناليءَ ۾ ڪريل محسوس ڪري رهيو آهي.

هن کي لڳي رهيو آهي ته هن جي حيثيت هاڻي هڪ ڪاڪروچ کان مٿي ناهي. هن جي اندر ۾ باهه ٻرڪي اٿي آهي. هن جي اکين سان اماڙيون نڪري رهيون آهن. ۽ هو ان سڀ کي ختم ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي رهيو آهي پر ٻه ٽي قدم اڳتي وڌي هن کي لاڳي چا ٿي ويو آهي، جو هو جنهن تيزيءَ سان اڳتي وڌيو هو، انهيءَ تيزيءَ سان اڳتي ئي ڪنڌ جهڪائي

ڪلب کان ٻاهر نڪري آيو آهي دوست جا سڏ ٻه هن کي روڪي نه سگهيا آهن.

هاڻي هڪ دفعو وري ثريا جي خلاف هن جي اندر ۾ باهه ڀڙڪي اٿي. هن کي بي غيرتي جو احساس ڪاريهر بڻجي ڏنگڻ لڳو پر هن جي آڏو سندس دوست جي صورت ٿي آئي ته هن کي خودڪشي ڪرڻ جو خيال ٿي آيو. هاڻي هن جي دل ۾ وري اهو خيال گهر ڪري ويو ته هو ثريا کي هاڻي اتي ئي ڪلب ۾ وڃي عيش اڏائيندي ختم ڇڏي. هن اهو سوچي رڌڻي مان ڇري کڻي ۽ در کولي ٻاهر نڪري آيو ۽ روڊ تي ڪنهن ٽئڪسيءَ يا رڪشا جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. پر هاڻي ته هڪڙي رستي کان سواءِ ٻي ڪابه سواري نه لنگهي ۽ ان رڪشا واري ته رڪشا کي بيهارڻ مناسب نه سمجهو. هن رڪشا واري کي گاريون ڏئي پنڌ هلڻ شروع ڪيو. ڪجهه پنڌ هلڻ کان پوءِ هن کي پنهنجي ديوانگيءَ تي چڙ آئي هن کي ياد آيو ته سڄي رات جي پنڌ کان پوءِ به هو ان ڪلب تائين پهچي نٿو سگهي. هن ٿڪل قدمن سان هاڻي پاڻ کي گهر ڏانهن گهلڻ شروع ڪيو. گهر پهچي وڃي اچي ڪرسيءَ تي ويٺو ۽ ثريا کي سزا ڏيڻ لاءِ مختلف طريقن تي سوچڻ لڳو. اوچتو سندس در تي ڪنهن ڪار جي بريڪ جو آواز ٿيو گهڙي ۾ گهر جي گهنٽي وڳي هن پيريائين ان گهنٽيءَ جو

نوٽيس ئي نه ورتو ۽ پر اهو سوچي ته متان گهر وارا جاڳي پون ۽ هن جو ثريا کي مارڻ وارو منصوبو پورو ئي نه ٿي سگهي. اهو سوچي هو در تائين آيو. ڪار جي وچڻ جو آواز ٿيو ۽ ان سان گڏ ثريا جي لرزندڙ آواز ۾ ’باءِ باءِ‘ ٻڌي هن در کوليو.

هن در کان هٽي ثريا کي اندر اچڻ جي جاءِ ڏني. ثريا ساڙهي کي سنڀالي گهر ۾ گهڙي هو ثريا جي پٺيان هلڻ لڳو.

—— ٽائيم ڏٺو اٿئي ثريا؟

—— ڏٺو اٿم، ٻه ٿيا آهن نه

—— تون ايترو وقت ڪٿي هئين؟ ڪنهن سان هئينءَ؟ ثريا ڪو به جواب نه ڏنو ۽ هلندي ئي رهي.

—— وٺ چيو ڪنهن سان هئينءَ ايترو وقت؟

—— آخر توکي ٿيو ڇا آهي!؟. ڏينهون ڏينهن وڃي ٿو شڪي ۽ مزاج ٿيندو وهمي ٿيندو! خبر به اٿئي ڪڏهن ڪڏهن آفيس جو ڪم وڌي ويندو آهي. آخر مونکي ايڏا پيسا مفت ۾ ته ڪونه ٿا ملن، ڪم ڪرڻو آهي ۽ اڄ باس جي ڌيءُ جي سالگره هئي. سان جنهن پوزيشن ۾ آهيان تي ئين ڪرڻ ئي پوندو توکي ان جو احساس هئڻ گهرجي ۽ تون آهين جو منهنجي باري ۾ اجايو ويٺو سوچين!.

— تون سالگره ۾ هئين يا؟.

— يا ڇا!؟.

— ڪجھ ڪٿي تنهنجو آخر مقصد ڪهڙو آهي؟. دنيا ۾ ڀين زالن جا ٻه مڙس آهن يا صرف تون ڏي اچي ساماڻو آهين! توکي ايترو ڪنزويٽو نه ٿيڻ گهرجي. ان ۾ خود منهنجي ٻه انسلٽ آهي!!!.

هن کي باهه وٺي وئي. هن جي من ۾ آيو ته اتي ئي ثريا کي پٺيان ٻاڪر وجهي ڪمس همنشه لاءِ چريءَ سان ڳتڙا ڳتڙا ڪري ڇڏي پر هو اٺين الائي ڇو ڪري نه سگهيو. ثريا ڪمري ۾ گهڙي وئي ۽ هو اتي ٻاهر ورانڊي ۾ ئي رهجي ويو. هاڻي هن کي پنهنجي بي غيرت هجڻ جو پڪو ويساهه ٿي ويو. ان احساس ئي هن کي وري تپائي وڌو. ثريا جو هليو وڃڻ ۽ ان کان پوءِ وري ٻي شادي نه ڪري سگهڻ جي سڌ ۾ ڏهيل نڪمل گهر جو ڍهڻ، هاڻي هن لاءِ ڪائي معني رکي نه سگهيو. هن سوچيو. هاڻي هو بي غيرت نه ٿيندو. هنن حالتن سان ڪنهن به نموني ڏهه نه ڪندو، پنهنجي زندگيءَ پيا گهر ڪري ڪ وٺ، سمجهوتو نه ڪندو. هو ثريا کي هميشه لاءِ ختم ڪرڻ لاءِ اچا اندر ڪمري ۾ ٿي ويو ته ايتري ۾ ثريا ٻاهر نڪري ٿي. ثريا کي هن وقت نائيٽ ڊريس پاتل هئي ۽ هوءِ انهن ڪپڙن ۾ بي انتها حسين لڳي رهي. تندا ڪئڻن ٺمٽن هن جي مک کي اڃا وڌيڪ سندر ڪري وڌو هو ۽ اها ثريا جي خوبصورتي هئي يا حسين ۽ عيش واري زندگي جنهن هن کي قاتل ٿيڻ نه ڏنو

اهو هو سمجهي نه سگهيو هو هاڻي قاتل نه پر ٻي انتها رحم جوڳو لڳي رهيو هو. ثريا هن ڏانهن وڌي آئي.

— ٻاهر بيٺو ڇا پيو ڪرين!؟

هن ڪوبه جواب نه ڏنو. ثريا وڌي هن جي ڳچيءَ ۾ ٻانهون پائي، هن جي ڪِني ڳل تي چمي ڏني.

— هل هلي آرام ڪريون. ڏس ڪيڏي نه رات گذري چڪي آهي. هو ثريا سان ڪنهن ننڍڙي ٻار جيان وڃڻ لڳو. ثريا هن کي پلنگ تي ليٽائي بلب وسائڻ وئي. ثريا جي بلب وسائڻ سان ئي هن ور سان ڇري ڪڍي آهستگيءَ سان پلنگ جي هيٺان رکي ڇڏي ثريا هن ڏانهن وڌڻ لڳي.

— ٻي ڳالهه ٻڌ، پاس ڪان تنهنجي لاءِ هڪ سٺي نوڪريءَ جو واعدو ورتو اٿم. تو جهڙو ماڻهو واهيات ڪلارڪيءَ جي چڪر ۾ هجي، اهو سون ڪان برداشت ڪڏهن ٿي نٿو سگهي.

هن ڪوبه جواب نه ڏنو، اکين ۾ تري آيل لڙڪن کي هٿ جي ترىءَ سان اگهي ڇڏيائين. ثريا اچي هن سان ليٽي ته هن ڏاڍي زور سان ثريا کي پنهنجي ٻاکر ۾ ڀڪوڙي ڇڏيو. ڄڻ هن کان ثريا کي ڪو ڌار ڪندو هجي، کسي وٺندو هجي، يا ثريا هن کي ڇڏي ويندي هجي.

قابيل جو جنم

بس مان لهي، ٽيڪسي ۾ ويهندي ئي، هن جي اندر مان خوشي ڇولي بڻجي، سندس چپن تي ٽهڪ بڻجي وڌي.

هن جي ڪاليج بند ٿي چڪي هئي، ۽ هو پنهنجي موڪل جا ڪجهه ڏينهن پنهنجي ڀاءُ ۽ ڀاڄائيءَ سان گذارڻ وڃي رهيو هو. (ڀاڻس جنهن آفيسريءَ جي اوزار ۽ عشق جي هٿيار سان نه رڳو هڪ خوبصورت زال هٿ ڪري ورتي هئي، پر ساهرن طرفان ڏاج ۾ ٻين شين سان گڏ هڪ بنگلو به حاصل ڪري ورتو هيائين. ۽ هاڻي پنهنجي زال سان ڪراچيءَ شهر جو

حقيقي لطف ماڻي رهيو.)

ٽيڪسي هلندي رهي ۽ هو اهو سوچي خوش ٿيندو رهيو ته پنهنجي پيءُ ۽ ڀاڄائي سان اهي مشڪل ورا ڏينهن گڏ رهي، هو ڪيترو نه سرور حاصل ڪندو، سوچ ماڻيندو. مڪتي حاصل ڪندو. ڪيئن نه هڪ هنڌ ڇميل ۽ بور زندگيءَ کان آجو ٿيندو پيءُ ۽ ڀاڄائيءَ کي پاڻ ۾ پيار ونڊيندو ڏسي، هن کي ڪيڏي نه راحت نصيب ٿيندي. ۽ هو هن کي ايترن سالن کان پوءِ ڏسي ڪيڏو نه خوش ٿيندا. (پاڻس جي شاديءَ کان پوءِ پنج مهينا پوءِ هو پيءُ ۽ ڀاڄائيءَ سان ملڻ وڃي رهيو هو.)

— ڪيڏانهن وڃڻو آهي صاحب؟

ڊرائيور جي سوال تي هو خيال مان ڇرڪيو، ۽ هٿ جي اشاري سان ڊرائيور کي ڏس ڏنائين. ٽيڪسي وري هلڻ شروع ڪيو. ۽ ڪجهه اڳتي هلڻ کانپوءِ، هن ٽيڪسي ڊرائيور کي ڪلهي تي هٿ رکي روڪيو ٽيڪسي بيهجي وئي. هن ڊرائيور کي ڀاڙو ڏنو ۽ بيگ کڻي سامهين بنگلي تي پهچي، گهنٽي وڄايائين. جهٽ ۾ هڪڙو نوڪر ٻاهر نڪري آيو. ۽ هن جي ٻڌائڻ تي، هن کان وٺي در کوليو، هن کي ڊرائينگ روم ۾ ويهاري، ٻاهر نڪري ويو. نوڪر جي ٻاهر نڪرڻ سان ئي هو ڊرائينگ روم جي هر شيءِ تي نظرون گهمائڻ لڳو. ڊرائينگ روم هاڻي اڳي کان به وڌيڪ

سنڌر ٿي ويو هو. ڀاڄاڻس کي ڏاج ۾ مليل شين کان سواءِ هن ٿي ٻيون شيون به ڊرائينگ روم جون زينت بڻجي ويون هيون. هن کي پنهنجي ڀاڳ جي خوش قسمتيءَ تي فخر ٿيڻ لڳو.

— او گاڊ! واحد نون! تون اڇي وئين! ڀاڄاڻس هئي. هو اٿي بيٺو. ڀاڄاڻس اچي هن سان ملي.

— توهان ته اسانکي صفا وساري ڇڏيو آهي! شادي کان پوءِ اڄ ڏينهن ته اسان جن هيڏانهن اچڻ مناسب سمجهيو. نه بابا جن ۽ نه ئي وري ڏي اسان جي ڪا سار لڌي! جلد اچڻ جو واعدو ڪندي به اڄ ايترن مهينن کان پوءِ هيڏانهن منهن ڪيو اٿئي! خبر ناهي ته اسان ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي، جو اوهين دل تان لاهي ڇڏيو اٿو!؟

ڀاڄاڻس ۽ هو هڪ ئي صوفي تي ويهي رهيا.

— نه ڀاڄائي وسرڻ جي ڳالهه ڪانهي. ڀلا اسان توهان کي ڪيئن ٿا وساري سگهون. بابو ۽ امان پوڙها جيءَ ۽ پراڻن خيالن جا. گهر ڇڏڻ کان ئي ٻيائن ۽ مان وري امتحانن جي تياريءَ ۾ ....

— ڇڏ ڇڏ، اهي بهانا نه بڻاءِ. توکي اسان پيارا ٿوئي آهيون. نه ته!....

— نه ڀاڄائي ائين ڪونهي. توهان کان وڌيڪ اسان کي ڪير پيارا ٿي سگهن ٿا، هن دنيا ۾؟ بابو ۽ امان ته توهان کي هر دم دعائون ڪندا رهندا آهن

۽ مان ته مان ....

— ۽ تون اسان کي ڇڏيندو رهندو آهين ايئن نه؟

۽ مان گڏ ٻاچاڻهس کان به ٺهڪ نڪري ويا.

— چڱو تون هاڻي تڙ ڪري ٿڪ لاهه ته باقي ڳالهيون پوءِ ٿا ڪيون. ۽ ڏسين مان پنهنجي هٿن سان تولاءِ چانهه به تيار ڪري ٿي وٺان. اڄين نه ڇوين ته ٻاچاڻيءَ ڪائي خدمت به نه ڪئي........

ٻاچاڻهس جو مٺڙو ٽهڪ گونجيو

— ۽ پوءِ ٻري هيڏاهن مهڻن ڏي نه ڪرين. مسين سسين ته آيو آهين. اڙي جائي ٽوکي تنهنجو ڪمرو ته ڏيکاريم ٿي ڪونه! مولو ....

— جي بيگم صاحب.

نوڪر اندر گهڙي آيو.

— صاحب جي بيگ ڏي. آءُ واجد آءه نوڪر بيگ کڻي ۽ هو ٻاچاڻيءَ سان گڏ هلڻ لڳو.

— ٻاچاڻي انور ته ٺيڪ آهي نه؟

— ها بلڪل ٺيڪ. ڪجهه ڏينهن ٿيندا ته اکين پر سور ٿي پيو هوس. هاڻي ڪا به تڪليف ڪانهيس ۽ صحت ته اڳي کان به وڌيڪ سٺري ويئي اٿس ۽ واجد تون! تون ته ڏاڍو لهي ويو آهين! بيمار ٿي پيو هئين ڇا؟

— ها ٻاچاڻي ٽائيفائيڊ ٿي پئي هئي.

— ٽائيفائيڊ ۽ تون اسان ڏانهن لکيوئي ڪونه! ڀلا اسان

تنهنجا ڪير ٿيندا آهيون! ڪڏهن ٻه اکر ٻـه ڪونه لکيئي! ۽ اڄ ٻه خبر ڏيڻ کان سواءِ هليو آئين. گهٽ ۾ گهٽ تو جهڙي ماڻهوءَ کي ائين ته ڪرڻ نه کپي پلا امان بابا جن ڪيئن آهن؟

— بلڪل تازا توانا ۽ تڪڙا.

پاڇانهس هنجي مشڪريءَ واري انداز تي مرڪي ۽ نوڪر سان گڏ ڪمري کان ٻاهر نڪري ويئي. هن در بند ڪيو، ڪپڙا لاٿائين. ۽ بيگ مان برش، پيسٽ ۽ ٽوال ڪڍي باٿ روم ۾ گهڙي ويو. ڏند صاف ڪرڻ کان پوءِ هن شاور کي کولي ڇڏيو.

پاڻي پنهنجي مخصوص سنگيت سان هن جي متان ڪري رهيو هو، ۽ هو اهو سوچي خوشي پرجي رهيو هو ته: پاڇانهس هن کي ڪيترو نه چاهي ٿي، جو هن لاءِ پنهنجي هٿن سان چانهه تيار ڪري رهي آهي. ۽ سندس صحت جو ڪيڏو نه اونو اٿس. هن سوچيو: سندس پاڇائي واقعي پيار جي لائق آهي. ۽ هن کي انهيءَ سوچ تي پنهنجي پاڻ تي رشڪ اچڻ لڳو: جنهن واقعي هيڙو مير ماريو آهي! جنهن کي هاڻي هڪڙو شاندار بنگلو آهي، ڪار ۽ حسين ۽ عاليشان زندگيءَ گهارڻ لاءِ هر شئي کان سواءِ هڪ سندر زال آهي. ۽ هڪ هو آهي جنهن جي زندگيءَ ۾ ڪا به خوشي ناهي!. ڪو به رنگ ڪونهي! ڪا به خوشبوءِ ڪانهي! ڪن به گورين ٻانهن جو هار ڪونهي! ڪڙ به ڪارن وارن جي نشيلي ڇانو ڪانهي! جيون جي اٽانگي

سفر جو اڪيلو مسافر! بي رنگ، بور ۽ واهيات زندگيءَ
جو ڳچيءَ ۾ پيل ڳٽ ۽ اڃا تائين پيءُ جي پنشن
۽ ڀاءُ جي طرفان موڪليل خيرات (پئسا) تي زندگيءَ
جون اڻ پوريون ضرورتون پوريون ڪرڻ جي چڪر ۾
بي عزتو ٿيندو؟ اڃا ڪنهن به شئي جو مالڪ نه! اڃا
پرائن شين تي پلجندڙ فقير! پنهنجن پيرن تي بيٺل نه
پر پراون ڀيرن تي جيئندڙ! هڪ ڪتي جي زندگي!.

هن کي پنهنجو پاڻ تي چڙ وٺي وئي. هن تڪڙ
۾ پاڻ کي صابڻ هڻڻ شروع ڪيو ۽ جيئن ئي وهنجي ٻاهر
نڪتو ته ياچانهس جي دلربا مرڪ سندس استقبال
ڪيو.

— واجد ايتري دير! اڃا پئي ڪيئي؟ آءُ ڊرائينگ
روم ۾ هل. چانهه اسان جو انتظار پئي ڪري.

خشڪ ميوو، پيسٽري، چانهه ۽ سگريٽ!

هو ۽ ياچانهس!

گهرو ڳالهيون. ادب- آرٽ- موسيقي- زندگي ۽ سياست
۽ انهن شين جي موجودگيءَ ۾ وقت گذرندي
دير ئي نه ڪئي. منجهند جي ماني کان پوءِ ياچانهس
کان موڪلائي، جڏهن وڃي پنهنجي بستري تي ليٽيو
ته ڪيتريءَ دير تائين هو ان تي ئي سوچيندو رهيو ته
سندس ياچائي ڪيڏي نه اهم هستي آهي. عام عورت
جي سطح کان تمام مٿي، جنهن جي سوچ فيشن ۽ لپ
اسٽڪ کان هڪ انچ به مٿي چڙهي نه سگهندي آهي.

SOORIH SINDHI ADAB

۽ سندس ڀاڄائي! هڪ غير معمولي عورت زندگيءَ
جي ادب، آرٽ، سنگيت ۽ سياست تي گهرائيءَ ۾ ڄاڻندڙ
سندر عورت! ۽ اها هن جي ڀاڄائي آهي! هن جي ڀاءُ
جي ڀاڄائي! اهو سوچي هن جي چهري تي مرڪ تري
آئي- ۽ اڄوڪو ڏينهن هن کي ڏاڍو سٺو لڳو، جنهن
۾ هن حسين عورت سان ويهي، زندگيءَ جي مختلف
پهلوئن تي ڳالهايو. هڪ خوبصورت عورت سان ويهي
دنيا ڀر جي ڳالهيون ڪرڻ ۾ ڪيڏي نه سندرتا آهي!
ڪيڏي نه رنگيني آهي! اهو سوچي هو وري مرڪيو:
۽ هاڻي موڪل جا ڏينهن ڪيئن نه خوبصورتيءَ سان
گذاريندو! ڪيڏو نه آنند ماڻيندو. پنهنجي ڀاڄائيءَ جي
سنگ ۾! .... ۽ موڪل ڪانپوءِ؟ هو اداس ٿي
ٿي ويو سندس منهن مايوسي ڇانئجي وئي :وري ٻي
رنگ زندگي! وري تنهائي جو راڪاس! وري پل پل جي
پيڙا! وري.... هن چاهيو ته ڪاش سندس هر ڏينهن اڄوڪي
ڏينهن جان گذري . عورت! هن سوچيو ته رنگ زندگي
لاءِ هڪ حسين عورت جو هجڻ لازمي آهي! هڪ حسين
عورت ! ۽ هن جي زندگيءَ ۾ ڪا به عورت ڪانهي.
هن چاهيو ته: هن کي به جيڪر ڀاڄائي جهڙي خوبصورت
محبوبا يا زال هجي!

۽ الائي ڪيئن هن کي ننڊ اچي وئي.

حسين ماڻري آهي- هو آهي- ڀاڄائس آهي- ۽
ڀاڄائس ڊوڙندي اچي هن جي ٻانهن ۾ ڪري آهي- ۽

هن هيٺ جهڪي پنهنجي ڀاڄائي جا اڇا چپ چمڻ چاهيا آهن، تہ هڪ خوفناڪ رڙ هن کي ان عمل کان روڪي ورتو آهي. هن اکيون مٿي کنيون آهن. سامهون ڀاڙس آهي. ۽ ڀاڙس هن تي بندوق هلائي آهي ۽ بندوق لڳڻ سان هو هيٺ ڪري پيو آهي.

هو ڇرڪ ڀري جاڳي پيو. ۽ وڏي حيرت مان ان خواب تي سوچڻ لڳو تہ: سندس سوچ اهو رخ ڪيئن ورتو هو! ڇو ورتو هو؟ ۽ پوءِ هن کي پنهنجو پاڻ تي سخت ڇڙ وٺي وئي تہ هن پنهنجي ڀاڄائي ۽ ڀاءُ متعلق اهڙو واهيات، ذليل ۽ ڪريل خواب ڇو لڌو؟.

۽ ان حيرت ۾ پاڻ تي ملامت، ٺڪ لعنت ڪرڻ واريءَ ڪيفيت ۾ هو ڪافي دير تائين پلنگ تي پيو رهيو. ۽ سندس اهڙيءَ ڪيفيت کي نوڪر اچي ٽوڙيو هو باٿ روم ۾ ويو ۽ تيار ٿي ڀاءُ سان ملڻ لاءِ ٻاهر نڪتو. شام ٿي وئي هئي- ڀاڙس ۽ ڀاڄانهس لان ۾ ڪرسين تي ويٺا هيا. ڀاڙس هن کي ڏسي اٿي اڳتي وڌي آيو ۽ هن کي پنهنجي ڀاڪر ۾ ورتائين- ۽ پوءِ هو، ڀاڙس ۽ ڀاڄانهس، ڳوٺ، گهر، ماڻهن ۽ پنهنجي باري ۾ ڳالهائيندا رهيا. ۽ چانهہ کان پوءِ هل پارڪ جو پروگرام ٺهيو.

هل پارڪ تي - ڀاءُ ۽ ڀاڄائيءَ سان گڏ گهمندي ڦريائين تہ هن کي ڏاڍو مزو آيو. ڀاڙس جو هٿ ڪڍهن

ڀاڄائس جي ڇيلهه تي، ڪڏهن ڪلهي تي، ڪڏهن ڳچيءَ تي پئي ڦريو. ۽ ٿوري ٿوري تي هنن خوشيءَ سان ڀر ٽهڪ ٿي ڏنا. ۽ پاڻ ۾ پيار ڪرڻ لاءِ هنن کي ڇڏي ڪجهه اڳتي نڪري ٿي ويا ته، هن جي دل خوشيءَ سان ٽمٽار ٿي ٿي وئي. هن جو من جهومي ٿي پيو. پر پوءِ خبر نه آهي ڪيئن ۽ ڇو هو اداس ٿيندو ويو خاموشيءَ جو مٿس حملو ٿيڻ لڳو. ڪوڪ به هن بي دليءَ سان پيتي ۽ ڀاءُ ۽ ڀاڄائيءَ سان گڏ ڏاڍيءَ بي زاريءَ سان هلڻ لڳو ۽ پنهنجي اداسيءَ ۽ بي زاريءَ کي لڪائڻ لاءِ سگريٽ مٿان سگريٽ پيئڻ لڳو ۽ ڀاءُ ۽ ڀاڄائيءَ جي ڳالهين تي وڏا وڏا ۽ کوکلا ٽهڪ ڏيڻ لڳو.

رات ٿي چڪي هئي ۽ ڪار هاڻي گهر ڏانهن موٽڻ لڳي هئي. هو پوئين سيٽ تي ويٺل هو. ڀائس ۽ ڀاڄائس اڳين سيٽ تي هيا ڀاڄائس ڪار هلائي رهي هئي. ۽ ڀائس جي ٻانهن هن جي ڪلهي تي رکيل هئي ۽ ڪار رستن جي ور وڪڙن کي ڪٽي رهي هئي. ڪار هلندي، اماڪ ڀائس اڳتي وڌي ڀاڄائس جي ڳل کي چميو.

— هي ڇا! هي ڇا ٿا ڪيو؟

— ڇو؟

— گهٽ ۾ گهٽ اهو ته خيال ڪيو ته ڪار ۾ اسان اڪيلا ناهيون. واجد به اسان سان گڏ آهي.

— او پوڙها ڊرالڻا! واجد کي تون ڇو ڪمزور ٿي سمجهين؟

پرنس هن ڏانهن ٺٺولي سان وراڻي ٽهڪ ڏنو.

— واجد، نازش کي شايد تنهنجي آزاد خيال ۽ جي اڃان پوري خبر ڪانهي ۽ اها به ڄاڻ نه ته تون ۽ مان ننڍي هوندي کان وٺي، اڄ تائين ڀائرن جان نه پر دوستن جان رهندا آهيون. ها ها...... ها ها ....

ڪوڙيءَ مرڪ جي ذريعي هن ڪئي پاڻ سان ساٿ ڏيڻو پيو، نه ته هن کي اها ڳالهه ته انتها درجي جي ڪريل، ذليل ۽ واهيات لڳي هئي. هن جي دل ته اهو ٿي چاهيو ته پاڻ جي ان حرڪت تي پاڻ کي ٿونشو وهائي ڪڍي. پر هن ائين نه ڪيو. زهر جو ڍڪ پي برداشت ڪري ويو هو. جيئن هاڻي برداشت ڪري رهيو هو. نه ته هن جي دل ته اهو پئي چاهيو ته پاڻ جو پاچانهس جي ڪلهي تي اڇل اهو هٿ پٽي اڇلي. پر هو ائين نه ٿي ڪري سگهيو. ۽ ان ڳالهه هن ۾ نه رڳو بي چيني ۽ بي زاري پيري وڌي پر ڀهريون پيرو هن جي دل ۾ پاڻ لاءِ نفرت به پيرجي آئي. هاڻي هن کي پنهنجو پاڻ انتها درجي جو ڪريل بدماش، ڪم ظرف، خود غرض ۽ احسان فراموش لڳو جنهن عيش واريءَ زندگيءَ ۾ غلطان ٿي پنهنجي ماءُ پيءُ ڏانهن اڇڻ به ڇڏي ڏنو هو. جنهن اهو به وساري

ڇڏيو هو ته انهن جي طفيلي ٿي ۽ انهن جي ٽي پئسي تي پڙهي اچ هو هن ماني تي رهندو هو.

آخر ڪار اهو بي چئني ۽ بي زاريءَ وارو نفرت انگيز سفر ختم ٿيو ۽ هو گهر پهچي ويا.

هو ڊرائينگ هال ۾ پاءُ ۽ ڀاڄائي سان گڏ ماني کائي رهيو هو. ۽ خاموشيءَ سان ڪرنهه اڇلي رهيو هو. ڀاڻس ۽ ڀاڄانهس کائڻ سان گڏ هڪ ٻئي سان چرچا ڪري رهيا هيا. هڪ ٻئي جي گلاسن مان پاڻي پي رهيا هيا ۽ رکي رکي هڪ ٻئي کي پنهنجن چمچن سان ماني کارائي رهيا هيا. ۽ سڀڪجهه ڏسي هن زال مڙس کي پاڻ پيار ڪندو ڏسي، هڪ دفعو وري هن جي من ۾ اها خواهش جاڳي پئي ته هن کي به هڙي پياري زال هجي ته هو به جيڪر ائين ڪري: هڪ ٻئي جي چمچي سان کائڻ، هڪ ٻئي جي گلاسن مان پاڻي پيئڻ ۽ هڪ ٻئي کي چيڙائڻ ۽ هڪ ٻئي کي پيار ڪرڻ ۽ اهو سوچيندي سوچيندي اوچتو هن جي دل چاهيو ته ڀاڄانهس، ڀاڻس جي پر نه هن جي زال هجي ته اڄ هو ڪيڏو نه عيش ڪري. حسين زال ۽ هي سڀڪجهه جيڪو اڄ ڀاڻس جو آهي، اهو هن جو هجي ته هو ڪيڏو نه زندگيءَ جو صحيح مزو ماڻي! هن چاهيو ته هاڻي جو هاڻي، اهو سڀ ڪجهه: ڀاڄائي ۽ حسين زندگي پنهنجي ڀاءُ کان کسي وٺي. ڀاءُ کي...... ها

پڙهه ڪي.... ....

.... واجد ڇا ٿو سوچين؟.

ڀاءُ جي آواز تي ڇرڪي پيو. ڄڻ سڄو سوڊو پڪڙيو هجي.

— ڪجهه به .... ڪجهه به نه

— ڪجهه به نه، تـه پوءِ هيئن خاموش ڇو ٿي ويو آهين! ڪائين ڇو نه ٿو؟

.... بس ائين ئي

هن ڪي ڪوڙ لڪائڻ لاءِ پـوء به لفظ ملي نه سگهيا.

— واجد طبيعت ٺيڪ نه اٿئي ڇا!؟

— ها ڀاڄائي .... مٿئي ٿورڙي

ڀاڄانهس جي لفظن سهارو ڏئي ورتس.

— ترس، مان ڊاڪٽر کي فون ٿي ڪيان.

ڀاڄانهس ڇمچي کي پليٽ ۾ رکي اٿي کڙي ٿي.

— نـه ڀاڄائي، اهڙي تڪليف ٿوروئي آهي جو ڊاڪٽر کي گهرائجي، مان ٿورو آرام ڪندس ته پاڻهي ٺيڪ ٿي ويندس. ڀانيان ٿو واڄڪي سفر جـي ٿڪ ڪري ائين ٿيو آهي.

— نه نازش تون ڊاڪٽر کي گهرائي وٺ ـ ڊارلنگ هي پنهنجي طبيعت متعلق سدائين ڪيئر ليس رهيو آهي!

— نه ڀاڄائي مون ڪ ي ڪائي تڪليف ڪانهي

رڳو آرام جي ضرورت آهي.

— ته، پوءِ ٺيڪ آهي ٿون وڃي آرام ڪر .... پر انور ڪجهه کائڻ کان بنا سمهڻ ٺيڪ ته ڪونهس نه؟

— نه ڀاڄائي مون کي ماني جي نه آرام جي ضرورت آهي. آرام جي!

۽ هو اچي پنهنجي بستري تي ڪريو.

هي ڇا؟ هي ڇا ٿي ويو آهي!؟ هن کي هي ڇا ٿي ويو آهي! هي ڇا سوچي رهيو آهي!؟ هن اڳ نه ائين ڪڏهن به نه سوچيو هيو! ها نه ڪي اهڙا خواب نه ڪي اهڙيون ڳالهيون!- نه ڪي اهڙا تصور! هن کي هي ڇا ٿيندو ٿو وڃي؟. ڪٿي هو بيمار ته ناهي؟ يا هو ڪو خواب ته نه لهي رهيو آهي؟ ها متان هي ڪو خواب هجي!.... پر! پر؟ اوهه! هيل! واٽ از هيپننگ وٽ مي؟ مان ڪيڏانهن وڃي رهيو آهيان. ڪيڏانهن هي سڀ ڪجهه ڇاهي! ڇاهي؟

هو ائين ڪافي دير تائين ويچاريندو رهيو. ۽ پوءِ امالڪ هن کي محسوس ٿيو ته ان سڀ ڪجهه جو هڪڙو ئي سبب هو. ها هڪڙو ئي. اصل ۾ اڄ هو جيلس ٿي ويو آهي. پاڻ سان جيلس ها ان سڀ ڪجهه جو سبب جيلسي (حسد) اصل ۾ اڄ هن جون دٻيل خواهشون ۽ محروميون ۽ ناڪاميون ۽ مايوسيون ڪر موڙي جاڳي پيون آهن. هن ۾ به ها هن ۾ به قابيل جنم ورتو آهي! قابيل جنهن عورت کي حاصل ڪرڻ

لاءِ پنهنجي ڀاءُ هابيل کـــي ماريو هو. ۽ اهڙو جذبو عورت کـــي حاصل ڪرڻ جـــي خواهش. ٻي رنگ ۾ ٻور ۽ واهيات جيون کان نجات حاصل ڪرڻ جي تمنا هن ۾ ايري آهي.

(’نئين نهي، پرچي جي فيبروري ١٩٦٨ع ۾ ڇپيل)

پل تي ويٺل هڪ نوجوان

هاڻي هو گهر کان ٿي نه پر ڳوٺ کان به ٻاهر نڪري آيو. بند تان چڙهي، واهه جي ڪپ ڏئي، هن جي ٽوڙ کان ٻچندو اچي پل تي نڪتو ۽ پل جي ٿهيل دڪي تي ويهي رهيو. هن جي چهري تي پريشاني ۽ اداسي ڇانيل هئي ۽ هو ڪنهن گهري سوچ ۾ گم هو. پل تان لنگهندڙ مال گاڏين ۽ ڏنارن يا هارين نارين ڏانهن هن جو ڪنهن به قسم جو ڌيان نه هو. ڪافي دير انهيءَ حالت ۾ ڪنڌ هيٺ ڪيون ويٺو رهيو ۽ پوءِ هن نگاهون مٿي ڪنيون، ته هن جي پريشان ۽ اداس حالت الائي ڪيڏانهن گم ٿي وئي ۽ ان جي بدران هن جي مک تي سرور ۽ شانتيءَ پنهنجا پر ڦهلائي ڇڏيا. لهندڙ سج، وهندڙ واهه، هوا ۾ جهولندڙ وڻ ۽ نيڻ نهار تائين ساوڪ ۽ فطرت جو الستي ۽ سرمدي

راڳ. هو ان ۾ ڪوئجي ويو. اهنج ايذاءُ سور، سزائون سڀ ڪجهه ڀلائي ڇڏيائون پر ڪجهه وقت ڪان پوءِ هن کي انهيءَ سڀ ڪجهه ۾ به ڪنهن قسم جي ڪشش يا چمڪ نظر نه آئي. هن ۾ وري بيزاري پرجي آئي ۽ هن کي اهو سڀ بي معنا، ڪوڪلو، اجايو ڇيڙائيندڙ ۽ واهيات لڳو.

So you are going to your pradise my old boy. Am I wrong?

ڪجهه ڏينهن لاءِ سڪون آرام جو مزو، ڪائش پيٽ جو ڪوئي اونو نه، گهر جون خوشيون، مائٽن مٽن سان گذرندڙ پيارا لمحا، ڳوٺاڻا دوست، جنت ناهي ته ٻيو ڇاهي؟

Wish you good luck my old boy,

” ادا اچي ويو، امان! ادا اچي ويو، ادا، ادا .... “

ننڍڙو ٻار ۽ ڀيڻس ڪيس ڏسي ڊوڙن ٿا. هن کي چنبڙن ٿا ۽ هو هنن کي پيار ڪرڻ لڳي ٿو.

” ادا آئين؟“ پنهنجين وڏين ڀيڻن سان ملي ٿو.

” تون خوش آهين نه فرحت، تون ڪيئن آهين راحت؟“

” ها ادا... تون ڪيئن آهين؟“

”مان به خوش آهيان. تون ته خوش آهين نه جاويد!“

”ها خوش آهيان“.

” بابا توهان تي ڏاڍو ڪاوڙيل آ: چيائين پٽ ته ٻن مهينن کان ويٺ امان ڏي پائي به ڪونه ٿو

موڪلي. باقي ماڻ ڪراچيءَ ۾ عيش ڪندو وتي. اسان هت ويٺا بڪ مرون. سچي ٿو ڏي ڏادي ڪاوڙ اٿس."

راحت سندس گهر ۾ گهڙڻ واري سموري خوشيءَ کي تباهه ڪري ٿي ڇڏي.

"امان، جاويد سان نه ملنديءَ؟" فرحت ماءُ کي چوي ٿي.

"نه مان ڪونه ڳالهائيندي مانس، ڪو ڪراچيءَ ۾ اهو خيال به اچيس ٿو، ته گهر جي ڇا حالت هوندي. ڪراچيءَ وڃي اسان کي صفا وساري ويٺو آهي ٿو، ٻه ٻه مهينا ٿي وڃنس ته ڪوڙي پائي به موڪلي ٿو؟ آخر پٽهين جي پينشن ۾ توهان جي پيرت مان ڪا پورت ٿئي ٿي؟ هڪ شئي وٺ ته ٻي لاهه سڪ. پٽ هوندي به پيا تڪليفون ڏسون!"

"امان...."

"ڇڏ ابا ڇڏ، مون کي تنگ نه ڪر." ساڻس ڀيريائين هن جي پاڪر سان پاڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، ۽ پوءِ الائي ڪهڙي جذبي جي اثر ۾ اچي هو هن کي ڀاڪر پري آميو پيار ڪري، ڪيس ڇمين سان وهنجاري ڇڏي ٿي. هاڻي ساڻس ۽ سندس ڀينرن جي اکين ۾ ڳوڙها آهن ۽ ننڍڙا ٻار حيرت مان هنن ڏانهن ڏسن ٿا.

"ادا بابو ٿو سڏي."

"ڇو؟" راحت ڪان پڇي ٿو.

"الائي، بس رڳو اهو چيائين ته پاڻ کي سڏي آءُ.

پيءُ ڏانهن اچي ڏسو، پٽس هڪڙي ڪان سڳي ٻڌل عينڪ پايو، سنڌس آنڌل ڪالهوڪي اخبار ۾ منهن وجهيو ويٺو آهي ۽ چانهه جي خالي ڪوپ تي مکين جي لشڪر جو حملو آهي. "بابا، توهان سڏايو؟"

پٽس هن ڏانهن ڏسي، اخبار پڙهڻ بند ڪري. هٿ جي اشاري سان هن کي پنهنجي پر ۾ ويهڻ جو اشارو ڪري ٿو. هو پيءُ جي ڪٽ جي پرسان پيل ٻي ڪٽ تي ويهي رهي ٿو.

"چانهه پيتئي؟"

"ها، بابا."

"ابا، کير مهانگو ٿي ويو، انڪري شام جو سليماني چانهه پيئندا آهيون. توکي ته سليماني چانهه وڻي به الائي ڪونه؟ ڇا ڪجي!" پٽس جو لهجو ڏاڍو ڏکارو آهي.

"نه بابا مان پاڻ سليماني چانهه کي وڌيڪ پسند ڪندو آهيان، توهان ڪو خيال نه ڪيو."

"ادا اسان کي ته اها سليماني چانهه ته وڻي ئي ڪونه! پر ڇا ڪيون کير ۽ کنڊ لاءِ پئسا ڪونه هوندا آهن، ته ٻيو ڇا ڪبو!

"بس ابا، مڙئي ٻيا زندگيءَ جا ڏينهن پورا ڪيون قبر ۾ ڪو سک نصيب ٿئي ته ٻي ڳالهه آهي، باقي هتي ته هاڻي سکين ڏينهن اچڻ جو آسروئي پلي ڇڏيو

آهي!“ پر جا لفظ وڏي پڇي سنگهي جيان سندس سيني ۾ گهري ويئن ڏاه هو اڻهيءَ تي ڌاٿهن ڪرڻ چاهيندي به ڌاٿهن ڪري نٿو سگهي. نه ئي پيءُ کي ڪوڙي آٿت ڏيڻ تي سندس دل ٿي ٺهي. ڪجهه دير جي چپ کان پوءِ پٽس وري ڳالهه ڇوري ٿو.

”پا اڳهون غلام محمد جي دوڪان تي لنگهيس، ته تنهنجي اڻ جو پڇي قرض جي واپسيءَ تي تهائين وڏيڪ زور پريائين. بابا، هن جو ڏوهه به نه ڪونهي. ١٠ پر ٥ ئي ته مهينا ڪير ٿو قرض رکي، هن کي به ته دڪان هلائڻو آهي نه!“

هو پيءُ جو مقصد سمجهندي پئسا ڪڍڻ وڃي ٿو. پٽس به هن جي اٿڻ کي سمجهي ٿو.

”پٽ، هن پيري تمام گهڻن پئسن جي ضرورت آهي، سو مڙئي اهو خيال ضرور ڪجانء. تنهنجي پگهار ته تولاءِ ئي مس پوري آهي، ان جو مون کي احساس آهي. پر ڇا ڪجي، جڳ سان به ته هلڻو آهي نه...“ پٽس هميشه وارو رٽيل جملو اوڳاڇي ٿو.

هو ڪري ۾ اچي، پيگ کولي، ڪراچيءَ مونئي وچڻ جيترو پاڙو رکي، باقي پئسا کڻي پيءُ ڏانهن اچي ٿو.“ بابا، هان هي پئسا وٺو.“

پٽس ڪاٿيس پئسا وٺي ڳڻڻ لڳي ٿو. ”بس هي!“ پٽس جي پيشانيءَ تي گهنڊ اچي وڃي ٿو.

”بس بابا، اهي ڏي اٿ، مون پاڻ لاءِ رکيو ڪراچيءَ

موٽي وڃڻ جيترو ڀاڙو رکيو آهي، ٻيو جيڪي ڪجهه هيو، اهو توهان جي حوالي ڪيو اٿم.

”پر هنز پئسن مان ٿيندو ڇا! تون آخر پگهار ڪرين ڪاڏي ٿو؟“ پٽس چڙي چوي ٿو. هاڻي هنڪان سويل واري سندس اها ڳالهه وسري وڃي ٿي، ته پگهار تولاه به پورو ڪونهي.

”بابا، اتي ڪراچي ۾ مسواڙ ڀريم، ڪجهه قرض ذمي ۾ باقي جيڪي ڪجهه بچيو آهي، سو ڪٺي اچي مٽ نڪتو آهيان.“ پيءُ کي هميشه جيان سمجهائي ٿو

”بس، توکي آهي عيش ڪرڻ. اسان هتي دنيا اڏو خراب خوار پيا ٿيون، ان جو توکي ڪوئي احساس ٿئي به ڇو؟ ٻه ٻه مهينا ٿيندي پائي به نه موڪلين. سڀ پيسا کپائي، پوءِ هتي اچي ٿو ڪرڻ سٺين! نه پنهنجي عزت جو اونو، نه اسان جي اچڻ وارن جو خيال مون ته ماستري هوندي به پنهنجي گهر جو خرچ ڪٿان اڪيون نه پوريون هيون، تنهنجي ضمير ڇو ٻڏي ويو آهي؟ مان ته.........“

”ڇا هي؟ ٻچڙي سان ڇا ٿي ٿو وڙهين؟“ ماڻس جيڪا سٽي جي سور ڪري وڇي اندر ستي هئي، سا مڙس جي گوڙ تي ٻاهر نڪري اچي ٿي.

پٽس، ماڻس کي ڪوئي جواب نٿو ڏئي.

”ڇا هي آخر؟“ هوءَ وري ڏيڙن کان پڇي ٿي.

”پئسن جي ڳالهه آهي، ٻيو ڇا هي.“ راحت توڙي

سان ماڻهن کي جواب ڏئي ٿي.

"ٻچو ٿو ته هنن پئسن مان ڇا ٿيندو!"

"اما، پوءِ ڊون به نه خيال ڪر نه. پهلا ڊون نه ڏينديون ته پيو ڪير ڏيندو؟ اسان آخر ڪاڏي وڃون. تو ۾ ئي اميدون آهن نه. ڪو پيو وسيلو آهي جو اچي اسان کي کارائيندو؟ ڪجهه هجي ته ڏينس. ابا مان کي به روز ڪٿس پئي ٿئي، جي پئسا هجنئي ته جيڪر مان به ڊاڪٽر کي پاڻ ڏيکاري اچان!"

آخر توهان مان کي سمجهو ڇا هي؟ ملڪ جو والي؟ بادشاهه؟ هڪ ڪاڇيءَ ۾ ڪلارڪيءَ ڪري روز روز وڏو ذليل ٿيان پيو هتي گوٺ اچان ته به ڪو سک نصيب نه ٿئي! مان ته هن زندگيءَ مان ڏي بيزار ٿي ويو آهيان! نه ٿو موت اچي نه ڪا پي ڳالهه ٿي ٿئي هفتي جي موڪل وٺي آيو هوس، ته گوٺ وڃي ڪو سک ماڻيندس، پر هت اچ ته هت به ساڳي مصيبت ويتر ڏچو نه ڇڏين. مان ڪاڏي وڃان آخر مان ڪاڏي وڃان!" هن جو گلو ڀرجي اچي ٿو ۽ پنهنجي نڙيءَ ۾ ڪو گنڊو اٽڪيل محسوس ٿو ڪري. هن کان وڌيڪ ڳالهائي نٿو سگهي ۽ هو ڪمري ۾ هليو وڃي ٿو ۽ پنهنجي بيگ ڪڍي ٻاهر نڪري اچي ٿو "هان، هي پئسا وٺو، مان ڪراچيءَ ٿو وڃان، منهنجي هتي رهڻ جو ڪوئي ضرور ڪونهي!" هو پيءُ جي کٽ تي پئسا اڇلي ٻاهر وڃڻ لڳي ٿو ته ماڻس ۽ ساڻس

پيرون چنبڙي پوندس ٿيون ۽ وچڻ کان روڪڻ لڳنس ٿيون.

"ابا خدا جي واسطي ائين نہ ڪر...."

"ادا ڏس ائين وڃ ن ٿو."

"ادا اڃا ڪالهہ تہ آيو آهين!"

سائس بيگ کسي ورتي ٿي.

"ڇڏ امان ڇــڏ. مان هتي ڪونہ رهندس، ڪونہ رهندس، ڇڏ سون...."

"ابا خداء کي ڏس. پنهنجي پيءُ ماءُ سان بہ ڪاوڙ؟ اڃا ڪالهہ تہ آيو آهين. امان جــي پوري سڪ بہ نہ لٿي آهي تہ تون وڃڻ جا سانباها پيو ڪرين! نـہ ابا نہ ائين نہ ڪر، رب جي واسطي." آخر گهڻي ستاڪت چڪ چڪان ۽ منٿن کان پوءِ بيگ مان هٿ ڪڍي ٿو. مائس بيگ کي اندر رکي موٽي اچي ٿي. هو ماءُ ۽ پيرن کي روئندو ڇڏي، اندر کٽ تي ڪري ٿو ۽ اونڌي منهن ليٽــي پوي ٿو. ٿوريءَ دير کان پوءِ هو پنهنجي مٿي تي ڪنهن جو هٿ محسوس ڪري ٿو. هٿ جيڪو هن جي وارن تي گهمي رهيو آهــي. هو منهن ورائـــي ڏسي ٿو. پڻس آهي هو وري منهن کي وهاڻي ۾ لڪـــائي ڇڏي ٿو. پڻس هليو وڃي ٿو. هن جي انــدر مان هڪ سڏڪو اڀرڻ چاهي ٿو، پر اڀري نٿو سگهي.

در تي ڇڏ ٿيڻ سان ٻاهر نڪري اچي ٿو. سندس دوست آهن . هنن سان ملي ٿو . " ٻه ٽي ڏينهن آڳي ٿيا ٿئي ، پوءِ ٻه منهن ڪونه ڏيکاريئي . اڄ ٻه جي چاچو نه ڇڏائي ها ، ته اسان ائين ئي لاڙڪاڻي هليا وڃون ها " انور چويس ٿو " ڇا پئي ڪيئي گهر ۾ ؟ "

" بس ائين ئي پيو هوس"

" ائين ئي يا ڪراچيءَ جا ٽڪ پئي لاٿئي . هـا سائين ڪراچيءَ جون جوانڙيون ته چڱن ڀلن جي ڇيله ڇپي ڪري ڇڏين ، تون ته پوءِ ٻه سنگل ڀاسري آهين بس بابا عيش ٿو عيش — موج ڪر من موج !" رزاق چويس ٿو .

"نه ، اهڙي ڪائي ڳالهه ڪونهي. توهان هرويرو غلط ٿا سوچيو ، اٽي ته .... "

" اڙي هاڻي ڇڏ ڇڏ . اسان توکان ڪسي ڪونه ٿا وٺون اهي ملوڪڙيون ، توکي نيبهه هجن سيان. هاڻي وڃ تيار ٿي آءُ ته لاڙڪاڻي هلون. روميو جولـيٽ ٻه ڏسي اچون ته يارن دوستن سان ٻه ملي اچون . وڃ جلدي سنبري آءُ ." انور ڪلهي تي هٿ رکيس ٿو .

"پر مان لاڙڪاڻي ڪونه هلي سگهندس."

ڇو ؟ ، ڪرئي سبب ؟ "

مون وٽ ناڻو ڪونهي ! جيڪي هو سو گهر وارن کي ڏئي ڇڏيم . "

"اڙي هاڻي اهو هميشه وارو رينگٽ ڇڏ. سدائين ائين ڪنجوسي، ڇگو هاڻي تيار ٿيءُ، پئسن جو ڪو فڪر نه ڪر. ڊڄ نه، تنهنجي ڪيسي تي بار ڪونه وجهبو." هو ان ڏوڪ جي وهم جو ڏيک هاري نه ٿو، پي وڃي.

"ڏسين ڇا ٿو بيٺو، وڃ نه. اسان به ته تنهنجا دوست آهيون. ڪي ڌار ڪونه آهيون. وڃ جلدي آءُ."

منظور گهر ڏانهن ڏڪيس ٿو.

"نه مان ڪونه هلندس. توهان ٿي اچو، مون کي ڪجهه پڙهڻو آهي."

"ڇڙي وڃين؟ بابا يارن سان به ڪاوڙ ۽ ليڪا وڃ تيار ٿي جلدي آءُ."

"چيم نه ته مان ڪونه هلندس، توهان ٿي اچو."

"ڇگو شام جو ڪچهري ڪيون، ٺيڪ آ؟"

"ٺيڪ." گهر اچي ٿو.

"يوليسز" پڙهي رهيو آهي.

"ادا"

ڪتاب تان نهار هٽائي سامهون بيٺل ننڍڙيءَ ڀيڻ ڏي ڏسي ٿو. "ڇا هي"

"ادا، پئسا ڏي، شيءِ وٺندس — هان ادا!"

پوڻس نمائين نگاهن سان ڏسيس ٿي.

"پئسا ڪونهن."

"ادا ڏين نٿو." ڀيڻس ليلائي ٿي.

"وڃين ٿي يا هتان ۾ موچڙا. هڪڙو ٻيو ڇڏيم ٻه نه پيسا ڪونهن، پوءِ ٻه مٿو ڏيئي ڪڍن ٻچي وڃ هتان." پيءُ ٿي الر ڪري ٿو. ننڍڙي ڀيڻس روئندي ۽ شور ڪندي ٻاهر نڪري وڃي ٿي ته هتان ۾ سور محسوس ڪري ٿو. اکين ۾ ڳوڙها اچي وڃنس ٿا. وڌيڪ پڙهي نٿو سگهي ۽ ڪتاب کي جاري ۾ اڇلي پاڻ کي کٽ تي ڪيري ڇڏي ٿو.

رات جو ڏائيم ۽ سڀئي ستا پيا آهن. ماڻس سندس وارن ۾ آڱريون ڦيري رهي آهي. هن جون نگاهون ستارن ۾ کتل آهن.

"ابا، هاڻي هڪڙي آس اٿم. شل، توکي پنهنجي جيئري ڏي موڙ ڏسي، پوءِ وڃي قبر ڀيري ٿيان!"
ماءُ کي ڪوئي جواب نٿو ڏئي. چپ پيو آهي.

"پر ابا، توکي ان جي ڪا ڳڻتي ڪونهي! ٻه پيسا ڏاريندو اچين تڏهن به چڱو. ڪنهن ڪان سگ ٻه گهرون ته ڪهڙي آسري تي." ماڻس رهي نٿي سگهي سندس لهجو ڏاڍو روئڻهارڪو آهي.

"امان، توکي ڪيترا ڀيرا سمجهايو اٿم ته اجايون ڳالهيون نه ڪندي ڪر. رڳو هجئي ماڻهو کي خراب ڪرڻو!"

"اهي اجايون ڳالهيون آهن ابا؟ ماڻهن جا ٻار اچا

آگوٺي جهڙا مس لهي ٿا ، نه شادي شادي ڪندا وتن ٿا ، ۽ ڏين آهن جو ايڏي عمر اچي ٿي اٿئي ، ته به شادي جي ڳالهه ڪان به ڇڙين ٿو! ابا ، مانگي ته....."

" مان چوانءِ ٿو بڪواس بند ڪندين يا نه؟ "

صفا باهه ٿي ويو ٿو.

" مان بڪواس ٿي ڪيان .... مسامُ .... ماءُ سان ائين ڳالهائبو آهي - چڱائي جو..... " مائس سڏڪندي ٻوڙها ڳاڙيندي هلي وئي ٿي ، ۽ هو سوچڻ لڳي ٿو ته ، ماءُ کي ڇا سمجهائي ته هن کي خود انهن موڙن پڙڻ جي ڪيڏي نه آس آهي!

●

ڪوناٽي هوٽل ۾ دوستن سان چانهه پي رهيو آهي. سياست تي بحث هلي رهيو آهي. ڪوناٽا به دلچسپي سان هنن جون ڳالهيون ٻڌي رهيا آهن ، ته ڪريم ڪاسائي اچي ٿو.

" ابا چڱو جو تون ملي وئين. مان پاڻ توهان جي گهرڏون ٿيو ٿو اچان. "

" خير ته آهي ڪاڪا؟ " ڪجهه ڪجهه سمجهندي به پڇي ٿو.

" ها ابا ، پيو مڙئي خير آهي ، مهاديءَ جا پيسا وٺي ويس ته پٺين چيو ته پيسا جاويد وٽ آهن ، اچي ته موڪليانءِ ٿو ، سو ابا ، هاڻي قسمت سان مليو آهين ته هتي ئي ڏئي ڇڏ ته چڱو. "

"پر چاچا، مون وٽ هن وقت ته ڪونهن، توهان ڏي موڪلي ڏيا، ڪوئي خيال نه ڪيو.

"پڙهين ڇوي تو وٽ آهن، تون ڇوين ته هن وقت ڪونهن! جي پيسا نتا ڏيڻو ته اهڙو گوشت ڪاڏو چو تا؟ مان ڪو ڪنهن جو نوڪر ته ڪونه آهيان، مهربان مون کي پيسا گهرجن پيسا." سڄي هوٽل وارا ڪيس ڏسي رهيا آهن. پاڻ کي بي عزتو محسوس ڪندي به زبان نتي چريس. ڪريم ڪاسائيءَ کي انور ٿي سمجهائي

تو: "چاچا، تنهنجا پيسا ڪوئي ڪاٿي ڪونه ويندو. ملي ويندئي، دلجاءِ ڪر."

"دلجاءِ ڪريان! واه اشراف واه، جڻ ڪا مان خيرات ٿو ڪيان." ڪاسائي پيو بڪي. گهڻو ڪجهه چئي هليو وڃي ٿو، ۽ هو محسوس ڪري ٿو، جڻ سندس سيني ڪپڙا ڪوئي لاهي ويو آهي ۽ هو ننهن ڪارونئي ڇونئيءَ تائين ننگو هجي.

دال ماني ڪائي رهيو آهي ته ننڍي ياه جو روئڻ ڪن تي ٿو پويس.

"امان! اهو وري ڇا ٿي ٿو مڪي؟"

"ابا، عبدالقادر جن جي گهر مڇيءَ جو ٻوڙ ڏسي آيو آهي، چوي ٿو ته مان روز روز دال ڪونه کائيندس مان کي انهن کان وٺي ڏيو."

"بس ڪندين يا اچي هٿان ٻاڏر؟" پاڻس جو روئڻ جاري آهي هو ٿپي باهه ٿي وڃي ٿو، ۽ ٻاهر نڪري

ننڍي پاڻ کي بہ ٽي ڇمائون وهائي ڪڍي ٿو.

رات جو دوستن وٽان اٿي اچي ٿو تہ ماڻس فرحت کي زور ڏيندي نظر اچيس ٿي ۽ فرحت ڳچيءَ تائين رلهي ويڙهيون ستي پئي آهي.

"ڇو امان، خير تہ آهي! ڇا ٿيو اٿس."

"ادا، بخار ٿي پيو اٿس!"

"بخار!"

"ها ادا، ڪجهہ ڏينهن ڇڏي، وري هليو ٿو اچيس. ههڙو جند ئي نٿو ڇڏيس!"

ماءُ ڏانهن مٿل نگاهن سان ڏسي ڪجهہ چوي نٿو.

"ڪوڊو پيرين سان تہ ڪجهہ وري ئي نٿو. هجن پئسا تہ لاڙڪاڻي وڃي ڊاڪٽر کي ڏيکاري اچانس. هاڻي تہ ڪڏهن ونءِ اهڙو ٿي ڪنگهي جان تہ ڊڄي ٿي وڃان. ادا. پرت مان جيڪي ڪمائين، سو هليو وڃي گهر جي خرچ ٿي. دوا تہ ٿي پوئين، پر انهن پئسن مان جان لاءِ ڪپڙو بہ نصيب ڪونہ ٿو ٿئن! تو ۾ بہ تہ آسرو ڪونهي نہ! ڪاڏي وڃون؟ بس ادا، خدا اٿن، اهوئي پناهہ ڏئي سگهي ٿو."

اکيون ڀرجي اچنس ٿيون. ٻئي ڪٺي اندر هليو وڃي ٿو. ڀاڙي وارا پئسا کڻي ٻاهر اچي ٿو.

"هان هي وٺ، سياڻي لاڙڪاڻي وٺي وڃجوس."

"نہ ادا رکين، توکي ڀاڙو ڪري بہ ڏيڻ وڃڻو

آهي نه؟ پوءِ ڪهڙي ڪندين، ڪير ڏيندءِ؟"

تون هنن کي رک، مان مڙئي ڪنهن نه ڪنهن کان اوڌر وٺي وڃي ڪراچي نڪرندس، منهنجو خيال نه ڪر." هو ڪٽ ڏئي پئسا اڇلائي وڃي منهنجي هنڌ تي ڪري ٿو ۽ سندس نيڻ ڇلڪي پون ٿا

"منظور، ڳالهه ٻڌ، ڪجهه پئسا گهرجن، ٻه-ٽي ڏينهن اڳ ڪري ڪراچيءَ پهچڻو آهي." ويچاري صورت سان منظور ڏي ڏسي ٿو.

"يار پاڻ وٽ نه پئسو به ڪونهي، ڪنهن ٻئي کان اڌارا وٺي ڏيانءِ، پر ڏڃان ٿو ته هي ٻيري به اڳي وانگر ڪندين. ٻن مهينن کان پوءِ ڳالهه ياد پوندءِ، مون کي ٻين آڏو ذليل ڪري وجهندين!"

"هن ڀيري ائين ڪونه ٿيندو منظور."

"سدائين ائين چوندو آهين. رڙائي رڙائي پوءِ ڏيندين"

"نه؛ هاڻي ائين ٿئي ته پوءِ هميشه لاءِ اهو سلسلو ختم سمجهه، دلجاءِ ڪر وڃڻ سان موڪلي ڏيندو مانءِ."

"چڱو مان ڪوشش ڪندس."

"نه ڪوشش نه، ڪنهن به حالت ۾ همٿ ڪري ڏيڻا ائٿي. مون کي ڪراچيءَ پهچڻ ڏي. باقي تون ٻي ڳالهه جو ڪوئي خيال نه ڪر."

"پر ٻيلي مڙس تڃاڻءِ، ائين نه ٿئي جو مان ٻين ۾ ڏٺو ٿيان."

"نہ نہ، تون خاطري ڪر."

So you are going to your paradise.

"پيراڊائيز! هون! پنهنجي جنت. حراميءَ ڪڏهن هتي جي حالت ڏٺي هجي ته ائين چوي ٿي نه سمجهي ٿو ته ڄڻ مصيبتن جو ٺيڪو ڪراچيءَ ڏني ڪنو آهي. هتي هجي ته خبر پويس ته سان جنت ۾ آهيان يا دوزخ ۾!"

پهريائين هن کي پنهنجي دوست تي سخت سڻيان لڳي: پر پوءِ هن کي لڳو ته ان ۾ هن جي دوست جو ڪهڙو به قسم جو ڏوهه نه هو. ڏوهه ته هن جو پنهنجو آهي. ڇاڻندي به ڪراچيءَ مان ڀڄي ڪٿندي، هن به ته ائين ٿي محسوس ڪيو هو نه، ته سچ پچ پنهنجي پيراڊائز ڏانهن ٿو وڃي. اها جنت، جتي وڃي سڪون نصيب ٿيندس، جتي آنند ماڻيندو. آنند، جنهن جو ڪراچيءَ جهڙي شهر ۾ تصور ٿي نٿو ڪري سگهجي. ها، اها هن جي ڀل هئي. نه، ان کي ڀل نه پر چشم پوشي چئڻ گهرجي. خبر هوندي به هو ائين ڪندو آهي. اصل ماڻهو کي اهو زوري ڀانور ڪرائيندو آهي يا ڪٿي ائين چئجي ته اهو ميڙائيندو آهي، ۽ سڪون ماڻڻ جو مزو وٺندو آهي. هن کي لڳو ته اها انساني فطرت آهي ته هو پاڻ کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪاڪ محل جوڙيندا آهن ۽ ان ۾ ڪا

موسل ويهاري چڙهندا آهن، ۽ اڏين ڪري خوشي ماڻي مصيبتن ۽ تڪليفن کان چند لمحن لاءِ (خيالي ئي سهي) پاڻ آجو ڪري سگهن ٿا. حاصل ڪرڻ چاهيندا آهن. نه ته هن ڪي ته اڳ ۾ ئي اها خبر هئي ته گوٺ ۾ اهو هنن ڪيئن گذرندو؟ پر پوءِ به هن هميشه جيان اهو سچي ورتو هو، ته اتي حالتن بدلجي ويون هونديون ۽ ان سلسلي ۾ اهو به يقين ڪري ورتو هئائين ته اتي وڃي هاڻي سک ماڻيندو سک جيڪو هن کان ڪسيل آهي، ڦريل آهي، جيڪو هن کي ڪٿي به اڃا تائين ملي نه سگهندو آهي، جنهن کي هن هر هنڌ هر جاءِ هر وقت حاصل ڪرڻ جي سڌ ڪئي آهي، ملڻ جو واهه ڪري وڏيڪ دک پورگهو آهي. هاڻي به هو اهو محسوس ڪري رهيو آهي ڪراچي وڃي سک ماڻيندو جيتوڻيڪ هن کي خبر آهي ته ڪراچي وڃي ڪري جهنم ۾ داخل ٿيندو وري به ساڳين مصيبتن ۾ ڦاسندو پوءِ به هن کي اڏين ٿو لڳي ته اتي وڃي هڪڙي نئين زندگيءَ جي شروعات ڪندو. نئين زندگي، پرسڪون، پر لطف، شاندار زندگي! هن جي چهري تي هڪڙي مرڪ ڦهلجي وڃي ٿي

جاويد او جاويد!

ڇاهي؟ ننڍ مان ٿو اٿارين!

ننڍ مان ٿو اٿاريانءِ، ڪمال آ سج چڙهي آيو آهي.

تڏهن بہ خانصاحب ستو پيو آهين. بابا اٿي ماني پچاءِ اسان تنهنجا نوڪر ڪونہ آهيون، جو تنهنجي واري جو ڪم بہ اسان ڪري ڏيون.

بيمار ماڻهن کي بخار ٿيندو آهي، تون ٿي ڪٽي پڇاءِ، شام جو ماني مان ڪندس، تڏهن بہ تہ اڃا اکيون آئي هئي.

بابا اهي نخرا هتي ڪونہ هلندا. ماني اٿي ڪر تہ واهہ نہ تہ وڃي هوٽلون خيال تہ خبر پوئي تہ گهڻي وهين سٺو آهي!

چڱو ناراض نہ ٿيءُ مان ماني ڪيان ٿو.

جاويد!

هون.

پگهار ملندي؟

نہ يار اڃان ڪانہ ملي آهي.

يار ڪمال آهي! ٻين کي ملي وئي، باقي دوستن جي دشمني اٿن. بابا مسواڙ ڏيڻي اٿئي، ڪٿان بہ پئسا آڻي پورا ڪر

يار اهڙو ڇو ٿيو آهين! پئسا هجن ها تہ مان ڏيانءِ خبر اٿئي راتوڪي ڪاڏي ٿي آهيان ۽ مٿان اڃا رات ٿي آهي، تڏهن بہ ڪو آسرو ڪونهي؟ تون وري پيو....

پر جاويد، مان تنهنجي بڪ سان بدل ڪونہ آهيان بابا اٿين ڪم ڪونہ ٿيندو، جي رهڻو اٿئي تہ پئسا

هلاءِ نہ ته وٽ ٽڪيٽ، پيا به ڪوڙ پارٽنر ڏسي رهڻ
لاءِ پيا اپلاءِ ڪن، رکو ٿون ڪولهمن هڪ ايترو مستو
رهاياڻه، متان وري ....

ناراض نہ ٿي يار، مان ڪٿان نہ ڪٿان پيسن جو
بلو ڪري ٿو وٺان،

هٿ ڪجاڻه ڪنهن به صورت ۾ نه ته هتان پنهنجا
ٽپڙ پڌه

●

غلام محمد!

چاهي

ڪم چوانه ڪندين؟

ڪهڙو ڪم؟

يار اڄ وري هٿ پير سڙڻ لڳا آهن. مهرباني ڪري
اسٽور تان هي دوا ته وٺي آئي ڏي. منهنجو متو ٿو ڦري
نه ته جيڪر مان پاڻ ئي وٺي اچان ها.

ها ها مون کان اهو ڪم ڪونه پڇنده، مان پاڻ
توکان وڌيڪ ڏڪل آهيان. اهڙو شوق اٿئي ته پنهنجن
چنگهن کان ڪم وٺ. مان سمهان ٿو، متان جاڳائين ....

●

جاويد

هون

چا ٿون ڪرين

پڙهان پيو

پڻ، هاڻي اهو پڙهڻ پڙهڻ ڇڏ. مون کي ننڊ ٿي اچي مهرباني ڪري بتي وساءِ.

پر اڃا ته ڏهه ٿيا آهن. هيترن ڏينهن ۾ اڄ ڏي ته پڙهڻ لاءِ ٽائيم مليو اٿم.

بابا مان چوانءِ ٿو مون کي روشنيءَ ۾ ننڊ ڪانه ايندي آهي. پڙهڻ جو ايڏو شوق اٿئي، ته وڃي پنهنجي لاءِ ڪا خلاصي جاءِ هٿ ڪر هيءَ منهنجي جاءِ آهي ۽ هتي منهنجي ئي هلندي. سمجهئي يا....

ارباب!

ڇئه

يار اڄ ته هڪڙي مهرباني ڪجانءِ

ڪهڙي؟

يار منهنجا مهمان آيا آهن. انهن کي مان پاڻ واري کٽ ڏيندس تون مون کي پاڻ سان سمهڻ ڏجانءِ. مڙئي هڪ رات جو مسئلو آهي، ڏکي سکي گذري ويندي.

نه بابا، مون کي ٻئي سان گڏ سمهڻ ۾ آرام ڪونه ايندو. تون وڃي پنهنجي لاءِ ڪو ٻيو بلو ڪر

ان ڏينهن تنهنجا مهمان آيا هئا ته مون سان ڪونه سمهيو هئين؟ ٻڙس ٿيءُ، اٿين نه ڪر ني، مهمان ڇا چوندا؟

تون وري يار عجيب ڳالهيون ٿو ڪرين، هڪڙو پنهنجي جاءِ ۾ رهايون، ٻيو وري اهي نخرا. اهو آهي

ڪنهن سان چڱائي ڪرڻ جو بدلو؟

ڪشور ڳالهه ته ٻڌ.

چئه.

جاويد ته ڪڏهن ڪا فلم ڪو نه ڏيکاري اٿئي نه؟

اهو سڄو فلم چا ڏيکاريندو! پاڻ ته پالي، هڪڙي جوڙي کي به سڄو هفتو تو هلائي. ڏس ڪپڙا ڪهڙا ٿي ويا اٿس. ماريو جهڙو پنگي. ٻڌي به نٿو مري!

اڙي هوريان ڳالهاءِ ته ٻڌي نه وٺي.

ٻڌندو ته وري چا ڪندو. مان ڪوڙ ته ڪا نه ٿي ڳالهايان، تون ئي چئه اٿس ڪو افعال؟

ها اهو ته سچ آهي، تڏهن ته ڪا به چوڪري لفٽ ئي ڪا نه ٿي ڏئيس نه؟

چوڪرين جو اٿو ڪٿو آهي، جو اهڙي پنگيءَ کي منهن لڳائيندبون. باقي نازلي جي تون مهربان ٿئينس ته بي ڳالهه آ.

منهنجي مهربان ٿئيس جتي، مان اهڙي ڪنجوس تي ڪنگهان به ڪو نه. تون ٿي مون کي ائين چئين. دنيا چا ڪٿي آهي. ڪلي ڳالهاءِ ته سيئي مرد پيرن ۾.

جاويد اڙي جاويد.

جيءُ... چا ڪئي؟

جد نڪر، مون کي وهنجڻو آهي. اج نوشيءَ

سان پروگرام آهي، دير ڪيم ته ناراض ٿي ويندي.

ٿورو ترس، باقي به ڪپڙا وڃي بچيا آهن. منٽن ۾ ٿو ڌوئي وٺان.

نه بابا، پري ٿيءُ — مون کي تڙ ڪرڻ ڏي، پوءِ ڌوئجانءِ اهي ڪپڙا.

صبح جو به تڙ ڪيو هئي نه.

ته پوءِ هاڻي نه ڪيان. اٿي اٿي جلد ڪر نڪر.

جاويد!

هون.

يڪو غسلخاني ۾ ڇا پئي ڪيئي؟

”..........!“

اڙي مري ويندين ڇورا! پيسا ڪڍ، ڪوڙ ڇوريون. ڪراچيءَ جهڙو شهر، جتي ڇورين جو سمنڊ ٿو وهي، اتي به تون پياسو...!؟

ڇورين تي پيسا خرچ ڪريان ته گهر ڇا موڪليان. پاڻ ڇا کاوان بک مرڻو ته ڪونهي؟

اڙي پوءِ ڪا چڱي نوڪري هٿ ڪر نه. ائين ته مري ويندين. ڏس ته ليڙ ڪتيڙ ٿي ويو آهين.

چڱي نوڪريءَ لاءِ سفارش ۽ پيسو ڪٿان اچي، اهو سوچيو به اٿي.

ته بابا پاڻ ڄاڻ، مون سان ڇو ٿو وڙهين!

سر. توهان سڏايو؟

مسٽر جاويد، توکي نوڪري ڪرڻي ناهي ڇا؟

سر.

سر ڇا، اڄ به دير ڪري آيو آهين. مون کان اهو برداشت ٿي نه سگهندو.

سر صبح جو ماني ڪرڻي ٿي پوي. وري بس جو اوسيئڙو. بسون اهڙيون پريون ٿيون اچن، جو لڙڪڻ جي جاءِ به نه ٿي ملي، سر.........

بِس، مان بهانن سان ٻڌل ناهيان. آئينده ائين ٿيو ته پگهار ڪٽجڻ کان به وڌيڪ سزا ملندئي، اهو ذهن ۾ ويهاري ڇڏ، ته هيءَ ڪراچي آهي، تنهنجي سنڌ ناهي!

ييس سر.

جاويد سنڌ ٿو وڃين؟

سنڌ ٿو وڃان! ته ڪراچي سنڌ ناهي ڇا؟

ڪراچي وري سنڌ ڇا جي آهي، ڪراچيءَ جي الڳ حيثيت آهي مسٽر جاويد.

پائي سنڌي ڪراچيءَ کي ڪاڻي ويا، جيڏانهن ڏس اتي سنڌي حاضر.

هي پنهنجي حڪومت اٿن، مستيون ڪرڻ ڏين، باقي سنڌ ان حڪومت ڏهي، ته اُڙا موچڙا هڻنداسين جو وري ڪراچيءَ ڏانهن منهن نه ڪندا.

اڙي هوريان ڳالهاءِ ڪو سنڌي.... ويٺو نہ هجي بس ۾.

هن سان ملو، هي مسٽر جاويد آهي، سنڌ کان هتي آيو آهي، پنهنجي حڪومت ۾ آن، تڏهن هتي ڪراچيءَ جهڙي شهر ۾ نوڪري ملي اٿس، نہ تہ هن ويچاري تہ خواب ۾ بہ ڪراچي نہ ڏٺي هوندي. ها ها.... ها! مسٽر جاويد، مان چرچو پيو ڪيان. Dont mind it

---

ڇا ٿو ڳولين جاويد؟
ماني ڪا نہ ٿي نظر اچي!
نہ اڄ ڪونہ ڪئي اٿسي.
ڇو؟
بابا بس پئسا ختم ٿي ويا. هاڻي سيڪو وچي پنهنجو بندوبست پاڻ ڪري.
ماري ڇڏيو، پگهار ۾ اڃا ايترا ڏينهن بيا آهن. هاڻي ڇا ٿيندو؟ اودر بہ تہ وڏي مصيبت ۽ ذلت کٿو کان پوءِ ٿي ملي. يلا سدائين ايڏو جلدي ميس جا پئسا ڪيئن ٿا ختم ٿي وڃن؟
ڪيئن تا ختم ٿي وڃن! يعني مان تو کپائي ڇڏيان؟ اها آهي شرافت، رهندو مون تي الزام تو هڻين!
يار تون هن ڳالهہ انهيءَ طرف ڇو کڻي ويندو

آهين، ڪڏهن ڳالهه جو مطلب سمجهڻ جي ڪوشش ٻه ته ڪندو ڪر.

يعني مان پوڪ آهيان ۽ تون....

يار منهنجو اهو مطلب ناهي. خير ڇڏ انهيءَ ڳالهه کي، اڳتي مون کان اهڙي غلطي ڪا نه ٿيندي. مان....

ڇڱو هاڻي مٿو نه کاءُ، جان ڇڏ.

”هونءَ مان وڏو ذليل آهيان. وڏو ڪميڻو، اصل نؤد. ڪراچيءَ وڃڻ لاءِ تنگ پيو ڇنان. صبح کان وٺي ڪيڏي نه خوشي شروع ٿي وئي آهي. ڇڏ اتي وڃي ڪو لڪل خزانو لهندس. نئين زندگيءَ جي شروعات - پر لطف - پر سڪون - شاندار زندگي ۽ ڪراچيءَ هوندي ايڏي خوشفهمي!“

هن ڪي پنهنجو پاڻ تي ڏاڍي ڪاوڙ اچي وئي. هن جا ٻئي هٿ پنهنجن ڊگهن وارن ۾ کپي ويا. هن وارن کي ائين سٽ ڏني ڄڻ اهي وار هن جا نه پر ڪنهن دشمن جا هجن. وارن پٽجڻ تي ڇرڪي هن وارن مان هٿ ڪڍي ڇڏيا. نئين زندگيءَ جي شروعات ڪرڻ ۽ پراڻي زندگيءَ جي لاش کي دفنائڻ لاءِ انسان ڪيڏو نه پوڳي ٿو. اهو سوچي هن جي چهري تي ويچارپ واري اداس مرڪ اچي وئي. هن سوچيو، ٻر اها نئين زندگي شروع ٿي نه ٿئي! اها پراڻي بيزار

کنڊڙ زندگي ڪراچيءَ ۾ هجي، ڳوٺ ۾ هجي يا ڪٿي به- ڇچڙ جيان چنبڙيل جند ڇڏڻ جو نالو ئي نه. ڪيس لڳو ته سندس اهڙا سوچ، ته ڪاڏيءَ وڃي شانتي ماڻيندو، هڪ خيال کان وڌيڪ ڪجهه ناهي؛ رڳي انسنو آهي. اتي ڀڄڻ سان ساڳيون ذلتون، ساڳيو احساس جو ڏنگ سهڻو پوندس. ساڳي هر شيءِ لاءِ سڪڻو پوندس.

"نڪا چڱي نوڪري ئي ملي، نه ئي ڪو آسرو يا اميد آهي! اميد به ڪهڙي رکان! ان پوزيشن ۾ به نه نياهيان، ته ڪنهن وڏيري کي ڪنهن لالچ ۾ ڦاسائي ڪا چڱي نوڪري هٿ ڪيان. نه، سٺي نوڪري مون کي ڪانه ملندي. اها اميد رکڻ پاڳلپڻو آهي، بيوقوفي آهي ۽ خوشفهمي. هن حالت ۾ ڪراچيءَ ۾ رهڻ اجا به وڏي چريائپ."

هن کي ڪراچيءَ تي ڪِڪ اچڻ لڳا ۽ انهيءَ تي جنهن ۾ نوڪري ملڻ تي هن وڏي خوشي محسوس ڪئي هئي. جنهن سان هو ڪئين اميدون رکي آيو هو ۽ جتي هن کي ذلتون سهڻيون پيون آهن. جتي نه پنهنجو گهر ٿو وٺي سگهي ۽ نه ڪو سٺو پارٽنر ٿو مليس. جيترا پارٽنر بدلايا اٿئين، انهن ۾ ڪو به فرق ڪو نه. جيترا گهر مٽايا اٿئين، انهن ۾ به ڪوئي فرق ڪو نه. هر هنڌ ساڳي ڪار، هر هنڌ گهر نه هجڻ ڪري طعنا ۽ ڌڪا. ذليل ٿيڻ. جتي به ويندو

آهي اتي. نئين بدمعاشي، نئين ذات جو منهن ڏٺو اٿائين. هڪ ٻنهي جن جا سور ٻيو ڪراچيءَ ۾ هر هنڌ ڏاريائپ جو احساس، جيڪو وک وک تي نه رڳو محسوس ڪيو اٿائين، پر ڪرايو ويو اٿس. نه، ڪراچي ڪو نه ويندس. جهنم ۾ وڃي ٻيو ڪراچي. هتي ڳوٺ ۾ ئي رهندس. ها ڳوٺ ۾ ئي...

ڪن پل ڪاڻ هن خوشي محسوس ڪئي، پر وري هن جي خوشيءَ کي موت اچي ويو. هن کي ياد آيو ته گهر ٽوٽي ڳوٺ، هن لاءِ دوزخ کان گهٽ ناهن. ڪراچيءَ ۾ ته هن کي نوڪري ملي سگهي آهي، پر هتي ته پنهوالي يا بيلداريءَ جو آسرو به رکي نٿو سگهجي. سيٺي جا ڍيون ڀريون ٻيون آهن. ڳوٺ ۾ بيروزگار رهڻ، ۽ ان بيروزگاريءَ کان پوءِ جون ذلتون گهر وارن جي ذري ذري تي ڦٽ لعنت، جنهن مان هن الائي ڪيئن جند آزاد ڪرائي هئي وري شروع ٿي ويندي ۽ اهو هن کان سٺو نه ٿيندو. هن کي خبر آهي ته سندس سپاءُ ڪيس اٿين ڪرڻ نه ڏيندو. ڪيس لڳو ته ڪراچيءَ وڃڻ ٿي هن لاءِ نيڪ رهندو ۽ هتان کان، انهيءَ بدمعاش پارٽنر شاڻلاڪ سمان زندگيءَ جو تياس ٽٽڻ ئي مناسب نيندو، جنهن کان سواءِ هن لاءِ ٻيو ڪو رستو ڪونهي.

”پر مان شاڻلاڪ سان وڌيڪ رهي ڪو نه سگهندس. انتها درجي جو ڪريل آهي. سيٺڪو، آڱوٺي شاپ.

هر وقت منهن تي لعنت وسندڙ. ذليل. خود غرض.“

هن سوچيو ته هاڻي هو ڪنهن به ئي سان رهندو. انهيءَ ڳالهه هن کي خوشي ھڪي ڪئي، پر هن کي وري ياد آيو ته اتي سڀ ھڪجهڙا آهن. ٻٽيا آهن، يا ٻٽايا ويا آهن. سڀ ھڪجهڙا خود غرض، لالچي، ڪميڻا، ماڻهپي جي ڏپ کان سواءِ.

نه ڪراچيءَ ڪنهن به صورت ۾ نه ويندس ـ ته پوءِ ڪاڏي وڃان؟ ڳوٺ، نه! ڪراچي، نه! ته ڪيڏانهن وڃان!؟

مون کي يقين آهي ته جتي به ويندس اتي اهي حالتون، ذلتون، محروميون جند نه ڇڏينديون، ۽ اهو سڀڪجهه منهنجي ذليل طبيعت ڪري ئي آهي.

”الا ڏاهي ۾ ٿيان. ڏاهيون ڏک ڏسن.“

ها، مون جهڙو حساس هنن حالتن ۾ رهي نه سگهندو. پاڻ ايڊجسٽ ڪري نه سگهندو. ته پوءِ ڪهڙو رستو اختيار ڪيان؟ ڪهڙو!؟

هو ڪافي دير تائين منجهيو ويٺو رهيو. ڪو به حل ڳولهي نه سگهيو. ڪا به روشني ڏسي نه سگهيو. سندس نهار وهندڙ واهه تي هئي، جيڪو هاڻي اوندهه ڪري ڪارسرو ٿيندو ٿي ويو.

ها هڪ رستو آهي. آخري رستو. جيڪو مون کي اختيار ڪرڻ گهرجي يا ڪرڻو پوندو. خودڪشي .... ها آپگهات ئي سڀني مرضن جي دوا آهي ۽ مون

کي اها دوا استعمال ڪرڻ گهرجي. ان ۾ ئي بهتري آهي. ٻي ڪا واٽ ڪانهي. تسارو ڪ مدو ائين ڪيو نه؟ واهه جي ڳالهه ڪيائين:

I prefer to die rather than live a life of shame

ها مون کي به ائين ڪرڻ کپي. ان شرمسار زندگيءَ مان ائين ڇوٽڪارو ملندو. اهوئي واحد طريقو آهي. "موت ۾ ابدي سڪون آهي." ڪيڏي نه شاندار فلاسافي آهي. ان مسئلي جو حل. هر مونجهاري جو ختمو. انهيءَ ۾ آهي. شانتي ئي شانتي. مڪتي، هميشه لاءِ مڪتي!

پر مان اجا مانڪو ڇو وٺو آهيان!؟

ڇو!

ڇو؟

شايد مان ٻڇان ٿو. گهڻي. يا اجا جيون سڌرڻ جي آس! نئين شروعات جي اميد. جيتوڻيڪ مون کي ڄاڻ آهي ته اهو سڀ ڪجهه سوچڻ اجايو آهي. واريءَ تي ڪوٽ اڏجي نٿو سگهجي....

پوءِ به جيئڻ ٿو چاهيان!... هيتري واهيات، ذليل ۽ ڪريل زندگي- پوءِ به زنده رهڻ جي چاهنا. پوءِ جيئڻ سان پريم!....؟....نه هاڻي مون کي حياتي ڪونه کپي. ڪونه گهرجي هيءَ جيون. واهيات.... پر منهنجي خودڪشيءَ سان گهر جي ڇا حالت ٿيندي؟

بابي سان ڇا ورتو؟ پيسر ۽ پيرن جو انيڙر ڪيڏو

نه اونداهو ٿي ويندو؟ هن کي ڪجهه نه ڏنو اٿم پوءِ به ته هن جون اميدون، آسون ۽ تمنائون مون سان لاڳو آهن نه؟ هنه هنه....هه....نه....

هو پاڻ تي ڪلڻ لڳو.

وري ڏس، ڪهڙا نه آرگيومينٽ ٺاهڻ شروع ڪيا اٿم. اصل مان پاڻ ذليل آهيان. مون ۾ ايڏي اخلاقي جرئت آهي ڪانه. ڇو؟.... ها گيدي آهيان. انهيءَ شيءِ کان ٿو ڊڄان، جيڪا نه ڪڏهن ٿئي ته هوندي به اڇي آهي. ته پوءِ جڏهن هن زندگيءَ ۾ ڪابه سونهن، ڪابه سرهاڻ ڪانهي، ته موت اچڻ کان اڳ ان جي آجيان ڇونه ڪرڻ کپي. مصيبتن مان پاڻ ئي پنهنجي جند آزاد ڇونه ڪجي؟ ڪنهن شيءِ جي انتظار جو فائدو ڪهڙو آهي؟ فائدو به ڪهڙو آهي؟..

مونجهه–

ها آپگهات ئي–

پوءِ؟....

ڳوٺ ۾ رهان؟ ڳو....

ڳوٺ ۾ وري.... ڀلا ڪراچيءَ ۾ وري..

نه ڪراچيءَ ۾....

ته ڪاڏي وڃان؟ ڪجهه نه ڪرڻ کپي. ڪو نه ڇوڪرو هجي. ڪو نه هوندو.

ڪهڙو آهي!؟

ڇا ڪمان! هان؟...

آڳڙات.... ڳوٺ.... ڪراچي....
آ.... ڳ.... ڪ.... ڳ.... ڪ.... آ....؟
آخر ڇا ڪرڻ ڪپي؟ ڪجهہ تہ ڪرڻ ئي ڪپي.
ڪو بہ هڪ فيصلو.... ها، ڪو بہ هڪ.... پر ڪهڙو؟
ڪاڏي وڃان؟ ڇا ڪريان؟
انهيءَ پل تي منجهيو ويٺو آهي.
سوچ لوچ ۽ اُند ماند جي ٿياس ۾ ٽنگيل هو!

SOORIH SINDHI ADAB

هي ڪتاب نظام عباسيءَ ڇپرايو

ڇپجڻ جي تاريخ

۵ آڪٽوبر ۱۹۷۹ع

SOORIH SINDHI ADAB

اسانجا جلد شايع ٿيندڙ ڪتاب

پٿر جهڙا انسان

نظام عباسيءَ جي ڪهاڻين جو مجموعو

صفحا اٽڪل ١١٢ قيمت ٥ روپيه

سنڌي ڪهاڻيون — جلد پهريون

هي ڪتاب هڪ هزار صفحن تي مشتمل هوندو

جنهن جو پهريون جلد شايع ٿي ٿيو.

صفحا (پهريون حصو) ١٥٠ قيمت ٨ روپيه

رابيل نئين ترتيب سان

صفحا اٽڪل ٦٠ (سائيز $\frac{22\times30}{4}$)

قيمت ٦ روپيه

پنهنجو آرڊر جلد بڪ ڪرايو

رابيل پبليڪيشن پوسٽ باڪس ٦١، لاڙڪاڻو

SOORIH SINDHI ADAB

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اويار

0344 3919786

0300 3404488